ناز و انداز



ہندوچاند آنند



ناز و انداز

ہندو جانند "آنند"

سدا آنند پبلیکیشن

A/46، سیما اپارٹمینٹ،

الہاس نگر-421 002.

فون نمبر: 72142

ڪهاڻي سلسلو

1- ٻوڙ و واهه	5
2- منهنجو فيصلو	24
3- نازو انداز	34
4- ڇا ٿيندو...؟	49
5- اڇا اوشدا	68
6- ٻي شادي	77
7- ٻهراون وچن	97
8- منگل سوڙو	113
9- ٻي گداهه ڏوهي	113
10- هاءِ سوسائٽي	125

NAAZ - O - ANDAAZ

(Sindhi Short Stories)

By: HINDUJA NAND "ANAND"
Published by: Raviraj N. Hinduja
for Sadanand Publication, A/46, Seema Apartments,
Ulhasnagar-421 002.
Sole Agent: Jagdish Book Depot
Japani Bazar, Ulhasnagar-421 002.
Tel : 70455
Printed by: Shri Ishwardas V. Jadwani
at Raju Printers, Station Road, Ulhasnagar-3.
Price: Rupees Forty (Rs. 40/-)
Year: June 1992

نـاز و انـداز

(سنڌي شارٽ اسٽوريز)

ليکڪ : هندوجا نند ”آنند“
پبلشر : روي راج اين. هندوجا
پاران : سدا آنند پبليڪيشن، A/46، سيما اپارٽمينٽ،
الهاسنگر-421 002. فون:- 72142
سول ايجنٽ : جگديش بوڪ ڊيپو
جپاني بزار، الهاسنگر-421 002.
فون : 70455
ڇپيندڙ : شري ايشورداس وي. جادواڻي
راجو پرنٽرس، اسٽيشن روڊ، الهاسنگر-3.
قيمت : چاليه (40) روپيا
سال : جون 1992



ٻه اکر....

هر ڪهاڻيءَ بابت

”آنند“ جي ڪهاڻين پڙهڻ جو پهريون شرف اڪثر مون کي ملندو آهي. جڏهن جڏهن ڪا رچنا پوري ڪندا آهن ته پوءِ پڙهڻ يا ٻڌڻ بعد، ازخود اهو سوال اول ڪندي آهيان ته ڇا اها آکاڻي حقيقت آهي؟

تڏهن هو کلي چوندا آهن، ”ها، بلڪل حقيقت آهي، مگر اڻ افسانو نه آهي....“

آءٌ آنند جي جي قريب هوندي ڄاڻان ٿي ته هنن ڪهاڻين منجهان ڪيترين بيان ڪيل ڪهاڻيون بلڪل هن ارد گرد ماحول ۾ ڪن ٻين جي عزيزن مٽن ۾ اهڙيون گهٽنائون ٿي گذريون آهن. هونءَ به ڪهاڻين جون گهٽنائون ته عالم آشڪار ٿينديون آهن، رڳو پيشڪش، بيان ۽ نازو انداز نرالو هوندو آهي، اها ٿي لکي ”آنند“ جي آکاڻين جي خوبي آهي، جهڙيڪري هن جي هر رچنا پياري ۽ وڻندڙ آهي.

هن جون ڪهاڻيون سچ جي بنياد تي ٻڌل آهن، گهڻي قدر هر ڪهاڻيءَ جو مرڪزي خيال پيار آهي، مگر هر ڪهاڻي جي چوگرد مسئلا سماجڪ، سياسي ۽ آرٿڪ اڻارل آهن، هن

ساٿيو،

هن ڪان اڳ، ”پرواز“ ۽ ”همراز“ ڪهاڻين جا ٻه سلسلا، مون پيش ڪيا آهن، جيڪي چڱا مقبول ويا آهن. انهن منجهان هڪ آڪاڻيءَ جو ترجمو آمريڪا جي ”وائيز آف ايشيا“ مخزن ۾ ٿيو آهي ۽ ٻي هڪ ڪهاڻيءَ جي آڌار تي بمبئي جي فاءِ ڊگرس فلمس طوفان ”ڪمانڊو“ سنڌي ڀورين واڌيو فلم تيار ڪئي وئي آهي ۽ هاڻي ...... ”نازو انداز“ ڪهاڻين جو مجموعو اوهان جي سامهون آهي. هن ڪتاب جون ڪهاڻيون گهڻي قدر سال 1991 جي درميان لکيون ويون آهن. هي ڪهاڻيون به حقيقت جو بنياد ڪري افساني انداز ۾ بيان ڪيل آهن...

قوين مان :

هندو جا نند ”آنند“

(5 اپريل 1992

سنڌونگر-2)



ڇا ٿيندو؟...

ڪيترين گهٽنائن، اتفاقن ۽ حادثن جو جواب ماڻهوءَ جي اختيار ۾ ڪونهي، هي حياتي هڪ سفر آهي، راهيءَ کي ڪڏهن ۽ ڪهڙي قدم تي ڇا ڏسڻو آهي، اُنهيءَ کان نہ ماڻهو بي خبر آهي. شاهہ صاحب بہ اهڙوئي ڪجهہ فرمايو آهي تہ ”واڳ ڌڻيءَ انهيءَ وس.“ ٿڪيون اڏهن فرق ڪن، جڏهن امر ٿي آنءُ جو...“ پر مجبور ماڻهو حالتن ۾ ششدر ٿـي، پنهنجي اندر کان سوال ڪندو رهي ٿو تہ هاڻي ڇا ٿيندو...؟

اِڇا ترشنا

گيڙوئا ويس ڌارڻ سان، يا گيان جي فقط ٻولي ٻولڻ سان ماڻهو ڇا پنهنجي من، ٻڌيءَ کي ٿيرائي سگهي ٿو..؟ اِڇائون، ترشنائون انسان کي، جوڳين کي، گيانين کي بہ ڪڏهن ڀوڳنا ڀوڳائن ٿيون... اِڇا ترشنائن جي ڄار ۾ ڪيترن اِنسان ڦاسي ٿو ۽ ڪيترن ئي موت مري ٿو... اهڙو سوال اوهان اڳيان آهي...

ٻي شادي

جيون ۾ پهرين شادي تہ ڌرم سمجهي وڃي ٿي. مگر ٻي شادي... مجبوري، مزو، مسوڪتا ۽ مسئلو ٿيو وڃي ٿو. ليڪن ڏسجي تہ شادي پهرين هجي، ڀلا ٻي، ليڪن شادي هڪ حادثو هڪ اتفاق آهي ۽ ٻي شادي پڻين ٻين مسئلن کي پيدا ڪري ٿي ۽ پيدا ڪري ٿي ڪيترا سوال...

پهريون وچن

راجا دشرٿ پنهنجي ڪيڪئيءَ کي ٻہ وچن ڏنا هئا، ليڪن پهرين وچن پالنا ئي سمپورڻ رامائڻ کي جنم ڏنو. هن ”پهرين وچن“ ڪهاڻيءَ بہ هڪ نئين لڳ جي نئين ڪهاڻيءَ کي پيدا ڪيو آهي. هڪ نئين سماجڪ سياسي سوال کي... اوهان اڳيان آندو آهي.

جي هر رچنا ڪنهن گنڀير معمني جو فقط سوال ٿي آهي، پلا انساني ڪهاڻيون ڪو وگياني تجربو نه، ٿي ڪونه سگهنديون ڇوته انسان جو من حسرتون، خيال ۽ ذهن کي ڪنهن به دائري ۾ وجهي ثابت ڪري نٿو سگهجي ڇوته انسان پاڻ ٿي سمورا نيم، قانون، مريادائون جوڙيون آهن ۽ ٽوڙيون به آهن، جنهن ڪري ڪهاڻين جو جنم ٿيو آهي ۽ ٿيندو رهندو...

آنند جي **ناز و انداز** جي پهرين ڪهاڻي آهي.

پريم وواهه

هن ڌن دولت جي دنيا ۾ پيدا پياو، ساڙ، سوارٿ، وير ورونڌ رکندڙ ماڻهن جي هڪ وڏي جنگ جاري آهي ۽ پيار ڪندڙ دليون به انهيءَ لهس ۾ اچي وڃن ٿيون ليڪن سڪ وارن آڏو مان به راهون کليون آهن ۽ هڪ سوال سماج اڳيان کڙو ڪيو آهي ته پريم رشتو آهي يا جيون مارگ آهي...

منهنجو فيصلو

هن ڪهاڻي ۾ هڪ استري مايا جي چڪر ۾ ڦاسي، پنهنجي پيار، سکون ۽ دل جي قرار جي به پرواهه ڪونه ٿي ڪري، آخر اهڙي ڪردار کي "منهنجو فيصلو" ڪهڙو سوال ٿو ڪري، انهيءَ جو جواب ڪهاڻي ۾ ڪونهي پاڪ اوهانکي ڏيڻو پوندو...

ناز و انداز

عورت پنهنجي ڪشش ۽ نازو انداز جي طلسم سان ڪنهن هوش کي هٿ نه ڪري سگهي ٿي ليڪن ڇا ان کي پنهنجو بڻائي سگهي ٿي... طلسم جو تاثير محبت ۽ من کي ڪيترو متاثر ڪري ٿو، اهو به پيار ۽ تڪرار جي وچ ۾ سوال آهي.



ٻنهي ”پرواز“ ۽ ”همراز“ ڪهاڻين جي ڪتابن بابت ڪن ودوانن ۽ ليکڪن جا رايا.

پيارا مترو نند ”آنند“

مان توهانکي هندواسي ۾ ٻين اخبارن وغيره ۾ پڙهندو آهيان ليڪن هن ان مجموعن ۾ ڇپيل ڪٿي محبت، پيار جون ڪهاڻيون برابر آهن ليڪن لکڻ جي ڪاريگري ۽ عاشقاڻي لکڻ سان گڏوگڏ روزمره جي زندگيءَ جو پڻ آئينو آهن. عشق پيار صرف سيڪس ناهي ليڪن هي وڏي وٿ آهي سمجهي سگهجي ٿي. سمجهي نه ٿي لاچار آهي، هي الائي ڪهڙي بلا آهي جو هن جو رنگ ۽ ونگ ڄاڻيندي به هر انسان هن ۾ رهجي وڃي ٿو، توهان جي ڪهاڻين ۾ خاص منزل، مقصد حاصل ڪرڻ جو به تتو سماءُ آهي. هي ڳوڙهي ڄاڻڪاري رکڻ وارن لاءِ نصيحت آميز آهن. باقي هرهڪ عالم فاضل جو پنهنجو پنهنجو سوچڻ جو الڳ الڳ ذريعو آهي.

نياز مند

موهن اداسي جئپور

منگل سوٽر

هندن جي ٻوڙ ٻولڻ جي سوٽ پڻڻ ڪري "منگل سوٽر" سڏبو وڃي ٿو. مگر منگل سوٽر ڇا هڪ نماءُ جي وسٽو آهي يا جيون سمبنڌ آهي يا ڊاگ بيلٽ (Dog Belt) آهي، اهو سوال آهي... منگل سوٽر ۾... ٻڌو، اها ڪهاڻي جيون ٻرواز جي هڪ ڪڙي آهي...

بي گناهه ڏوهي

قانون جي ڪورٽ ۾ فيصلا ٿين ٿا ۽ انصاف هرويرو ڪونه ٿيندو آهي... ڇو ته قانون جي دلويءَ جي اکين مٿان ڪارو ڪپڙو ٻڌل آهي، جنهن ڪري اڪثر بي ڏوهي گنهگار ثابت ڪيا ويندا آهن... ليڪن ڪڏهن قدرت جي سپريم ڪورٽ جو فيصلو آخرين فتويٰ ٿيڻي وڃي ٿو ۽ اهو فيصلو قانون جي ڪورٽ ۾ سوال پيدا ڪري ٿو..

ها ته، هي سڀ ڪهاڻيون، اوهان اڳيان، سرڪار ۽ قوم سامهون، هناءِ سوسائٽي وارن لاءِ ۽ تمام انسانن لاءِ ڪي سوال پيدا ڪن ٿيون... ۽ جواب جي تلاش ڪير ڪندو، ڪهاڻي ته ڪندي ليکڪ به نه ڪندو... هو انسان کي پنهنجي جستجو جاري رکڻي هوندي.

ساوتري هندوجا

ڀائي مٿو نند لعل هندوجا،

"پرواز" پورو پڙهيو اٿم، "همراز" هٿ ۾ آهي. ساگر جي لهر ۽ ٻيون ڪهاڻيون خوب آهن، اوهان جي رچنائن جو جيترو قدر ڪجي اوترو ٿورو آهي. اوهان جا وچار ڪافي سمجهه ڀريا آهن.

اوهان جو

سندر حشمتراءِ ڀنگلور

پيارا آنند،

توهان جي ٻوليءَ جي روانگي لاءِ ٻلهار آهيان. وچار به سٺا آهن، مون کي سهڻس گول، اها راس، سچ ساڻي، "پرواز" غلط فهمي ۽ "همراز" جهڙن ڪهاڻين ڪافي متاثر ڪيو آهي.

شيوا ۾

نندلعل پرسراماڻي سالمبر اڏيپور

پيارا ڀاءُ نند لعل هندوجا،

اوهان "همراز" ڪتاب، مون کي جنم ڏن تي سوکڙي طور مليو، پيار ڀري سوکڙي مان کي ڪهاڻيون پڙهيون، اوهان جا وچار سٺا ۽ گهڻي قابل ذڪر آهن.

شيوا ۾

ناري گرسهاڻي امبئي

[سيڪتر وڪيل ۽ سچ شيوڪ]

پيارا ڀاءُ آنند،

"پرواز" کان پوءِ "همراز" ساهتڪ سوکڙي ملي. اوهان جي رچنائون اڻٿڪ، دلبر ليز ٿيندي ئي وڃي. نهايت هڪ سٺي جي ڳالهه آهي، شُڀ اڇائن سان. ڪيرت ٻاٻاڻي - امبئي.

شري هداوجا صاحب،

توهان جا ٻئي ڪتاب پرواز ۽ همراز پڙهيا آهن.

اوهان جي "شاديءَ جو اشتهار" ڪهاڻي ۾ نائڪا جي همت وٽي ٻڌ سچ پچ اهڙو انقلابي قدم کڻڻ ضروري آ. پرواز ۾ ڪيترا مباحثي الڳ ويچار اونچا آهن، مثال طور استري ۽ استريءَ سان همدردي ڪون ٿي رکي. "مولڪي اهو سوچي ڪروڙ ٿو اچي ته ٿل ملو ڪل هجي ۽ اهو وڻ ۾ لي سڙي وڃي" ۾ "سهاڳ ڏيهن" سڀ انقلابي ڪهاڻي آهي. "سچڻ سالي" ڪهاڻيءَ کي سنو موڙ آئل آهي. ٻولي سٺي ۽ ويچار اعليٰ آهن... "همراز" ۾ مون کي "ساگر جي لهر" ڪهاڻي پسند وٽي ته چيل زبان سان اڪر... ته قسم ته واعدا ٻڌ ٻيڙيءَ جو لکيل اکر "دونا ساگر" هڪ انتها پيار جو مثال آهي. پيار ايترو مهان ٿي آهي، جسماني رشتي کي ڇڏي ٻاڻ جي اچا ته رکندي ۽ ايترو سمجھه وٽيو... خوب وٽيو...

اندرا پونا والا ٻولا

ٻوا. لند لعل،

پڙهڻ وارن ڇپرائي ۾ شائع ڪيل ڪتاب پرواز ۽ همراز جي پڙهڻ جو موقعو مليو، اهي ڪهاڻيون ڪافي وڻندڙ محسوس ڪيم چاڪاڻ ته. ٻولي تمام سولي ڪم آندل آهي، عاشقي طرز ۽ انداز ۾ لکيل ڪهاڻيون مون جهڙي خوش مزاج انسان کي ڪافي وڻيون. ڪهاڻيون پڙهندي ڪنهن وقت ٻاڻ کي ۽ ٻائون جي وچ ۾ محسوس ڪندي ڏاڍو آنند مليو.

وڌيڪ شڀ ڪامنائون.

تنهنجو

حشو پارواڻي سندونگر-١

نهايت پيار ۽ پوءِ لطف آهي. ان لاءِ ٽيمدڙ اثر کي قلم بند ڪرڻ
جي توهان جي ڪوشش مبارڪ آهي.
آشا درگاپوري - جئپور

توهانجو "همراز" مليو، ڪٿهن ڪٿهن اهڙين محسوس ٿيندو آهي ته اسان جي سنڌي ساهتيه جو آئينده انڌڪار ۾ آهي پر اوهان جو امنگهه ۽ اتساهه وارا ڪتاب ڏسي لڳي ٿو ته منهنجي ٻولي امر آهي. "همراز" پڙهي ڪري آءٌ پاڻ کي اڃا وڌيڪ پاوهين سالن جو سمجهڻ لڳس...
توهان جو دوست **پرمانند هندوجا**

پريه ڀاءُ آنند،
توهان جو ڪتاب "پرواز" پڙهيو هيو، هاڻي "همراز" پڙهيم، منهنجي ٽائيٽل ڪهاڻي ته... ڪافي وڏي آهي، سنڌ جي ياد ڪڍي آئي آهي، زميداري پارن جو عيش آرام ڪراچي بندر جو نظارو اکين سامهون اچي ويو، لڳي پيو آءٌ پنهنجي ملڪ کي الوداع ڪري رهي هيس... زندگي سچ راز جو راز آهي... بس راز ئي رهڻ گهرجي.
پروفيسر **ايشور جوتواڻي** - پونا

پريه نند،
پنهنجي پروفيشن مان بلڪل وقت نه ملندو آهي جو ساهتيه پڙهان، وڃهڙائي ۾ نه سنڌي ادب پڙهيو ئي ڪريهي. پر توهان جي ٻنهي ڪتابن "همراز ۽ پرواز" جون سمورون آکاڻيون، هڪ هڪ دفعي ڪان وڌيڪ پڙهيون آهن، اوهانجي ٻولي، ويچار ۽ ڪهاڻي جو پيش ڪش (Presention) سچ پچ لاجواب آهي.
الله ميراچنداڻي ايڊوڪيٽ هاءِ ڪورٽ

پيارا نند "آنند"

"پرواز" کان پوءِ "همراز" ڪتابڙو نه انمول پستڪ آهي. هن پٺيان ڪوشش سان تنهنجي قلم ۾ وڌيڪ پختائي آئي آهي، خيال وسيع ٿيا آهن ۽ ڪهاڻي ڪـي پوري نيڪنيڪي طرح سان اپنائي سگهيو آهين. هي، تنهنجي لگن آهي، سادا آهي، سماجڪ مسئلن کي جهڙن نموني تو ليا هيو آڻي، ان ۾ ڪيترو نه نواڻ آهي. ڪهاڻيون اڄوڪي جيون سان جڙيل آهن. ٻولي کي ٻارن سان نڀاهڻ ۾ به تون داد لائق آهين، تو ۾ آئينده جون اميدون آهن، جو تـ تنهنجي ٻوليءَ ۾ جذبات ۽ ويچارن ۾ آڳ ويلا پيدا ڪرڻ جي سگهي آهي. اڄ! منهنجون مبارڪون قبول ڪجانءِ

ڪمل پياسي ۽ انيتا پياسي
گانڌي نگر گجرات

آدرڻيه آنند جي،

"پرواز" ۽ "همراز" مليا، اوهان جون ڪهاڻيون پڙهيم جون (Kelideoscopic) دزانيون آهن... "ساگر جي لهر" پڙهي، من ڪيترون ڪالون جوڙي چڪيون آهن... مثال

"انهاي ۾ جيڪي مليو ڪافي آ،
هر صورت ڏاڍهن ڦڙون وانگر نهارڻ جو ٿو؟"

اوهان لاءِ سڪ
مهيش ناگواڻي

پيارا دوست،

جيون جي وشال ڪئنوس تان ڪجهه چونڊي توهان جن ڪهاڻين جي رچنا ڪئي آهي، سي دل ڇهندڙ ۽ نازڪ احساسن سان ڀريل آهن. زندگيءَ جي مڙني رشتن ۾ دل جو رشتو

نند هندوجا جي ڪهاڻين جو ٻيو ڪتاب پرواز ني مون کي ڏاڍو پسند پيو هو. همراز جون ڪهاڻيون هڪ وڏو پختو قدم آهي. هن ڪهاڻين ۾ نياپو آهي ۽ خوشبون ٻه آهن... ليکڪ نند "آنند" هن ڪهاڻين ۾ اهڙيون ڪ واٽون گهڙيون آهن، جي اڄ ڇپيل سوين ڪهاڻين ۾ ٻه ملي سگهنديون ٻو ٿوءِ ٻه هن ليکڪ جي پنهنجي نجي انيو ۽ انداز بيان سبب ڪهاڻيون پياريون لڳن ٿيون، سچ پچ "همراز" جون ڪهاڻيون ڪهاڻيون آهن.

ارجن سڪايل

"همراز" اڳ "پرواز" پڙهيو هيو، اهو ٻيون ڪهاڻين جو هڪ ڪتاب آهي. هن همراز ڪتاب ۾ ڪل نوَ ڪهاڻيون آهن هر هڪ ڪهاڻي پنهنجي ليکي سڌي آهي ۽ ڪو نه ڪو راز زندگيءَ جو کڻي ٿي اچي، ڪتاب جي ٽائيٽل واري ڪهاڻي "همراز" ۽ "ساگر جي لهر" اهي تمام بهترين ڪهاڻيون آهن...

ديوت گوگيا "جوت"

"همراز" جي "ٻامي ڪهاڻي" "هيروئن" ۽ "همراز" ڪهاڻين ۾ جديد زماني جا مسئلا کنيا ويا آهن، جيڪي ليکڪ جي آزمودن مان ڌاريل آهن.

موهن ڪلپنا



پيارا ڀاءُ نند هندوجا،

سچ پچ ”همراز“ جون ڪهاڻيون اڳين ڪتاب ”پرواز“ کان به وڌيڪ قابل ذڪر آهن ۽ دلچسپيءَ سان گڏوگڏ انتظار به پيدا ڪن ٿيون. هن ڪهاڻي ۾ سنڌونگر ۾ جيڪي نوان اديب اُسريا آهن. ان ۾ توهان جو نالو گهڻيءَ عزت سان ورتو ٿو وڃي. شال اڳي اڳرا رهو.

توهانجو

گل شرما سجاڳ ادبي بيٺڪ سنڌونگر

پيارا دل نند،

هڪ مدت کان توهانجا ڪتاب ”پرواز ۽ همراز“ پڙهڻ ۾ رهندا آهن، گاڏي وي. ٽي. کان شهد لائين پهچندي آهي، هڪ هڪ آڪاڻي پيو پڙهندو آهيان، توهانجن ڪيترن جملن ۾ جادو آهي، ويچارن ۾ فلسفي مسائل آهن. ٻولي ته توهانجي درياهه جي ڇولين واري آهي، اهڙي ڪهڙي پيڙا مڃهان، تو اهي ڪهاڻيون لکيون آهن ... مان وري وري ته توهانجون ڪتابون پڙهان.

توهانجو

گل ”گهايل“

شري نند لعل جي،

اوهان جون ڪهاڻيون، ساهتيه رچنا جي پوري معيار تي پورا آهن، ڪهاڻين ۾ اوهان سماجڪ مسئلا، سياسي معاملا ۽ آرٿڪ گهٽ وڌائين جا گهڻو ئي پراڻا ڪيا آهن، مگر اوهان جي ڪهاڻين جا پاتر سڀ پيار جي رنگ ۾ اهڙا ته رنگيل آهن جو سڀ مسئلا، زندگيءَ جا روز مره جا ڪارڻ پيا لڳن ۽ پاتر به پنهنجا گهر ۽ پاڙي ۾ رهندڙ پيا لڳن. اوهانجي ڪوشش داد جي لائق آهي.

اوهان جو

هيمنداس ڪتري

اڳوڻو چيئرمن الهاسنگر ميونسپل ڪائونسل

پريم وواهه

ان ڏينهن جيئن پيڪيءَ تي وڃڻ واسطي بمبئي لاءِ نڪري رهيو هوس ته، ٻانڊيءَ خبر ڏيندي چيو ته، "اڄ، جلدي مڪهند جو ٻي ٻج. واري لوڪل ۾ واپس هليو اچ ڇو ته شام ڌاران ڇوڪري ڏسڻ هلنداسين." اهڙي قسم جو پهريون واقع هيو، مون لاءِ، مگر بنا ڪنهن سوال جواب ڪرڻ جي ها ڪري هليو ويس.

شام جو ڇهين بجي ڪن اسين پريوار جا ڪجهه ڀاتي سويري نڪتاسين. اسان جي ماروتي وئن اچي هڪ ننڍڙي بنگلي سامهون بيٺي، جنهن جي ٻاهران "مهتا ڪاٽيج" لکيل هيو، اندر گهڙڻ سان ئي چار مرد ڪجهه زالون ۽ ٻار آدرڀاءَ لاءِ بيٺا هئا، اهي سڀ جا سڀ رڳو مون ڏانهن نهاري مسڪرائي رهيا هئا، ان مسڪراهٽ مونجهان لڳي پيو ته، مان شايد سڀني کي پسند آهيان، ائين لڳڻ به ڪپندو هيو ڇو ته، منهنجي گهر جو آئڊو ۽ منهنجا دوست اهڙي شاهدي ڀريندا هئا. ڪاڏي بيٺي جو دور جاري ٿيو. منهنجو فادر ۽ ڇوڪريءَ جو پدر گوردن داس پاڻ ۾ ڪافي گهرا مٽر هئا. انهن جو بزنس ڪاروبار ۽ ٻين وهنوارن ۾ هڪ ٻئي سان ساٿ رهندو هيو، مگر تنهن هوندي به، هڪ وچواري مائٽن واري دادي درگا هن رشتي جي دستوري روايت پوري ڪرڻ لاءِ گڏ هلي هئي.

هن رسم جو آخرين پردو کڄيو. هڪ ڇوڪري هلڪي آسماني ڪلر جهڙي سلوار ڪڙتي واريءَ ڊريس ۾ هئي ۽

ڇٽا ٿو ڇيڏگهار کاٺون

ٻانڌي ٻارڻ جي.

ڇي هڪ ڄڻ ڄڻري جي

ٻي ٽڙڪن جي مار

ٻڌهن کان ٻوڏ ٻڌوار

ٻالي آٿم ٻارڻ جي

... ...

ڪجهه ڏينهن گهر ۾ خوش ماحول رهيو ٻنهي ڌرين کي سٺي اميد جا آثار رهيا، سڀ ڇوڪريءَ جي سونهن ۽ سياڻ جي ساراهه ڪري رهيا هئا، منهنجي ڀيڻ ته اڪيلائپ ۾ مون کان ڇوڪريءَ بابت راءِ ورتو ۽ مان ڇوڪرن جيان سر هيٺ ڪري مسڪرائي رهيو هوس. جنهنجي معنائي هئڻ ها سمجهي، مگر اوچتو چئن ڏينهن کان پوءِ منهنجي ماءُ جي ٻولي ٻي ٿي وئي. هڪ ٻه ڪا مائٽي ڪولهاپور مان آيل هئي اهي ڏاڍا ٻنهي وارا ڪپڙي جا واپاري هئا. منهنجي ماءُ اها ڇوڪري، ڪنهن ٻاڻي سان اڄ مان ڪڍي آئي هئي انهن هڪ وڏي رقم جي آفر مميءَ جي ڪن لائين ڀڃائي هئي. پوءِ هن ڀيڻ جي ڌيان ۾ آندو ته، "توهان جو پنهنجي دلبر دوست جي گهر واري هليا ڇوڪري ڏسڻ. ڇوڪري ته چڱي هئي پر ڇوڪريءَ جي پاءُ گوردن جي زال گهر ۾ ڏسڻ نه ٿي ڪونه آئي... خبر اٿو انهيءَ توهان جي دوست پنهنجيءَ گهرواريءَ کي ڪيترو وقت کان ڪڍي ڇڏيو آهي، الائي معلوم ڇا آهي! پر اهڙن ماڻهن سان مائٽي ڪرڻ واجب ٿيندي؟"

اهو ٻڌي ڦادر جي منهن جو رنگ لهي ويو، پر جلد پاڻ سنڀاليندي چيائين، "اسان کي ڇا، وياءُ ڏسڻو آهي، ڪنهنجي گهرو ڳالهين کي ڇا ڪندا سين؟"

پر مميءَ کيس آگاهه ڪندي چيو ته، "تڪڙ ڪري ها نه ڪجهه اڃا خاطري ڪرڻي آهي، جاچ ڪرڻي آهي."

ان ڳالهه کي ٻه هفتا گذري ويا. مون ڇوڪريءَ جي گهر پاسي کان گهمڻ به شروع ڪيو هو جي ڪاليج ۾ واپس ليڪن درشن ديدار ڪونه ٿيو. آخر هڪ رٿ سوچي آئي

هٿن ۾ هيس چانهه جي ٽري، هوءَ ڌيري ڌيري قدم سنڀاليندي هال ۾ داخل ٿي، ڪنڌ جهڪائي؛ اچي مهمانن سامهون رکيل سينٽرل ٽيبل تي ٽري آڻي رکيائين، مون هڪدم سندس چهري ڏانهن نهاريو، حالانڪ ان گهڙيءَ سڀني جون نظرون اسان ٻنهي مٿان هيون، پر هن خبرداريءَ سان ترڇي نگاهه اڇلائي مون ڏي ڏسي ورتو، پوءِ هن کي بلڪل مهمانن سامهون واريءَ ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ سڀني چيو مگر هوءَ بيٺي رهي. مون وري هڪ دفعو هن ڪان چوٽيءَ تائين پنهنجن نظرن سان هن جو جائزو ورتو، انهن ازخود ڪيس ويهڻ لاءِ چيو ۽ هوءَ هڪدم سامهون ڪرسيءَ تي ويهي رهي. ٻنهي جي انهيءَ ادا سڀني جي چهرن تي سرهائي آڻي ڇڏي، وڏن کان هلڪي کل لڪري ويئي ۽ ٻارن کٽي تاڙيون وڄايون، لڳي پيو مون جڻ ڪو شو ذنش ٽوڙي ڇڏيو هجي، پوءِ وري دادي ڊرگا جو آواز آيو، ”ٻائي - پاڻ ۾ ڪجهه ڳالهائي ڪو سوال جواب ڪريو، الڪونڌيءَ ۾ ڪي احوال پڇو...؟!“ مگر نه هن جا چپ کليا ۽ نه وري ڪو مان ئي ڳالهائي سگهيس. رڳو هن پنهنجون پلڪون مٿي کنيون ۽ ٻنهي جون نگاهون مليون، ٿوري سيڪنڊن ۾ اکين الائي ڪيتريون خاموش ٻاتيون ڪري ورتيون ۽ پوءِ هن پاڻ سنڀاليندي ٽري مان چانهه جو پيالو کڻي مون ڏانهن وڌايو. مون هٿ وڌائي هڪدم اهو ورتو، انهيءَ لڙ ۾ ٻنهي جي آڱرين جو هلڪو ڇهاءُ پاڻ ۾ ٿي ويو، ان اوچتيءَ حرڪت جڻ سڄي جسم ۾ ڪرنٽ ڦهلائي ڇڏيو.

خير، سک سان پروگرام پورو ٿيو. موڪلائڻ وقت پڻ هن پلڪون مٿي ڪري مسڪرائي موڪلايو. انهيءَ پهرين آزمودي جڻ منهنجيءَ زندگيءَ ۾ ڪا تازگي آڻي ڇڏي!“

ان ڏينهن ٺيڪ وقت تي دادي درگا جي گهر پهچي ويس، ٻوڙ ٻيل وڄايو ته دروازو کليو ۽ در کولڻ واري ممتا هئي. ڪا گهڙي هڪ ٻئي کي ڏسندا رهياسين ۽ پوءِ مون هٿ وڌايو ۽ هن هٿ ملايو، ائين ئي اندر اچي ويٺاسين.

دادي درگا ايتري ۾ ناريل جا ٽڪرا ۽ بسڪيٽس پليٽ ۾ کڻي آئي ۽ چيائين، "هي ناريل ممتا آندو اٿو پرساد اٿو کائو..."

مون ممتا کان پرساد جو مطلب پڇيو، هن ٻهراون دفعو پنهنجا چپ، منهنجي اکيان کوليندي چيو ته، "سومر آهي، مان ورت رکندي آهيان، اڄ ساٿو سومر آهي ۽ توهان سامهون آهيو!"

اهو ٻڌي منهنجيءَ دل وڌيڪ زور سان ڌڙڪڻ شروع ڪيو ۽ ڏٺم ته ممتا جون اکيون ٻه آليون هيون پوءِ چيائين، "مون سمجهيو ته ضرور دادي درگا وٽ توهان ئي سڏايو هوندو جا توهان جي گهر وارن کي مان پسند ڪونه پئي آهيان...؟"

"ممتا تون سڀني کي پسند پئي آهين."

"ها، توهان کي ڪونه وڻي آهيان...!"

"نه، مان ته تو کان پڇڻ آيو آهيان ته آءٌ اهڙو خوش قسمت آهيان؟ توکي پائي سگهندس!"

"توهان جي دل چاڻي پولي، دل اکيان ته سڀ جهڪيا آهن!"

"ها، مگر تنهنجي پاءُ ته، اسان سان دشمنيءَ جو ورتاءُ شروع ڪڻي ڪيو آهي!"

"۽ توهان جي ماتا چوائي موڪليو آهي ته اسان ڪالهه شاهوڪار ٿيا آهيون، توهان ته سڌ ڪان ئي سٺن پهراٿين وارا پيڙن وارا خانداني ڏنوان آهيو، اهو پلا جا آهي...؟ مائٽي

دادي درگا مائٽن واري وٽ کهي ويس. هن جو اسان ج
سڄي پريوار سان پنهنجائپ جو رستو هيو. مون کي پاڻ و
آيل ڏسي هن ڪجهه عجب ۽ ڪاوڙ پر سان لڪڙو سو
ڪيو مانس، "دادي، ان ڇوڪريءَ جو نالو ڇا آهي؟"

"ممتا، نالو اٿس. هن ته ٽوڪي پسند ڪيو آهي، هن ج
مائٽن کي به قصو ٻڌايو آهي. پر توهان جو ته اڃا ڪو
جواب نه ڪونهي. هفتو اڳ ــ ڇوڪريءَ جي ڏاڏي گذار
ويئي آهي، ان جي پڳڙين وغيره لاءِ به لنهنجو پتا گهنشامدا
ڪونه ويو. مائٽيون ته مالڪ جي مرضيءَ سان ٿينديون آه
پر پنهنجو وهنوار رستو ڇو ڇڏجي..."

"دادي خير ته آهي، ڇا آهي! ليڪن ڪجهه ڏينهن
۽ ممتا جي پاڻ اسان جون ٻه ٽي هلڻيون روڪائي ماڪب
پر نالو هيٺ ڏڪري ڇڏيو آهي... خير، دادي توهان ه
ڳالهه ڪندا، ممتا کي هت پاڻ وٽ گهرايو، مان هن س
ملڻ ٿو چاهيان..."

"دل مان ته ممتا جي گهر وڃي ڪرڻ ٿي سگهان، ڇ
توهان جي طرفان چپ لڳي پيئي آهي. ڪهڙو ڀلا منهن ڪ
هڻن جي در تي وڃان؟ ها باقي هت سامهون پڪي رهند
آهي. اها ممتا سان گڏ ڪاليج پڙهندي آهي. هن کي ن
ڏيان ٿي. پر ممتا ڏاڍي شيل ڇوڪري آهي، مان ت
پاڻان ته هوءَ ڪا هت ايندي..."

"ٺيڪ آهي دادي توهان هن کي نياپو ته موڪليو.
ضرور ايندي، منهنجي دل ٻولي ٿي... سڀاڻي موڪل ت
ڪريان مان هت منهنجي جو ٻارهين ٿاران پهچي ويندس

... ...

رهي آهي، ٻه ٻوءِ موٽرڪار ۾ ويهاريءَ ٻڌايو ته، ”هاڻ ۾ هڪ ڇوڪريءَ کي ڏسڻو آئي... ڪولهاپور مان آئل آهي هڪ مالدار پارٽي آهي... ڇوڪريءَ ۽ مائٽن جي ڏاڍي ساراهه ٻڌي آهي. هنن ٻوڪي پيڊيءَ تي ئي ڏسي ڇڏيو آهي... سورت ۾ ميل اٿن، گهڻو ڪجهه ڏيندا. اسان جي وڃڻ عزيزن ۾ ڪنهن کي ايترو ڪونه مليو هوندو... رڳو تون ڇوڪري ڏسي، ها ڪر...“

هال ۾ گهڙڻ سان ئي ڪولهاپور جا ماڻهو مون کي چوگرد وڪڙهي ويا، اُنهي هڪ ڇوڪريءَ سان واقفيت ڪرائيندي ٻڌايائون ته، ”هيءَ سنگيتا آهي، بي-ڪام فرسٽ ڪلاس ۾ پاس آهي.“

خير ڇوڪري ڏسڻ ۾ ٺيڪ هئي. مگر منهنجون نظرون ممتا کي ڳولهي رهيون هيون. ٻوءِ اسان اُتهي کي اڪيلو ڇڏي سڀ مائٽ اسان کان ڪجهه دور ٿي ويهي رهيا.

سنگيتا مون کي ٻڌايو ته، ”هت الهاسنگر جا ماڻهو ڏاڍا موج مستيءَ وارا لڳن ٿا. گهڻي قدر سڀ فيشن ۽ زنده دل انسان آهن. اسان جي شهر ۾ نه ٻور لائيف آهي، گهر کان ٻاهر نڪرڻ به سٺو ڪونه ڏيندا آهن، ڪڏهن اتفاق موقع سان مشڪل ٻاهر نڪرون جيڪر مان ته هن شهر ۾ اچي رهان، بمبئي شهر به ڪالهه ڏٺو، واهه جو شهر آهي! اصل گريٽ سٽي...!!“

مون اُن ۾ ڪيس ڪٽيندي، مختصر ۾ چيو، ”ها، ٻر بمبئي فقط ڏسڻ جهڙو شهر آهي، رهڻ جهڙو اصل ڪونه آهي، هيءُ الهاسنگر به سادن ابوجهن جي رهڻ جهڙو ڪونه آهي، هت پلو واپار ۽ هنر آهي، ماڻهو هوشيار گهڻا آهن، ليڪن ڪي ٽوڙا گونڊا ۽ داداگيري به هن شهر جا مشهور آهن، جنهنڪري هي شهر اجايو سجايو بدنام آهي، مگر هاڻي هن الهاسنگر

ڪرڻي نه آهي نه...”

”ممتا مونکي ڪاله خبر ڪانهي، اهو سڀ ڀراڻي وغيره ڇا ٿيندو آهي! مونکي پهريون دفعو ڇوڪري ڏسڻ لاءِ ڇيائون مون توکي ڏٺو ۽ هاڻي...”

”۽ هاڻي، ٻـي ڪا ڏسندا، پوءِ پيٽ ڪندا... پيڙوني ڪامپيٽيشن ڪٽي ڪرايو...”

”نه ائين نه آهي، ممتا، مان هن غلط فهميءَ واري پيدا ٿيل ڊرامي کي ختم ڪرڻ ٿو چاهيان، جنهن ڏرين جي دلين اجائي ۾ ٽوچي وڌي رهي آهي، ممتا تون مون کي انهيءَ ۾ مدد ڪر...”

”ليڪن، مان ڇوڪري آهيان، بدنام ٿي ويندس، مونکي سوچڻ ڏيو، توهان به سوچيو ته آخر ڇا ڪرڻ گهرجي؟... ها، دير ٿي رهي آهي، مون کي هاڻي هلڻ گهرجي... هلان ٿي...”

ها، مگر ممتا، وري ڪڏهن ملنداسين؟”

هن آچر تي ڪلاس ميٽ جي هال ۾ هڪ سهيليءَ جي شادي ۾ ايندس، اتي ملندا مگر خيال سان...”

”اڙي، انهيءَ شاديءَ ۾ ته اسان جي فئملي کي به شريڪ ٿيڻو آهي، اسان جي مائٽن جي شادي آهي، ڇوڪرو ت... ڪولهاپور جو آهي...”

”ٺيڪ آهي ته پوءِ اتي ملنداسين... ها ڏسو، آئسڪريم کائڻ وقت، توهان چپ چاپ منهنجي پويان لڳي وڃجو مان آهستي توهان کي نياپو ڏيندس...”

اِترو چئي هوءَ هلي وئي.

... ...

شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ واسطي مون کي خاص سينگارڻو ٿيڻو ويو. مان سمجهي ڪو نه ٿي سگهيس ته آخر ڪهڙي ڳالهه ٿي

ٽوڪري جهلي بيٺي هئي، پرسان ايندئي مشڪي سوال ڪيائين، ”مگر اوهان ته پنهنجو نالو ئي ڪونه ٻڌايو آهي؟“

”او، نالو، جنهن جي پوڄا لاءِ مندر ۾ آئي آهين! شو شنڪر... ٻيو مهيش منهنجو نالو آهي، ڇا ڀلا منهنجي نالي سان ڪجهه پوڻ شنڪر کان منوڪامنا گهرڻ جو وچار آهي؟... پاڻي پاڻ لاءِ، ڪنهن ديوتا کي دور کان نمسڪار ڪندا آهيون بس ڪجهه ناستڪ ٽائيپ جهڙا آهيون!“

”رهڻ ڏيو، ڀلا ڀڳوان کي نالي ٻڌائڻ جي ڪهڙي پيئي آهي، ڇو ته ڪين آهين ته هو جاڻي جاڻهار آهي، توهان جو نالو ته مون دل تي ئي رکڻ چاهيو، وڏا چوندا آهن، ته جيڪي من ۾ هوندو آهي اهو ئي پرماتما ٻڌندو... اهڙو منهنجو ته وشواس آهي... مان گوري شنڪر جي پوڄارڻ آهيان...“

۽ پوءِ اسين مندر اندر وڌياسين هوءِ اکيون بند ڪري پرارٿنا ڪري رهي هئي ۽ مون ڪجهه ترسي ناريل ڀڃي ممتا جي منهن ۾ ناريل پاڻيءَ جا ڇنڊا هنيا. ممتا اکيون کوليون ۽ شو لنگ جي مٿان اڪڙيون گل ارپڻ ڪيا، پوءِ مون کي ۽ پاڻ ٽلڪ به ڏنائين.

اسين ٻاهر وڻ وٽ ٿلهي ڏڪي تي اچي ويٺاسين. ممتا ڳالهائڻ جو سلسلو جاري رکندي پڇيو، ”مگر... ان ڏينهن شاديءَ ۾ اهو ڪنهن سان توهان ايترو پيار سان ڳالهائي رهيا هئا؟“

”ممتا، اها ڪولهاپور مان آيل سنگيتا هئي، ان جي مائٽن مون سان هلي رهي آهي.“

”پوءِ ڇوڪري چڱي سٺي پيئي لڳي؟“

”ها، ڏسڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ ته وڻندڙ هئي..“

”پوءِ دير ڇو ڪئي اٿو، اُتي اسٽيج تي وڃي، ان گهوٽ ڪنوار کي پاسيرو ڪري توهان ٻئي ڇو ڪين وڃي...

کي ڦيرائي سنڌونگر ڏانهن ٻيو وڃي، ڇو ته انهيءَ سنڌ ش
۾ پڙهڻجي سگهندآهي...“

ايترو چئي مان ٻي هڪ دوست سان هٿ ملائي ۽ سندس
کان دور ٿي ويس ٻوءِ اکيان نهاريو ته اسڪول پاسان ممتا ک
ڏٺو، جيڪا منهنجو لئي انتظار ڪري رهي هئي.

مان نظرون بچائي، هن جي پاسان اچي بيٺس. مم
آهستي شڪايت جي نوع ۾ پڇيو، ”ايترو گهڻو ڪهڙ
ڇوڪريءَ سان ڳالهائي رهيا هئا؟“

”خبر نه آهي، ڪير آهي! هوءَ مون سان ڳالهائي رهي
هئي ۽ مان کيس جواب ڏيندو ٿي ويس، توکي مگر نگاه
سان ڳولهي ته رهيو هوس...“

”ڳولهي رهيو هوس، مان اڌ ڪلاڪ کان هت بيهي انت
ڪري رهي آهيان، توهان آيو جو، پهرين اها ڪڙن ڏيکا
لاءِ ٻرائي ڇوڪريءَ سان پورا هئا، آخر ڪير هئي توهان جي
ڪيتريءَ حسرت سان توهان سان ڳالهيون ڪري رهي
هئي...!!“

”ڇا ٻڌايان ممتا، هت ته گهڻو ڳالهائي ڪونه ٿا سگهو
هل ٻاهر توڙي دار گلشن هوٽل ۾ ٿا هلي ڳالهايون...“

”نه، هوٽل ۾ ته مون اڄا ڪڏهن قدم ڪونه رکيو آهي
هتي ڪجهه ايترو نه ڳالهايو، جيترو ان ڇوڪريءَ سان ڪ
ڳالهيون ڪري رهيا هئا، اگر ڳالهائڻ ڪونه ٿو ٿئي ته
سڀاڻي سومر آهي، شو منڊر ۾ ليڪ صبح جو ٻارهين
ملنداسين...“

ايترو چئي ممتا کسڪي هلي وئي...

... ...

منڊر پهچڻ ڏٺو ته ممتا اول ئي هڪ ڪنڊ ۾ ٻوڇا

جهڙي حال ۾ ڪهڙيون اسڪيمون ناچ گانا ۽ لاڏا ڳائي رهيون هيون. انهن کسي خوشيءَ ۾ نچندو ڏسي اڳيان وڌي آيس، پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته اهي مهمجائي لاڏا ڳائي رهيون هيون ۽ هو سڀ مون لاءِ ڳائي رهيون هيون... مان انهن کان پڇي رهيو هوس ته آخر منهنجي ڪنوار ڪٿڙي آهي؟ اهو پڇي ناچ ڪندڙ ڇوڪريءَ پنهنجي چهري تان پڙدو هٽائي ڇڏيو ۽ اها تون هئين! پوءِ ٻئي زور زور سان کلڻ لڳاسين مان هڪدم تنهنجو هٿ پڪڙي ورتو ۽ مٿي بادلن ڏانهن اڏامڻ لڳاسين، مگر اوچتو پنهنجي فادر کسي فون تي رڙيون واڪا ڪندو ڏٺو. مان ڇرڪ ڀري اٿي ويٺس ۽ اکڙ ۾ آيو ته هو تنهنجي پاءُ کسي فون تي ڌمڪيون ڏيئي رهيو هيو. ٻئي هڪ ٻي سان رف ڳالهائي رهيا هئا."

"الائي امان جو ڇا ٿيندو! هن سومر تي امان مٺي کوٺ سگهنداسين، مان پنهنجيءَ مميءَ سان هن مندر ۾ ايندس... هٿ هڪ ڇوڪرو ۽ ان جا مائٽ مون کي ڏسڻ ايندا، خبر نه آهي ڪير آهن؟ پر هن دفعي اهو ڏسڻ جو تماشو گهر اندر ڪونه رکيو ويو آهي چوته ٻاهر ۾ اجائي پچار پئي ٿي. انهيءَ ڪري هن مندر ۾ ڏسڻ جو پروگرام رکيو اٿائون."

"ممتا، مگر اهڙي پروگرام رکڻ جي هاڻي ڪهڙي ضرورت آهي؟"

"ضرورت آهي، منهنجي مائٽن کي ضرورت آهي، منهنجو پاءُ ڏاڍو ضدي آهي. ان کي هن وقت سمجهائي ڪونه سگهبو."

"پوءِ، اهڙا ڏيهن ملي ڪونه سگهنداسين! نه، نه، ممتا، مان ايندس، هن ايندڙ سومر تي، هڪ اڻ سڃاتل شخص جيان، مندر جي ٻاهران ناريل گل کڻي اچي، تنهنجي درشن لاءِ پهچندس، تون پنهنجو سنڌل لاهڻ وقت ٻيا ٻانهن مٺل،

شاديءَ لاءِ ٻيا، ماڻهو بہ موجود هئا؟"

"انهيءَ لاءِ تہ ڇوڪريءَ جي مرضي بہ نہ ضرور کپندي هئي!"

"۽ هاڻي، هن جي مرضي ڄاڻڻ لاءِ توهان کي نہ ڪولهاپور جي پاڙا ڏي وڃڻو پوندو!"

"نہ ضرورت ڪونهي... تون وڏيڪ سٺي آهين!"

"مهيش، ٻڌو نہ، توهان جي پتا صاحب، اسان جي اسڪوٽن جي ڪارخاني ۾ ڦڪڙ دادا سان ملي اسٽرائيڪ ڪرائي رکي آهي ۽ اسان جي مکيہ ڪاريگرن کي ٻہ دم دلاسا ڏيئي اي ڪارخاني ۾ لڳائي ڇڏيو آهي."

"ممتا، منهنجي پتا بہ غلط ڪم ڪيو آهي. منهنجي ڌنڌيءَ کي ڌڪ هڻايا اٿس، هي سڀ الائي ڇا ٿي رهيو آهي! پنهنجي پريوارن ۾ ترشي ۽ دشمني وڌي رهي آهي." پوءِ مون ڏٺو تہ ممتا خاموش ڪجهہ سوچي رهي هئي...

"ڇا آهي؟ ممتا، ڪهڙن خيالن ۾ گم ٿي وئي آهين؟"

هن هلڪو ڇرڪ ڀريندي چيو، "ڪالهہ عجيب ڳالهہ مون سان ٿي گذري، توهان جي باري ۾ ويچارن ۾ اهڙو غلطان هيس جو منهنجي سامهون اٽي ٿلهو ڪتاب لاءِ موجود هئا، سو پاڻ پچائڻ لاءِ اٿيس، پاڻ ڏهي مان ڪڍيو، سگهڙي ساري مگر خيالن ۾ غلطان اهڙو هيس جو پاڻ پچايو ٿسي ڪونہ، سگهڙي بند ڪري اچي، ڪچو پساڻ ڦٽڪي سان ڪاڇيندي رهيس اهو ڏسي گهر ۾ سڀ مون تي کلڻ لڳا... هي سڀ ڇا ٿي رهيو آهي!"

"ممتا اهو ئي سڀ مان بہ توکان پڇڻ ٿو چاهيان، آءٌ گهر ۾ آهيان پيڙيءَ تي ويٺو آهيان يا لوڪل ٽرين ۾ سفر ڪري رهيو آهيان تون ئي تون ياد آهين! رات مون سپنو ڏٺو، گهر

”پوءِ، اها ڳالهه هئي نه، ائين ٿو مندر ۾ ٿي شادي ڄاڻي ڇڏيو ها، ٻنهي جا رشتيدار به هڪيا ٽڪيا موجود هئا!“

”اڙي، اُنءَ، توهان جو موجود هئا، توهان جي دل اهو سڀ سهي سگهي ها...!“

”پوءِ، هاڻي اهو ڪارج ڪڏهن ٿو پورو ٿئي؟“

”ڪارج ڪونه ٿيندو، ڇوڪري کي پوسان وڃي آهستي اهڙا نه ردي جواب ڏنا جو وري هو ويچارو ڪڏهن ڇوڪريءَ کي ڏسڻ ڪونه چاهيندو!! اهي جواب ٻيو ڪوئي، ٻڌي نه سگهي، ان ڪري هن جي ڦوپ ٻنهي ڳالهائي رهي هيس، هاڻي مهيش پڇي ته سهڻن هن کهڙا سوال ڪيا ۽ مون کهڙا سوالا جواب ڪيس ڏنا، مثال:

جداب، پهريون پڇيو ته، ”اوهان جي کهڙي هابي آهي؟“

مون هن کي چيو، ”پيار ڪرڻ منهنجي هابي آهي.“

هن وري همت رکي پڇيو، ”سڀني سان پيار ڪرڻ توهان جي هابي آهي؟“

”هـا“ مون چيو، ”پيار سڀني ماڻهن ۽ جانورن سان ڪندي آهيان، پر چاهيندي هڪ کي آهيان!“

پڇيائين، ”ڇا - اهو هڪ مان ٿي سگهندس!“

مون کيس جواب ڏنو ته، ”توهان ليٽ ڪئي آهي، اوهان ويٽنگ لسٽ تي رهندا...“

”مطلب، ممتا، تو ويچاري کي ڪنس لي رکي ڇڏيو آهي“...

”نه، بلڪل نه، مندر ۾ پهچڻ وقت منهنجن مائٽن کي خبر پئي ته ڇوڪرو منگلي آهي، بس-ڳالهه مميءَ اتي ئي ختم ڪري ڇڏي... ۽ اسين آزاد...!“

”ها، ٺيڪ آهي، ممتا، هڪ مصيبت ته پنهنجو پاڻ

وري ڪڏهن ۾ ڪٿي ماڻ جو پيغام ڏجانءِ...!“

ائين چئي ٿيو، ان سوچ تي ممتا، بلڪل پريشان لڳي وئي ۽ واچ ۾ وقت ڏسندي چيائين ”ايندڙ سومر تي دادي درگا وٽ، هن وقت تي!...“

... ...

مان دادي درگا جي گهر پوري وقت تي پهچي ويس پر ممتا اڃا ڪونه آئي هئي. داديءَ دانهن ڪندي چيو، هي ڇا ٿي رهيو آهي، توهان جي ٻنهي پوٽن جو منهن ڦري ويو آهي ڇا؟ هڪ ٻئي کي خون خرابيءَ جا دڙڪا پيا پهچايو... تنهن مان توهان پيا رڳو مٺيون مائٽيون ڪريو ڇا؟ هي ته ليڪ جو ڪيل آهي!“

”دادي ماڻي اهو، دشمنيءَ جو ڪيل، اسان جي هڪ ٽيڪ کان پوءِ ختم ٿيندو! اسان جي الفت تي ٻنهي ڪٽنبن ۾ پيدا ٿيل ڪلفت جو انت اچيندي... انهيءَ لاءِ اسان کي جلد ڪجهه ڪرڻو پوندو...“

ايتري ۾ ممتا اچي پهتي، اچڻ سان مون کي پنهنجين هٿن سان پرساد کارايائين، اهو ڏسي دادي رڙ ڪري چيس، ”مان ته هتي ويٺي آهيان، پرساد رڳو مهيش لاءِ آندو اٿئي ڇا؟“ اهو ٻڌي ممتا لڄي ٿي وئي ۽ باقي پرساد داديءَ کي کارايائين ۽ هن جي پيرن تي هٿ رکندي چيائين، ”دادي توهان اسان تي آسيس ڪيو.“

پوءِ مون ممتا کان پڇيو، ”ڇو، ان ڏينهن مندر ۾ ڇوڪري سان ايترو نزديڪ ٿي ڳالهائي رهي هئين؟، لڳي پيو، شايد ڇوڪرو ڪجهه پوڙو هئو!“

”نه، نه، ڇوڪرو پوڙو وغيره ڪونه هئو، ڏاڍو اٻوجهه پئي لڳو، توهان وانگر هوشياري ڪونه هئس....“

ڇوڪرو وٺي انهن کي ڪارائين ۽ پڙهائين ٿا، ”ڪبوترن کي
ڪارائڻ سان دل جي تمنا پوري ٿيندي آهي، ڪبوتر پيار ۽
شانتيءَ وارا ٿيندا آهن.“ پوءِ ساگر جي لهرن جي راند ڏسڻ
لاءِ بيچ تي اچي ويٺاسين، ڀرسان ئي ٻار ڏاڍي ريتيءَ مان ٺهڻجو
گهر اڏي رهيا هئا، اهـي سڀ ٻد ٻلائـي دنيا کان بي-خبر
پنهنجي لاءِ واريءَ جو محل ٺاهي رهيا هئا، گهر مٿان اڳڙائي
جهنڊو لڳايو هئائون، ڪجهه ٻلين جا ٽڪرا ڪوڏ ۽ ٻيون چيزون
مـٽي ميڙي گهر کي شاندار ٺاهي رهيا هئا، وڏي جفاڪشيءَ
سان پنهنجي سموري ڪلا سان گهر جوڙڻ ۾ ڪامياب ويا.
هو هاڻي ڏاڍو خوش هئا، ڀر پوءِ هڪ جون نظرون ڦري ويون.
ڪاڻڻ ٻيهڻ پيل ٻڙيءَ لاءِ دل سوڪين، بلون ونڻ لاءِ ضد ڪرڻ
لڳا، ان گاڏيءَ اسي سٿو ڪرڻ لاءِ مائٽن جو سر ڪائڻ لڳا،
هو اوڏانهن ويا ۽ پوءِ پنهنجي ٺاهيل گهر کي لتون هڻي ڊيڻ
لڳا. اهو ڏسي ممتا کي ڏاڍو ڏکه ٿيو ۽ چيائين، ”هي ٻالڪ
کهڙا نه اياڻا آهن! هيتري وقت ۽ محنت سان گهر اڏايائون
۽ وري پنهنجن هٿن پيرن سان ان کي ڊاهي پٽ ڪري
رهيا آهن!“

موهن چيو، هي ٻار ته ٻار آهن، بلڪ اسين وڏا سمجهو به
اڪثر ائين ڪندا آهيون؛ اسان سڀ ڪجهه ڀلائي چاهت جي
دنيا جوڙيندا آهيون، سيني مٿن مائٽن کي ڇڏي رڳو پنهنجي
سک جي چڪ ۾ اچي پرڻو وواه پنهنجي لو مڙواج ڪندا
آهيون. مگر پـوءِ شادي ٿيڻ بعد ڪجهه وقت ڪانپوءِ پيار
ٺڪري ويندو آهـي ۽ شادي وچـي رهندي آهـي، ڪجهه
عرصي بعد ان حسين زندگيءَ ۾ ٻيون اڻاڻون حسرتون، حوص
۽ غلطفهميون اچـي ٿيندا ائنداڻون آهـن ۽ گهٽي قدر ڏسندي
ڏسندي اهو پيار وواهه، اها شادي بربادي ۽ تباهي ۾ بدلجي

ٻوڙي ٿي وئي، هاڻي ٻين آبادين کي مٿن ڏيون...“

”ها، ٻڌائو، مگر ماڻهن کي ڪيئن سڌي راهه تي آڻيون، روز روز، هو، هڪ ٻئي لاءِ نيون مصيبتون، نوان افترا ايجاد ڪري رهيا آهن... سڀني کان سمجهه موڪلائي وئي آهي! ڪوڙ ۽ ايمان جي ٻاهه ۾ ٻڏي پيا آهن...!!“

”ممتا، هي پيار ۽ تڪرار، من روح ساڳي سڪي جا ٻه الڳ پاسا آهن. انسان پيار ۾ هڪ اهڙي نشي جي خمار ۾ اچي ويندو آهي، جو ڏونگر به ڏاري ڇڏيا اٿس. سڪ جي لهس ۾ انسان آگ جا درياهه به پار ڪيا آهن ۽ اُف به ڪانه ڪئي آهي! ساڳي نموني ساڙ ۾ به ماڻهو اهڙي انڌ ۽ آوڻش ۾ اچي ويندو آهي جو، هن مان سڀ شعاس ۽ مرياڊا موڪلائي ويندي آهي. آدمي جڏهن حد تائين آدمخور بڻجي ويندو آهي.“

”مگر، مهيش هن معمولي جو ڪو ته حل اسان کي ڪڍڻو پوندو... مان توهان سان ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، پل ڪا به قرباني ڪرڻي پوي!“

”ها، هاڻي هن سومر تي ڪو ٻهانو ڪري، هل ته ٻمبئي گهمڻ هلون، اتي مهالڪشمي مندر، ساڌو ٻيلا، سمنڊ جي ڪنارو ۽ حاجي علي وغيره تي هلنداسين، جتي دل کولي حال احوال ڏينداسين. هت ديوارن کي به ڪن آهن..“ ۽ ممتا، مهيش جي رٿ قبول ڪئي.

... ...

اسين چرچگيٽ اسٽيشن تي اچي پهتاسين، ممتا وي- ٽي اسٽيشن ڏانهن هئي ۽ چرچگيٽ پهرئين دفعو اُن ڏسي رهي هئي. اڄ اسان هٿ ۾ هٿ ڏيئي سمنڊ ڪناري گهمي رهيا هئاسين؛ مون لائيٽس وٽ ممتا ڪبوترن جو وار ڏٺو،

هيو ۽ هڪ هوشيار وڪيل دوست به اُتي موجود هيو. جنهن ان ڪلاڪن اندر فارم، قسم نامو وغيره تيار ڪرايو. مئجسٽريٽ سامهون پروسيجر پورو ٿيو ۽ ان گهڙي بعد اسين قانوني ناتي ٻنهي ٻڌجي وياسين. ٻاهر اچي مون هڪ رنگ ۽ منگل سوتر ممتا جي حوالي ڪيو پر هن چيو ته—. اهو شو مندر ۾ هلي پائجو ۽ پوءِ اسان سڌي گڏجي ريسٽارنٽ ۾ ماني کاڌي، اجهو اهڙي نموني اسان جي شاديءَ جو جشن رهيو؟

مندر مان ئي اسين دادي درگا جي گهر آياسين، داديءَ کي ٻڌايوسين ته ”هاڻي اسين هن ايندڙ سومر تي توهان جي گهران سويري تيار ٿي ڪيڏانهن هليا وينداسين، اوهان کي ٻه ڇليون ڏيئي وينداسين. اسان جي وڃڻ بعد هڪ ڏينهن ڪانپوءِ اهي ڇليون ٻنهي جي گهر پهچائجو، باقي اڳتي مدد اسان کي ڪجي، دادي...“

داديءَ اسان کي دل سان ساٿ ڏيڻ جو انجام ڪيو...
هاڻي موٽڻ وقت ميگهه ملهار برسي رهيا هئا، اسان جي موٽرسائيڪل سنسان رستي تان تيز هلي رهي هئي ۽ برسات ۾ سنان ٿي رهيو هيو. تڏهن ممتا آهستي ٻڌايو ته ”اڄ اسان جي پيار جي عمر هڪ سؤ ڏينهن ٿي آهي!“ پوءِ مون موٽرسائيڪل کي هڪ وڻ وٽ بيهاريو، ممتا پنهنجو منگل سوتر لاهي پرس ۾ لڪائي رکيو ۽ پهريون پيرو هاڻي هڪ ٻئي کي زور سان آغوش ۾ آندو... ليڪن ٻي کن ۾ جدا ٿي وياسين. ممتا، پنهنجي گهر جو رستو ورتو ۽ مان کيس ڏسندو رهيس، جيستائين نظرون ساٿ ڏنو...

... ...

اڄ دادي درگا جي گهر وڃي اسان ٻنهي پنهنجن پنهنجن مائٽن کي بلڪل ساڳي قسم جو ليٽر لکيوسين...

ويندي آهي، اهڙا اڳرا نتيجا به نڪرندا آهن جو اها لو مئريج بدلجي ڪنوينشن ۽ ڊائورس جي نوعيت ۾ اچي ويندي آهي! ... پر اسين ائين ڪونه ڪنداسين، ممتا، اسين پنهنجي پاڪ پيار کي ساهه سان سانڍينداسين، تون به پنهنجي دل سان اهڙو واعدو ڪر...!“

”منهنجا مهيش منهنجي من کي هاڻي وشواس آيو آهي ته پيار ئي پرماتما آهي ۽ مان سدائين پرماتما ۾ پورڻ وشواس رکندس.“

”ممتا هاڻي جذبات کان مٿي ڪجهه حقيقت کي سمجهون، هن ايندڙ سومر تي اسين رجسٽرار جي آفيس ۾ هلي سول مئريج ڪنداسين اهو اسان جو پيار وواهه ٿيندو! اسان کي اهڙيءَ شاديءَ ڪرڻ جو اڌيڪار آهي، ۽ زندگيءَ جون ايڪويهه بهار پوريون ڪيون آهن؟ مون پنهنجو ڇويهون سال شروع ڪيو آهي. رڳو ماءُ پيءُ جي رضامنديءَ جو سوال رهندو، پر اهو به ٿي ويندو مون اهڙي رٿ سوچي آهي... تون تيار آهين، ممتا...؟“

”ها، اسين هاڻي پنهنجي خاطر ۽ پنهنجن مائٽن جي، ڀلائي واسطي هڪ ٿي وڃون جيئن ٻئي پريوار به پاڻ ۾ ڪيو ڪٽنب ٿي وڃن!“

پوءِ اسين پوري پلان تيار ڪري ورتي ممتا هر قدم تي ساٿ ڏيڻ جو آئر وشواس ڏيکاريو.

واعدو ڪري انهن ان ڏينهن موج آنند ۾ گهر واپس وريا سين.

... ...

مان رجسٽرار آفيس ڏانهن ۾ پهچي ويو هوس، ممتا به دادي درگا سان گڏ اچي پهتي. هڪ جگري دوست سان

پنهنجي همٿ غرور ۾ رهندا آ، اهو پنهنجي ڪٽنبن لاءِ نسوري بربادي ٿيندي، ڇو ته اهڙيءَ حالت ۾ اسان پنهنجي ٻولين جا لاش اوهان کي ڪنهن وڻ تي لٽڪندا نظر ايندا.

اوهانجا پيارا،

ٻ ٻولي -

ممتا مهيش

اسان جا پيارا،

اسين ٻئي، مهيش ۽ ممتا پاڻ ۾ پريم وواهه ڪري ڇڏيو آهي، اسان جي باقاعدي ڪورٽ سول ميرج جي ڪاپي به هن ليٽر سان گڏ اٿو.

اسان ٻنهي جي ڪارڻ، ٻن پريوارن ۾ اجائي دشمني پيدا ٿي وئي آهي! ان دشمنيءَ جو انت آڻڻ لاءِ، اسان جو هڪ ٿيڻ، هاڻي ٻنهي ڪٽنبن ۾ ضرور ميل ميلاپ آڻيندو، اهڙي اميد آهي، اگر ائين نه ٿيو ته پوءِ اسان جو وڌيڪ جيئڻ اجايو ٿيندو!

هن وقت اسين شرڊي جي سائين بابا جي شرڻ ۾ وڃون ٿا، اسان کي ڳولهڻ جي اجائي ڪوشش نه ڪندا، ڇو ته توهان ٻئي پريوار پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي بس ۾ بئنڊ باجا ڪرائي ايندا ته اسان کي پنهنجي سامهون ڏسندا، ٻئي حالت ۾ گڏجي مرڻ جو واعدو ڪيو آهي!

اسان جي زندگي، اسان جي شادي ۽ خوشيون سڀ توهان جي هٿن ۾ آهن، باقي اسان جو موت پنهنجن هٿن ۾ آهي اهو سمجهي ڇڏيو.

هاڻي وشواس آهي ته توهان اسان کي هڪ ڏسڻ چاهيندا جيئرو ڏسڻ چاهيندا! اسان ٻئي گهر جا سڪيلڌا آهيون اميد ته ٻن پريمين جي بد دعا اصل ڪونه کڻندا.

آخرين وينتي آهي ته اسان جي شادي پنهنجن هٿن سان وري هڪ دفعو، هت شرڊيءَ جي سائين بابا مندر ڪرائيندا، جيڪڏهن اوهان هن هفتي اندر نه آيا ته اسين ٻئي ڪنهن دور شهر ۾ وڃي پنهنجي نئين دنيا ۽ گهر گرهستي اڏينداسين.

ها... اگر اسان کي جدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ته

جيڪا زندگيءَ جو سڪون کسي! ... پاڻ کي نه کپي چارم آف لائيف... مون کي ڇا پنهنجيءَ هن ننڍيءَ بزنس مان وڏي ڪمائي ڪونهي؟... ائين، ايترو ڪجهه آهي جو اسين آرام مان رهي سگهون... اچ ته هٽي لائيف گذاري سگهون...!“

”نه، راجيش، بمبئيءَ ۾ جيترو پئسو هجي اوترو ٿورو آهي... پليز، مون کي سال کن ڇڏي ڏيو، ڪجهه پوسٽل اڪائونٽ ۾ بئلنس ڏسان... شاديءَ تي به چڱو ئي خرچ ايندو...“

”ائين، بمبئي شهر کي ڏوهه نه ڏي، پاڻ کي سمجهاءِ، شاديءَ جي خرچ کي ڇڏ، ايڪ آهي سمپل نموني ٿا شادي ڪريون... بس سون... مان ۽ ڪجهه رليٽوز، هلي ٿا مندر ۾ هاڻيءَ ڦيرا پايون...“

”نه رميش، نه، ڪمپنيءَ مان مان دوکو ڪرڻ ڪونه ٿي چاهيان، اوهان کي سال کن انتظار ڪرڻو پوندو...“

”ائو، يار، هيءَ نه لڳندي زيادتي ٿيندي... پاپا ماڻت به ناراض ٿيندا...“

”راجيش، انهن کي سمجهائڻو پوندو، اڄ شاديءَ جي تاريخ طئه ٿوروئي ٿي آهي.“

”ها، پنهنجيءَ دل کي سمجهائڻ نه ڏکيو آهي... زندگيءَ جا جيڪي ڏينهن رليون گذرن ٿا، اهي واپس ڪير ڏيندو!“

”۽ مان جيڪا بي. ڪام ايل. ايل. بي. پاس ڪئي آهي، ان جو فائدو نه وٺان، اهڙو چانس به نه زندگيءَ ۾ هڪ دفعو ملي رهيو آهي... شادي نه فيوچر ۾ ٿيڻي آهي، بس ڪجهه وقت دوستن جيان ملندا رهنداسين...“

”ائو، اهڙي ملڻ ۾ ڪهڙو قرار آهي، پاڻ وڌيڪ بي قراري، لذيذ کاڌو سامهون هجي ۽ پاڻ کي ورت هجي!“

منهنجو فيصلو

مس انيتا،

الوداع.

تنهنجو هوائي جهاز ۾ سفر شروع ٿيو ۽ شايد هي پهرين لفافو کلي، منهنجو ليٽر پڙهندي هجين! پل آسمان جو سفر ڪر مگر انسان کي ته ڌرتيءَ تي قدم رکي هلڻو پوي ٿو. مون هن خط ۾ پنهنجي ڊائريءَ مان تنهنجا ڪيل فيصلا بيان ڪيا آهن.

ها، وٺ، پڙهه ٿي سڀ تنهنجا هڪ طرفا ڪيل فيصلا اهڙي اميد نه توکان ڪجهه، وسريو نه هوندو!

... ...

”...راجيش، اسان کي ڪجهه وقت رکڻو پوندو، ماڻهن جي رضامنديءَ سان، اسان مڱڻيءَ جي رسم ته پوري ڪئي آهي ليڪن هاڻي مون کي لڳي پهرين چانس ملي رهيو آهي، توهان کي به ڏاڍي خوشي ٿيندي ته مونکي هڪ آمريڪن ڪمپنيءَ ۾ رسيپشن گرل جي سروس ملي رهي آهي، شرط مگر اهو آهي ته شادي شده نه هجان، سيلري وغيره تمام سٺي آهي. هن انڊين جلدي فرم کان ڏهه ٽائيمس مور سيلري... اهڙو چانس مان هرگز وڃائڻ ڪونه ٿي چاهيان...“

”انيتا، هي تون ڇا چئي رهي آهين! آءٌ ته چاهيان ته سياڻي جيڪر اسان جي شادي ٿي پوين هئي مون لاءِ هليا هلون!! ڇا ڪندا سين، اهڙي سروس، اهڙي سيلري،

”اڄاڻو، جڏهن کان، راجيش ڪم نه وٺو، مون کي ٻڌائو ته اولاد مان ڪو فائدو آهي؟ ڪهڙي ڪم تو اچي اڄ جو ٻار؟ آمريڪنس، جرمنس ۽ ٻيا ترقي ڪيل قوم جا ماڻهو زندگيءَ ۾ ٻار کي اهميت ڪونه ٿا ڏين... ان ڪري ته هو خوشحال رچ لائيف گذاري رهيا آهن...“

”ٻوگي، اسين هندستاني انسان آهيون، ٻيا شاديءَ وقت سمع قيوا ڪونه پائيندا آهن... ٻين ۾ شادي هڪ رشتو آهي. مگر اسان ۾ جنم ۽ ٻئي جنم جو ميلاپ آهي... ٻيا اولاد کي چلڊرن سڏن ٿا، ليڪن اسان ٻارن کي پرماتما جو وردان چئون ٿا. اسين سياسي ڪونه آهيون، حيوان به ڪونه آهيون، پنهنجو جيون سمبنڌ قائم رکڻ لاءِ... پوءِ پيار نڀائڻ لاءِ، نسل وڌائڻ لاءِ، سماج ۾ سرخرو ٿيڻ لاءِ سڀ کان وڏڪ آهي حياتيءَ ۾ رس ۽ رونق پيدا ڪرڻ لاءِ اولاد جي انسان کي درڪار ٿئي ٿي... ٻئي حالت ۾ اسين ائين رهنداسين، جڻ گهر ۾ نه بلڪل ڪنهن هوٽل جي ڪمري ۾ ٽيمپوري عيش ماڻي رهيا آهيون...!“

ليڪن تون، اهو سڀ ٻڌي خفي ٿي وئين ۽ پوءِ پنهنجا سمورا زيور مٿيا لاهي ڪبٽ ۾ رکي... چاٻي پنهنجيءَ نائٽيءَ جي اندرين پاڪيٽ ۾ سوگهي رکي... دور سوفا تي اڪيلي وڃي سمهي پئين... اڄوڪي نموني اها سهاڳ رات اپوڳي... بيسواد اجائي وڃائي ڇڏي..!

”راجيش، ڏاڍي خوشخبري آهي، مون کي ڪمپنيءَ جي طرفان فلئٽ ملي رهيو آهي. ڪمپنيءَ جي پرسان ئي ملندو ٻمبئيءَ ۾ ملي رهيو آهي... ٻن ٽن سالن لاءِ انسٽالمينٽ وٺندا رهندا. بس پنهنجو گهر ٿيندو... جڏهن انسٽالمينٽ پوري ٿيندي، ته گهر منهنجي نالي ٿيندو ۽ پوءِ ٻار کي جنم

"راجيش، ناراض نه ٿيو، منهنجي خاطر اوهان کي هي منهنجو فيصلو قبول ڪرڻو آهي. پليز."

...   .

"انو، ڏس، آخر هڪ مدت کان پوءِ هيءَ اسان جي ملڻ ميلاپ واري رات آئي آهي، هن وقت پنهنجا عجيب ويچار وهنوار وساري ڇڏ... اڄ کان پوءِ تون انيتا آسواڻي نه آهين. شاديءَ بعد تنهنجو نالو رکيو ويو آهي انيتا هيراڻي ۽ هاڻي منهنجي بڻجي ويئي آهين. آءٌ توکي پيار مان پوڄي ڪري پڪاريندس. بس، ڇڏ هن نالو، نئين زندگي ۽ نوان ويچار رک...!"

"راجيش، ڏسو، حياتي شانتي ۽ سک سان گذارڻي آهي ته پوءِ هڪ ٻئي سان ائڊجسٽمينٽ ڪرڻي پوندي... مان اوهان جي ڳالهه مڃي. ٻاٻر سال گذرڻ بعد شادي ڪئي، حالانڪ ڪمپنيءَ جي سروس ۾ اڃا مان مس انيتا آسواڻي رهندس، ۽ هن وقت اوهان کي ٻه ڳالهيون مڃڻيون پونديون... پهريون ته مان پنهنجي سموري سئلري ٻئنڪ ۾ ڊپازٽ ڪرائيندس جيئن آئينده جو وقت آرام سان گذري... ڪا چنتا نه هجي، ٻيو ته مون بندوبست ڪري رکيو آهي، جيئن هڪ ٻه سال ٻار نه ٿئي."

"بيماري ٿوڳي اهو ڇا چئي رهين آهين، توکي پتا آهي ته منهنجي ڀاڄائي ٻار کي جنم ڏيڻ وقت تڪليف ۾ اچي ويئي هئي ۽ پوءِ نه هو بچي سگهي ۽ نه ٻار ئي جيئرو ٿيندا ٿيو..."

هن وقت آءٌ پنجٽيهه ورهيه پورا ڪيا آهن، تو اٺاويهه... هي ته عمر آهي بلڪل ٻار کي جنم ڏيڻ جي... منهنجي ڪيتري وقت کان اها خواهش آهي ته هڪ ٻار ضرور هجڻ کپي ۽ پوءِ آءٌ تنهنجا ٻيا شرط مڃيندس..."

آءٌ تنهنجو ماڻيلو ٿي آهيان!"

... ...

"ڏسو، راجيش. مان هن جڳهه ۾ اڪيلي ٿي رهان. انهيءَ ڪري پنهنجو سمورو سون، هيرا وغيره بئنڪ جي لاڪر ۾ سوگها رکيا آهن. گهر ۾ ڪئش به ڪونه رکندي آهيان، بس پرس ۾ مهني جي خرچ جو هزار ڪن رکندي آهيان، سئلري جو اڌ ته انسٽالمينٽ ڀريندي آهيان، انهيءَ ڪري اوهان کي پنج ڇهه هزار ڏيئي ڪونه سگهندس... توهان مگر اوچتو ڪلڪتا ڪهڙي ڪم سان وڃي رهيا آهيو؟ جيڪڏهن وڃي به رهيا آهيو ته هي ٻه ٻه مهينن، سوني چئن پائي وڃڻ جي ڀلا ڪهڙي ضرورت آهي؟ توهان ته چوندا آهيو، سون وغيره پائڻ ٺيڪ نه آهي...!"

"لوگيتا، پڌي، آءٌ ڪنهن بزنس ٽوئر سان ڪلڪتا وڃي رهيو آهيان، ڪلڪتا ۾ ڪنهن فرم جي ايجنسي ملڻ جي اُميد آهي. ڪمائي نه سٺي آهي، نقد ۾ ڏهه هزار ڪن ته مون بزنس مان ڪڍيا آهن، باقي پنج ڇهه هزار کپندا هئا. ڪمپنيءَ ۾ ڊپازٽ ڪرڻ لاءِ... سو تو گهريا، اگر ڏيئي سگهين ته توکي پوءِ واپس ڪندس، فڪر نه ڪر... سوني چئن ۽ ٻه رنگس پائي وڃڻ سان ڪجهه امپرائو شان فرم مٿان ماري سگهبو ۽ ڪم سولو ٿي پوندو..."

نه، نه، مون کي اهي سڀ بهانا ٿا لڳن... مون کان ڪجهه گهرندا نه ڪريو، اهو توهان وٽ جو نئون نمونو وٺي رهيا آهيو!"

"مون کي خبر هئي، تون لوگيتا ڪجهه ڏيئي ڪونه سگهندين... ان کان سواءِ تو اهو فيصلو ڪنهن سان ڪيو جو سمورا زيور هيرا ڪڍي لاڪر ۾ رکيا اٿئي. هت بمبئي ۾ ڪنهن کي به ڪجهه ٿي سگهي ٿو، تو سڀ ملڪيت مس انيتا

۽ ڏيئي سگهندا سين... ڏسون ٿا ڪمپنيءَ وارا ان بعد ڪهڙ
ٿا اٿڪشن ڪڍن!... راجيش حال، ڪجهه وقت اوهان موڪل
جا ڏينهن فقط ڇڏيو، آزاد آئي مون سان ملڻ ايندا ڪريو...
جيئن ڪمپنيءَ کي شڪ نه پوي ته اوهين ڪو معمولا مسئ
آهيو،... موڪلن ۾ نه ڪو به گيسٽ ملڻ اچي سگهي ٿو...
مون سڀ سوچيو آهي...“

”پوڳيتا، ڇا تو سوچيو آهي؟ اهو سڀ ليڪ ٿيندو...
مدر فادر ڇا چوندا؟ اسان پنهنجي هوندي به ٻيا ڪڏهن
ڏوهه جي ٻيا ڊائورس جيئن الڳ الڳ جدا رهون!!. ڇو ڪم
پوڳيتا ڪجهه رقم تون بئنڪ مان ڪڍاءِ ۽ ڪجهه آءُ هٿ
ڪريان... اسين هڪ ماهيم ۾ پنهنجن ساٿين پوسان فليٽ
ولي پنهنجي پرائيويٽ لائيف ۾ خوش آنند رهون.!“

”راجيش، سمجهو ڇو نه ٿا، اهڙو فليٽ وٺڻ هن وقت
اسان لاءِ سپنو آهي... ماهيم باندرا ۾ فليٽ گهٽ ۾ گهٽ
پندرهن ويهه لک کانپوءِ... ڪمائي ڏيو ته پوءِ ضرور وٺندا سين
باقي مون تي نه ڀاڙيو... مون کي ڪمپني هڪ روم ۽ هال
وارو شاندار فليٽ بلڪل معمولي انسٽالمينٽ ۾ ڏيڻ بونس
ڏيئي رهي آهي... اهو پاڻ لاءِ گولڊن چانس آهي... مون
پنجاهه هزار پري ڏنا آهن... هي ڏسو چابي به ملي وئي
آهي...“

”مگر، پوڳيتا، اِي چابي ڪٿي آهي اها ته هڪ آئي...

”پهرين چابي انسٽالمينٽ پوري ٿيڻ تائين ڪمپني پا
وٽ رکندي.“

”مطلب، تون فليٽ جي چابي به مون کي ڪو نه ڏيئي
سگهندين، تون ڪجهه ڏيڻ سگهي ٿي ڪونه آهين! لڳي ٿو

ي ويندا سين... سڀاڻي هن ڪان ڦاهه ٽائيمس مور ملي رهي
آهي... واپس اچڻ بعد رچ لائيف گذاريندا سين... شايد پوءِ
ونڊڪ سروس ڪونه ڪندس..."

اهو، اهڙو ڪجهه. پڻ آءٌ ڪڏهن حد ٽائين خوش ٿيس،
ليڪن پنهنجي ڇوري تي ڪو فرق ڪونه آندو ۽ هنڪي چيو،
"نيڪ آهي، آخر اها آفر تنهن تو ضرور قبول ڪئي هوندي،
پنهنجو فيصلو نه هاڻي بدلجي ڪونه سگهندو."

"او، بلڪل راجيش، منهنجو فيصلو، اوهان کي ٺيڪ لڳو
هوندو، حياتيءَ ۾ هڪڙو فيصلو مون رائيٽ ورتو آهي! اوهين
آئي منهنجا گيسٽ ٿيڻ ٽاڻ ناهه اچي سگهو ٿا، ليڪن خرچ
وڏو اٿو، لڳو پيو، رٿون جوڙي ٽڪيٽ اٿ لڳو سڀاڻيو ۽ پيو
الڳو خرچ... پئي حالت ۾ اوهان کي انتظار ڪرڻو پوندو،
انتظار ۾ به مزو آهي... ڪيئن ڪهڙو خيال آهي؟"

"پوڳيتا، ڪهڙو خيال ڪري سگهجي ٿو، سڀاڻي تي
ڪڏهن ڪي ڀروسو آهي، سڀاڻي ڪڏهن ڏٺي آهي! سڀاڻيءَ ۾
ڇوندا ڪونه آهن ته هٿ وارو گرهه به مڪڻ ٽائين شل پهچي،
پل ۾ به ڪڏهن ڀرلڻ اچي ويندي آهي، ڏسندي ڏسندي
صبر رکندڙ ڌرتيءَ تي ۾ به ڪڏهن زلزلو پيدا ٿي ويندو
آهي!.. ها، مگر ڪڏهن وڃي رهي آهين؟"

"بس، ڪمپنيءَ سان فائنل اگريمينٽ ڪري آئي آهيان
مهني کن اندر سمورا پيپرس تيار ٿي ويندا، هي پڻ ۾
منهنجو پهريون سفر ٿيندو، اوهان نه ڪيترا دفعا اڪيلا ٿي
ٻئي هانگ ڪانگ جا سير ڪري آيا آهيو..."

"پڌايو هاڻي ڪهڙو خيال ويچار آهي... منهنجي سفر
جو...؟"

"پوڳيتا، آءٌ ڪهڙو پنهنجو ويچار ظاهر ڪريان، تون پڻ

آسراٽي جي ٽالي ساڻ رڪائي آهي، اگر ڪجهه ٿي پوي ته
ان جو ڪليم ڪيئن ڪري سگهبو؟ ڇا، اهو سڀ، مونسان
دوکو نه آهي؟“

”راجيش، خبر نه آهي، اڄ ڪالهه اوهان ڪهڙيون واهيات
ڳالهيون ڪري رهيا آهيو، انيتا جا لوگيتا نه آهي... ڇا،
مان توهان جي ترمپتدي ڪونه. آهيان؟ توهان سان شادي
ڪرڻ کان اڳ ڪيترا نهايت بيتل خاندان جا ڇوڪرا، مون
سان رشتي لاءِ خواهان هيا. مگر مون ڏٺو ته اهي سڀ شاديءَ
کي واپار سمجهي پئي لکه مهنجن مائٽن کان ڏيتي ليتيءَ
۾ گهرڻي رهيا هئا، پر اوهان هڪڙائي نيڪ شخص هئا، جنهن
اهڙي قسم جي ڪابه بول ڪونه ڪئي. ڪنهن قسم جي گهر
ڪونه ڪئي. ۽ اهو ڏسي مون مائٽن کي هڪدم ها ڪرڻ
لاءِ چيو، مگر لڳي ٿو اوهان به وڏا چالاڪ نڪتا آهيو. هاڻي
اوهان به ڌنڌي بزنس جي بهاني واسطي ڏاڍي ڏاڍي مون
کي ڦرڻ شروع ڪندا. ليڪن اصل بندي ڇڏيو. مان اهو سڀ
ڪجهه سمجهان ٿي. اوهان مرد آهيو، ٻاڪ هر مهني خرچ ۽
ڪجهه سيونگ لاءِ مونکي به ٿي هزار ڏيندا ڪريو... باقي
ڪڏهن به ڪجهه به مون کان ڇڏائڻ جي هرگز ڪوشش بازي
نه ڪندا ڪريو... مڃن، اوهان کي ڪجهه ڪونه ڏينديس، اهو
مهنجو فيصلو اٽل آ...!“

... ...

”اي، راجيش، مان ڪيترو نه خوش قسمت آهيان، پنو...
توهان ته ڏاڍو خوش ٿيندا، ڪمپني مهنجي سروس مان
سيٽسفائيڊ ٿي آهي، مهنجو قدر ڪري پروموشن ڏيئي
سعودي عربيا ۾ سروس لاءِ آفر ڪئي اٿائون... اها فقط ٻن
ٽن سالن واسطي پوسٽنگ آهي ۽ پوءِ اسين ويل اسٽيبليش

توهين کي ٻه معصوم ٽن ڇهن سالن جا ٻـه ٻار آهن، انهيءَ ڪري ڪمپني هن ڪـــي ڊائيوسٽ جي نوڪري ۽ فليٽ پڻ ڏنو آهي...

هن ڪان ڇهه مهينا اڳ... آءُ ۽ توهين مسٽر المينا جي تلاش ۾ ڪلڪتا پڻ ويـا هئاسين، ليڪن هڪ مهني جي لڳاتار ڳولها بعد به ڪو هن جي ملڻ جو آثار نه مليو.

هن وقت توهين ۽ مون گڏجي رهڻ جو پڪو ارادو ڪيو آهي... هن ڪـــي قدرت به ننڍڙا ٻار ڏنا آهن ۽ ٽيون پنهنجو ٻار ٻـه جنم وٺڻ وارو آهي... اڄ رات اسين آريه سماج مندر گهاٽڪوپر ۾ شادي ڪنداسين... اهو آخرين منهنجو فيصلو آهي!

الوداع!!

بس، تنهنجي زندگيءَ جو هڪ سپنو

راجيش

ڪونه سگهندين، آءٌ مجبور شخص آهيان... انهيءَ ڪر
پنهنجو فيصلو هڪ ڀيرو ٻيهر لکي توکي الوداع ڪرڻ وق
ايئرپورٽ تي ڏيندس، جيئن پلين ۾ ٻه ٽي ڪلاڪ آرام س
پڙهندي وڃين ۽ هردم مون کي ياد ڪندين رهين...!"

"او، راجيش پليز مان توکي وساري ويهندس...!"

...   .

مس انيتا،

هي سڀ تو، پنهنجا فيصلا پڙهيا، هاڻي مون کي به هڪ فيصلي ڪرڻ جو هڪ آهي. تون جڏهن ٻن ٽن سالن ب انڊيا واپس ايندين ته پاڻ کي اڪيلو پائيندين...! ڇو مان جڏهن توسان فليٽ ۾ ملڻ ايندو هوس ته پنهنجو فليٽ اڪثر الائي ڇو لاڪ ٿيندو هيو، اهڙي حالت ۾ آءٌ ڪيت وقت پنهنجو انتظار سامهون واري فليٽ ۾ رهندڙ مسز نوتن آلميڊا جي گهر ۾ ڪندو هوس. هوءَ ڏاڍي مون س همدرد ٿيندي وئي، ڪارڻ اهو هيو جو هوءَ خود وڏي د درد ۾ جيئي رهي هئي. اسان جي درد جو رشتو اڄانڪ ٻ ۾ بدلجي ويو ۽ قرب جو رشتو پڪڙجي ويو ۽ پوءِ ڪيترا د آءٌ نوتنءَ سان روح رهاڻ ڪري پنهنجا توسان ملڻ جي ٿ پنهنجي دروازي تي پنهنجا آواز ڏيڻ جي واپس هلندو ويند هوس...

توکي ڄاڻ آهي ته نوتن جو مسٽر جيڪب آميڊا، توه جي ڪمپنيءَ جو سليس ايجنٽ هيو ۽ ڪمپنيءَ جو ڪارو سان ڪلڪتا ويو هيو، ليڪن بدقسمتيءَ سان ڪيڏانه لاپتا ٿي ويو آهي... اڄ ٻن سالن تائين هو گهر واپس ڪ آيو آهي. نوتنءَ ۽ سندس ڪمپني هن جي ڳولها واس چڱي ڪوشش ڪئي مگر هن جو ڪو پتو ڪونه پيو آهي

اگر شاپنگ ڪندي به ته هزار کن ڪان وڌيڪ نه ڪونه ڪندي...

ائين ئي ٿيو، ڊنر ڏاڍي مزيدار رهي. رشما اڄ موڊ ۾ هئي، هوءَ هر ڳالهه تي مسڪرائي رهي هئي، ڪافي وقت هن ڪجهه رومانٽڪ اردو شاعري، غزل ۽ ڪن گيتن جون سٽون ٻڌايون، مون به جواب ۾ ڪي جوڪس، شاعري ۽ لطيفا ڪيس ٻڌايا، بس محفل ڪل خوشيءَ ۾ پوري ٿي. ٽئڪسي ۾ هوءَ مون کي پنهنجن ٻانهن ۾ پڪڙي ويٺي هئي، مان خوابن جي دنيا ۾ جڻ گم هوس، عجيب موج ۽ لطف ماڻي رهيو هوس. هن جي جسم جو گرم ڇهاءُ گاڏيءَ جي رفتار ۽ لرزش اهي سڀ ملي دل ۾ خوف ۽ شوق ۾ ڪمبڻ پيدا ڪري رهيا هئا!

...پر خبر ئي ڪونه پئي جلدئي رشما جي اپارٽمينٽ وٽ پهچي وياسين، گاڏيءَ جي بريڪ لڳڻ سان هن پنهنجن ٻانهن جو گهيرو کولي ڇڏيو... مون کيس الوداع ڪئي، مگر رشما پنهنجي لمبي ۽ سهڻي ڪليل ٻانهه وڌائي مون کي ٽئڪسي مان ڇڪي ٻاهر آندو ۽ پنهنجي دستوري نازو انداز سان چيائين، ”جناب، هي سڀ گفٽ اوهين پنهنجن هٿن سان ٻوٻا کي مٿي هلي ڏيو، ائين لوهانڪي وڃڻ ڪونه ڏيندس...“

مون واسطي رشما جي گهر هلڻ ڪا نئين ڳالهه نه ڪونه هئي، ان ڪري ٽئڪسي واري کي روانو ڪري ساڻس گڏ لفٽ ۾ هليو آيس، اندر ڊرائينگ روم ۾ نوڪرياڻي شياما ٻوٻا کي راند ڪرائي رهي هئي ۽ مسٽر رميش پنهنجي پٽ راج کي ڪامڪس مان ڪجهه پڙهي وندرائي رهيو هيو.

رشما اندر گهڙندي چيو، ”ديکو بيٽي ٻوٻا، تيري ليئي انڪل گلاب ني ڪيا ڪيا پارزلس لائي هئين... انڪل ڪو

نازو انداز

ريشما اندر آئي، هن جي اچڻ سان منهنجي پوري ڪئبن
۾ مڌر خوشبوءِ ڦهلجي وئي... ها... ائين ئي ٿيندو هيو، هن
جي قدم رکڻ سان پيدي مهڪ اچڻ شروع ٿيندي هئي. ريشما
مون کي ڏاڍو وڻندي هئي. هن جي نگاهه هڪ قسم جي
مدهوشي پيدا ڪري ڇڏيندي هئي. اڄ هن جي خوبصورتي
به خوب لڳي رهي هئي. ڪريم ڪلر ساڙهي ۽ تنگ بلائوز ۾
هوءَ بيحد، دل کي بي قرار ڪندڙ لڳي رهي هئي.. هن تي
نگاهه وجهڻ سان ئي غزل جي سٽ چپن تي تري آئي...

يار دلبر ڏنم ٽوڪي، سازش ڪائنات جي آئي سمجهه ۾

ريشما هميشه جڏهن ڪال منهنجي نزديڪ لڳي اچي بيٺي
هئي، ڪجهه ضروري پيپرس ۽ آرڊرس فوم جا سامهون آڻي
رکيا هئائين... مان پيپرس پڙهي صحيح ڪري رهيو هوس،
مگر سوچيم ٿي ته جيڪر پيا ئي پيا هٿ هڻان!

پيپرس پڙهي ڪري مون کيس چيو، ”ريشما، فون ساڍي
پنج. آفيس کان نڪري فلورا واري رستي ڏانهن هلندي هل
مان توکي اتيان ئي ٽيڪسيءَ ۾ پڪ اَپ ڪريان ٿو...

”ها، ٺيڪ آهي، مگر اوڏانهن هلڻ کان اڳ ڪجهه شاپنگ
ضرور ڪرڻي آهي. هن سينڊل جي پٽا جو ٻوٽ ڏي
آهي...“ ريشما ائين چئي ٽڙڪائيءَ سان پنهنجو هٿ ڇڏائي
هلي وئي ۽ مون پنهنجو هٿ ڦري پاڪيٽ مان پرس ڪڍي
ڏٺو ته اٽڪل ٻه هزار کن ته واهه جا پيا هئا. دل ۾ خيال ڪيو
ته پنج سو کن هوٽل جي ڪاڌي وغيره جو بل ٿيندو، باقي

منوج کي ساڻ وٺي رشما جي گهر پهتس، مون منوج کي هڪ امپورٽيڊ ڊال پارسل ڪرائي ڏني، جيڪا هن پريا کي اڄ ئي گفٽ ڏني ۽ مون هڪ ننڍي باڪس جنهن ۾ گولڊ رنگ هٿي اها لڪائي ڪٽي رشما کي ڏني... رات جي ماني کائڻ بعد نڪرڻ کان اڳ رشما ٻهاني سان اندر سڏ ڪيو ۽ منهنجن چپن تي پنهنجا چپ رکندي چيائين، "سڀاڻي آفيس اچي ڪونه سگهندس" ۽ مون به ڪيس اهڙو ئي جواب ڏنو ۽ هن پڇيو "ائين... ڇو...؟" مون چيو، "اها ڪس سڀاڻي لاءِ تون آفيس ۾ ملي ڪونه سگهندين... نه..."

ائين تي اسان جو سلسلو پيو هلندو هيو... پيار محبت، روسڻ ورچڻ سڀ آفيس ۾ اسان جي رشتي جي گهرائپ لاءِ پيا سس پس ڪندا رهندا هئا، مگر مان منيجر جي حيثيت ۾ هوس ۽ رشما ڪافي بولڊ هئي، جنهنڪري سڀ ڏسندا ئي رهجي ويندا هئا.

هڪ ڏينهن رشما آفيس جا پيپرس آڻي سامهون رکيا ۽ ان ۾ هڪ ليٽر هيو، جنهن جي مٿان پرسنل (Personal) ورڊ وڏن اکرن ۾ لکيل هيو.

مون ليٽر پڙهيو، انگريزي ۾ ٽائيپ ٿيل هيو، اهو ڪجهه هيئن لکيل هيو.

ماءِ ڊيئر گلاب،

مون کي اجازت ڏيو ته آفيس بعد ڪٿي پارٽ ٽائيم سروس ڪريان منهنجو مسٽر رميش پيٽرول پمپ جي پارٽنر شپ مان فقط پنج هزار ڪمائي ٿو، جنهن مان هزار کن هو شيلا مٿان ۽ هزار کن شراب ۾ دق ڪري ٿو ۽ باقي ٽي هزار کن مون کي ڏئي ٿو، منهنجي سئلري ته هٿ ۾ رڳو ٽي هزار کن ملي ٿي. اهو سڀ ملائي بمبئي جهڙي شهر ۾ اسٽينڊرڊ نموني

وش ڪرو..."

ايترو چئي هوءَ پاڻ ڪپڙا چينج ڪرڻ لاءِ ٻئي ڪمري ۾
هلي وئي ۽ رميش مون سان هٿ ملائي ويهڻ لاءِ چيو، مون
پارسل پوپا اڳيان رکيا. رميش پوءِ شياما کي ڪجهه آڻڻ لاءِ
چيو ۽ پارسل باڪس ڏانهن اشارو ڪندي رميش چيو، "چو
گلاب اوهين پوپا جي برٿ ڊي تي اچي ڪونہ سگهندا؟ هي
هن وقت ائڊوانس ۾ پريزنٽ آندو اٿو..."

"سا او...نو، رميش، هن ۾ پوپا واسطي ڊريس اٿس،
جيڪي ان وقت جنمدن تي پائيندي..."

"چا، اوهو، سڀ هانگ ڪانگ مان آيل مال آهي ڇا؟"

رميش کلندي پڇيو.

"ها، بس ائين ئي ڪجهه سمجهو..." ۽ پوءِ مان ۽ رميش
ڳالهين ۾ لڳي وياسين. شياما ڪجهه کائڻ پيئڻ لاءِ کڻي آئي...
مون ڪجهه بہ کائڻ کان انڪار ڪيو ۽ کين ٻڌايو تہ، "پوپا
ڊنر ڪري اچي رهيا آهيون."

رشما پاڻ ايندي ئي آئسڪريم آڻڻ لاءِ چيو ۽ سنڌو رميش
پاڻ اٿي فرج مان ٻہ پيالا آئسڪريم کڻي آيو...

رشما سامهون ويٺي هئي، هوءَ هاڻي شفاف سفيد نائٽي
۾ حور لڳي رهي هئي. منهنجي دل تہ ٿي چاهيو تہ کيس
ڇڏي هليو وڃان!!... مگر اسان جي دوستي اهڙائين هئي
انهيءَ ڪري آئسڪريم بعد مان حسرت سان رشما ۽ رميش
کي گڊنائيٽ ڪئي ۽ هوءَ لفٽ ڏانهن مون کي ڇڏڻ آئي...
۽ شرارت جي هلڪي ڇهاءَ سان هٿ ملائي موڪليو...

... ...

اڄ پوپا جو برٿ ڊي هو، مون مسز کي هلڻ لاءِ چيو مگ
هوءَ رڪي، ڪسي وٽي پنهنجي پيڪ ڏانهن هلي وئي ۽ ما

ويو رشما جي نازو انداز هٿي هڻڻ ڪيو، بلڪل ڪاميابي ملي، هن جي پياري مسڪراهٽ کي پرنسپال لاربس نظرانداز ڪري نه سگهيو، هو هڪ اهڙي طلسم ۾ اچي ويو جو صرف انهن پنجن هزار ڊونيشن سان پوپا جي ائڊميشن هڪدم ملي وئي! مون ان ڏينهن رشما جي ادا کي داد ڏنو.

اڄ اسين ٻئي بيحد خوش هئاسين... موڪل جو فائدو ورتي، ايلفنٽا ڪيوز (Elephanta caves) ڏانهن پڪنڪ لاءِ هليا وياسين، اُتي ڪوهه چاڙهه سچاڙهه وارو ملڪ مشڪل هيو، جنهن ڪري لانچ جي سفر کان وٺي غفائن ڏسڻ تائين هڪ ٻي جي ٻانهن ۾ ئي هئاسين!

غفائن ۾ سنگتراش ٺيل پراچين آڪرتين ۾ نزاڪت، پيار ۽ نفس جي ڪيتري نه ڪشش هئي! ڪٿائن ۽ مٿالاجي وارئون اهي مورتون ساڪيات بيٺيون هيون. موهت ڪري رهيو هيون...!!

دل ۾ هڪ خيال آيو، جيڪر هت اهڙين ناياب آڪرتين سان گڏ هڪ ماڊرن اسڪلپٽ ڏاپ ۾ هڪ حسينا، جيڪا منهنجي آغوش ۾ سميٽيل هجي اهڙي آڪرتي به هجي! مون رشما سان اهڙيءَ ڪلپنا جو ذڪر ڪيو، ۽ هوءَ خوب کلڻ لڳي ان وقت لانچ جي زوردار وسل لڳي؛ منهنجا نازڪ ويچار ائين ئي هوا ٿي ويا اسين تڪڙا اچي لانچ ۾ ويٺاسين، پر اڃا دل پوري ڪانه ٿي هئي، پوءِ ٻئي انگلش پڪچر ڏسڻ هليا وياسين. پڪچر جو نالو نه ۽ پڪچر ۾ ڇا هلي رهيو آهي ان کان به اسين ٻئي بيخبر هئاسين، پنهنجيءَ مستيءَ ۽ هلڪن ڳالهين ٽهڪن ۾ پورا هئاسين، هڪ سين رڳو اسان جو ڌيان ڇڪايو، جنهن ۾ انگلش هيرو ڪن پکين جي تلاش ۾ آفريڪا جي جهنگلن ڏانهن اچي ٿو، جهنگلن ۾ گهڙڻ کان اڳ هو، پنهنجي واسطي چڱي رقم ڏيئي هڪ گائيڊ هٿ

جيئڻ واسطي تمام ٿوري انڪم آهي، جنهن مان گذارو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

اميد ته منهنجي تڪليف ۽ ضرورت محسوس ڪندا ۽ مون کي ڪٿي پارٽ ٽائيم نوڪري وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪندا...

توهان جي وفادار... ريشما.

مون ليٽر پڙهي مسڪرائي ريشما کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو ۽ کيس چيو ته، "ڏيٺو وري اهڙي درخواست لکڻ جي ضرورت ڪونهي... مان پنهنجي مئنيجر کي مهني ۾ گهر خرچ لاءِ پنج هزار ڏيندو آهيان ۽ هو فرحت سان گهر هلائيندي آهي... پر تون ڪوئي خيال نه ڪر، مان جو آهيان... توکي ڪڏهن به شڪايت جو ڪارڻ نه رهندو...!"

۽ بس پوءِ هوءِ پاڻ ڇڏائي مسڪرائي هلي وئي...

... ...

هڪ ڏينهن آفيس بعد هوٽل ۾ آياسين، ان وقت ريشما چيو ته، "سيٺ موڪل ڪريو، پوپا جي ائڊميشن واسطي ايم. ايم. اسڪول جي فادر سان ملڻو آهي... پر سال اڳ پنهنجي راجا جي ائڊميشن ڏاڍي ڏکي پندرهن هزار ڊونيشن سان ملي هئي..."

مون موڪلائڻ وقت کيس پنج هزار ڏنا ۽ کيس چيو ته بي گفٽ وغيره وٺي هلجي..." ريشما روپين جو پاڪيٽ پرس ۾ وڌو... ۽ ملي مسڪراهٽ سان موڪلايو.

سياڻي ٿي اسين ٻئي آفيس کان وياسين. ريشما اڄ الائي جو اسڪرٽ ۽ ٽاپ پائي آئي هئي. مون هڪ سوئيٽ باڪس ۽ امريڪن فلاسفيءَ جو بوڪ فادر کي گفٽ ڏيڻ لاءِ خر ڪيو. فادر لارينس سان ملياسين. ريشما فادر کي جڏهن گهڻ وقت کان ٿي سڃاڻيندي هئي، ها پر سڀ ڪجهه ٿ

گھڻو ڪلوس بدليل هيو... موڪلائڻ وقت رشما ياد ڏياريو تہ "ايندڙ هفتي ڏياري آهي. هن دفعي ديوالي رات مان اُسي فئملي سان اوهان جي گهر ايندس... ڪوئي اعتراض...!"

"بلڪل نہ... اها ديوالي جي رات مون لاءِ ڄڻ شب رات ٿيندي، پياري، او.. ويل ڪم..." مون خوش ٿيندي چيو.. ڪاش، هر رات ئي ڏياري هجي...!"

اڄ ڏياريءَ هئي، رشما پنهنجن ٻچن ٻارن سان منهنجي گهر آئي هئي... منهنجي ڊرائينگ روم ۾ ڪا ڄڻ رنگين رونق اچي وئي هئي. رشما انهيءَ ساڙهيءَ ۾ لاجواب لڳي رهي هئي! منهنجي مسز بہ ساڳي ساڙهي پهري هئي. مگر هو ڏياري جو روشن چراغ لڳي رهي هئي ۽ رشما چمڪندڙ رنگين فانوس...!

رشما پنهنجي چتر زبان ۽ ڪشش ڪندڙ مسڪراهٽ سان مسز کي جلد پنهنجو بڻائي ورتو، لڳي پيو هڪ مدت کان هو ٻئي ڄڻ ساهيڙيون آهن. سڀ ٻار بہ پاڻ ۾ مڪس اپ ٿي رانديون ڪرڻ لڳا... مگر مان ئي فقط اڪيلو رشما جي ادائن ۽ سونهن جو منظر ڏسي رهيو هوس!...

کاڌي پيتي وغيره بعد... رشما پاڻ سان آندل گفٽ باڪس منهنجي ٻارن کي ڏنو ۽ موٽ ۾ منهنجي مسز هانگ ڪانگ مان آندل هڪ آرٽيفشل جيولري سيٽ رشما کي پريزنٽ ڪري ڏنو، جيڪو هن اتي ئي پائي ڏيکاريو. موڪلائڻ وقت رشما ٻاهر اچي چيو تہ، "گلاب اوهان جي مسز تہ گل مثل آهي، اوهان ٻئي تہ سچ گل گلاب ٿا لڳو، پر اوهان جو گهر عاليشان پئلس آهي... ڪاش، ڪجهہ اهڙو ئي نماءُ منهنجي قسمت ۾ بہ هجي... ڪيئن؟"

ڪري ٿو، اها گائيڊ ڪيمپا جي هڪ ننڍڙي گول هٽي. هيرو انگي
پسند ڪيو، جيڪا پنهنجي پيءُ سان اڪثر جهنگلن ۾
شڪار ڪندي هئي. هيرو گائيڊ کي اسٽور تان هڪ ٻه انگلش
ڊريس وٺي ڏئي ٿو ۽ پوءِ جهنگلي ٻڪرين جي کوجنا شروع
ٿئي ٿي... جهنگل ۾ اهي ندي ڀرسان ٽينٽ لڳائن ٿا. هيرو جا
ڍلائي ڪاڏي واسطي ميون ٻڪڙي ٿو ۽ چوڪري ٿورو دور
نديءَ ۾ سنان ڪري ٿي پر اوچتو ئي هڪ باندر وڻ تان
لهي ان چوڪريءَ جا سڀ ڪپڙا کڻي ڀڄي هليو وڃي ٿو ۽
اهو ڏسي اها ننڍڙي ٻهوءِ انهن ٽڪيٽ ٻاهر نڪري اچي ٿي ۽
ڀوڙي هيرو جي شرٽ لاهي کڻي پائي ٿي... هيرو ان کي
اهڙي حالت ۾ ڏسي ٿو ۽ ڪمس ٻانهن ۾ کڻي نرم گاهه تي ليٽائي
هينيان سمهاري ڇڏي ٿو بس وڻ مٿان اهو باندر هڪڙي گهوري
ڏسندو رهي ٿو... درشڪن کي وڌيڪ ڪجهه. ڪونه ٿو ڏيکاريو
وڃي...!

اهو درشيه اسان ٻنهي کي هميشه لاءِ ياد رهجي ويو...
۽ پوءِ اسان شاندار هوٽل ۾ عاليشان ڊنر ڪاڌيسين ۽ ان بعد
رشما کي گهر وٽ ڇڏيو.

... ...

هڪ ڏينهن رشما، گهر مان سٺو ڪاڌو تيار ڪرائي آئي
هئي، اسين آفيس مان نڪري، شهر کان دور هڪ نديءَ
ڪنڊ تي هليا وياسين، ”رشما اڄ گارڊن ڪان سڌو هلنداسين
مسز لاءِ ڏياري جي سوکڙي وٺڻي آهي، هڪ ٻه ساڙهي وغيره
تون ٻه پنهنجي لاءِ پسنديءَ جي قيمتي ساڙهي وٺجانءِ...“
ڊپارٽمينٽ اسٽور تان رشما پنهنجي واسطي ٻه ٽي قيمتي
ساڙهيون، سينڊل ۽ ڪجهه سينگار جو سامان ورتو... اگهه ٻ
ساڙهيون ۽ سينڊل ٻنهي جا هڪ جهڙا خريد ڪيا، مگر ٿو

مسڪراهٽ هانگ ڪانگ ۾ ڪٿي ملندي! اُتي تہ سونهن
ڪرو ٿيندي آهي. ائين ٻڌو آهي!“

”۽...هتي...؟“ رشما ٻاڪر ۾ ايندي پڇيو.

مون کيس سيني سان لڳائيندي چيو، ”هتي، تون آهين
تمنا جوان آهي... زندگيءَ ۾ بهار آهي...!!“

”هائي... ڇڏيو... مگر هن وقت اوهان ناچيز کي الائي
ڪيئن ياد ڪيو آهي...؟“

”...او رشما، اڄ، سال آخرين رات آهي... هن سال جو،
آخرين ڏينهن... ڪٿي هلون؟... ڪهڙي هوٽل جي ٽيبل بوڪ
ڪرايون... ها، پيو اڄ تو کي جلدي تہ گهر ڪونہ وڃڻو آهي
نہ...؟“

”نہ... اڄ تہ رمش پارن ۽ شياما سميت پنهنجي اسٽاف
سان شوٽي درشن لاءِ ويا آهن، اُتي سياٽي گوروار جي آرتيءَ
۾ معتون مرادون گهرندا، جيئن سندن ايندڙ سڄو سال سک
چين سان گذري...“

”ٺيڪ آهي، آفيس بعد هلون ٿا...“ ۽ رشما هڪ نظر
ٻرالف کيس مٿان وجهندي مسڪرائيندي ڪئبن مان هلي
وئي.

... ...

اڄ هوٽل بلو اوشن (Hotel Blue Ocean) ۾ ڏاڍي چهل
پهل لڳي پئي هئي، سموري هوٽل رنگين روشني، مڌر
سنگيت ۽ ٽهڪندڙ چهڪندڙ وستن ۾ نازنين سان جرڪا ساڪيا ست
اندر سڀا لڳي رهي هئي!

اسان جي ٽيبل سمورلت هڪ ڪاٽيج ۾ بوڪ ٿيل هئي.
ڪاٽيج ۾ ڊم لائيٽ هئي ۽ هڪ سلور پليٽ ۾ سجايل شمع
جلي رهي هئي. ٻرندڙ شمع تي ڪيترا پروانا ٽڪرائي رهيا

هُن صرف ڪنڌ لوڏيندي ڪليو... ۽ ڪين ٽئڪسي ۾
روانو ٿيو.

... ...

اڄ ڊسمبر جي آخري تاريخ هئي، سڀاڻي آفيس مان نئين سال جي موڪل هئي. اهو خيال ايندي ئي مون يڪدم چپراسي کي سڏي ريشما کي ملڻ لاءِ نياپو موڪليو، مگر ان ريءَ ۾ منهنجي ڪئبن اندر اهو ايجنٽ اچي پهتو، جيڪو اڪثر ايندو رهندو هيو. هن اچڻ سان ئي هڪ لفافو ڪيش رقم سان ڀريل سامهون ٽيبل تي رکيو. منهنجي فادر هانگ ڪانگ مان بلئڪ مني موڪلي هئي، مون نوٽ ڳڻيائي ٿي ته ريشما به اندر پهچي وئي. هن کي آيل ڏسي، مون ايجنٽ کي هڪدم ڪميشن ۽ سلپ صحي ڪري روانو ڪري ڇڏيو. هن جي وڃڻ بعد، مون نوٽن جا بنڊل ناهي بئڪس ۾ رکندي چيو

”ريشما، هي ايندڙ سال لڳي ٿو ڏاڍو خوش خيريت سان گذرندو... ڏس پتاجيءَ هانگ ڪانگ مان ٽي لک روپيا موڪليا آهن... فارين ۾ ڌن دولت ڪمائڻ جا وڏا چانس آهن، سوچيان ٿو، مان به ايندڙ سال جيڪر فادر وٽ هليو وڃان... ڪيئن...؟“

”او...هو، بس رهڻ ڏيو، جناب، مون کي ڇڏي هتڙي فئر ڪمپني ڇڏي، اوهين وڃي ڪونه سگهندا!“

”ڇو... ڪين، آئي تو جهڙا، توکان اور خوبصورت مايل ملي سگهندا... مگر منهنجي مسز موڪل ڪانه ڏيندي...“

”پوءِ آزمائيو، ڪڏهن، پنهنجي قسمت، منهنجا به پاڳ کولي پوندا، اوهان سان اُتي حسين ملاقات ٿيندي... اُتي جي ڌن دولت ۾ منهنجو به حصو ٿيندو... ڪيئن؟“

”او... ريشما، مگر تو جهڙو، پيار الفت ۽ هي دلفريب

ميدي ٿي دل مٿان لڳايو... اها حرڪت ڪندي، ان گهڙيءَ
ان منهنجو توسان پڇڻ پڇڻي ويو! ۽ هاڻي نه مان هر وقت
و لاءِ بي قرار رهان ٿو...!“

”گلاب، ان ڪان ٻه گهڻو اڳ، مون توهان کي تاڙي چڪو
هيو، بلڪ جڏهن ڏينهن ڪان اوهين هن ٻرانچ جا مئنيجر ٿي
آيا. ان ڏينهن ڪان، مان اوهان کي نظرن ۾ رکيو هيو... بس
حسين موقع جي تلاش هئي... ۽ اهو فنڪشن... اها پڇڻ هڪ
بهانو بڻجي ويو، اسان جي پياريءَ ملاقات ۽ ملڻ جو...!“

ايتري ۾ ٽيبل تي ڪافي ۽ ڊرنڪ وغيره اچي ويو... مان
اي نه رهيو هوس ۽ شوائي نگاهن سان ريشما کي ٻه نهاري
رهيو هوس مگر ڏٺم ته ريشما جون بار بار نگاهون ٻوٽف ڪيس
ڏانهن نهاري رهيون هيون... اهو ڏسي مون کي ٻه ياد آيو ته
وڏي رقم ساڻ آهي، انهيءَ ڪري ڊنر کائڻ بعد هڪدم ريشما
کي هوٽل مان نڪري هلڻ لاءِ چيو، هوءَ ٻه جلدي اٿي ڪڙي
ٿي ٽئڪسي پڪڙي ٻوام لبلا اپارٽمينٽ اچي پهتاسين مگر
ريشما هميشه جيتان مٿي هلڻ لاءِ التجا ڪئي. مون چيو،
”نيڪ آهي، هل يار تنهنجي ڪمري آئسڪريم جي ٽيسٽ
ٻه وٺندا هلون...“

... ...

مٿي پهچندي هن هڪدم ٻه پهلا آئسڪريم جا آڊر اڳيان
رکيا، مون جذبات ۾ سندس ٻانهن ڪان پڪڙيو، مگر هوءَ
چستيءَ سان پاڻ ڇڏائي اندر بي روم ۾ ڪپڙا بدلائڻ لاءِ هلي
وئي... هوءَ پنهنجي ڊريس ٻه چينج ڪري رهي هئي ۽
مون سان سياڻي جو پروگرام ٻه طئه ڪري رهي هئي — مان
ڳالهائيندو ڏيري ڊاوي اندر انهيءَ ڪمري ۾ گهڙي ويس...

هئا. ڪي بي حال ٿي ٽڙڪي رهيا هئا...

اهو ڏسي مون رشما کي چيو، ”هي پروانا، ويچارا نادان آهن...! آگ سان ٿا موت جي راند ڪن، هنن تي رحم ٿو اچي...!“

”اڙي، منهنجا پيارا يار... هيءَ شمع جلي ٿي ڪونه ته چمڪر هي پروانا مستان ڇو ٿين... اهو سڀ شمع جو فريب آهي... ۽ پروانن جو موت!!“

رشما، تون ته مونکي پرندڙ شمع جهڙان لڳندي آهين! توکي ڏسڻ سان، مون ۾ عشق جو اهڙو ته خمار چڙهي ٿو، جو لڳندو آهي ته تو مٿان جيڪر سڀ ڪجهه قربان ڪريان...!“

”گلاب اهي سڀ بيان ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون آهن، هيءَ زندگي شمع پرواني جو کيل ڪونهي! حقيقت ڪجهه اور ٿي آهي... هن وقت پيسي جي چمڪ ٿي پرندڙ شمع آهي... ۽ اسين سڀ ان مٿان مرندڙ نادان پروانا آهيون!... ڇو ته اڄ هرڪو مايا مٿان مستان آهي!“

”او، رشما، توکي ڄاڻ آهي ته مان، تو مٿان ڪڏهن کان مستان بڻجي ويو آهي؟“

”نه، مون کي ڪهڙي خبر، مان شروع کان ئي هسٽري جاگرافي ياد ڪونه رکندي آهيان... ها، ٻڌايو ڪٿي ڪڏهن کان مون مٿان چريا ٿيا آهيو؟“ هن کلندي کلندي پڇيو...“

”رشما توکي ياد هوندو. فرم جي جدول مڪمل مسٽر پوڊاسيءَ جي سنمان ۾ فنڪشن ٿي رهيو هو. ان وقت اچانڪ تون مون ڏانهن وڌي آئين مون کي ڪٿي پنهنج پاڻي چڙهيءَ ۽ پوءِ پڪڙم تو هڪ پيو پنهنج مونکي هٿ ۾ ڏيندي پنهنجي هن اُپرپل چاليءَ ڏانهن اشارو ڪندي حڪم ڪيو ته، ”هي مونکي پايو“ ۽ مون پنهنجا ٻئي هٿ وڌائي اهو پنهنج تنهنجي

دن ڏسي رهندو... تـوهـان هاڻي... هڪ لعل پيدا ڪبو...
س .. اها منهنجي تمنا پوري ڪر..." ۽ منهنجا هٿ ريشما
ي شرير کي پوري طرح ڪوارڻ لڳا...

"گلاب، ڏس، مـان سڀ ڪجهه توهان واسطي ڪرڻ لاءِ
يار آهيان، سڀ ڪجهه توهان جي حوالي آهي، مگر ڏيڻ سان
ندو، توهان کي اهو بريف ڪيس هتي ڇڏي وڃڻو پوندو...
ڏيـڍ لک روپيا لڳائيندس، سڄي گـهـر کـي ڊيڪوريٽ
ڪرائيندس... شاندار عاليشان جيئن اوهان جو ڊرائينگ روم
دلڪش لڳي رهيو هيو... باقي ڏيڍ لک توهان جي ايندڙ گل
ار واسطي فڪس ڊپازٽ ۾ جمع ڪرائـي رکندس... منظور
اتو... ته هٿ وڌايو...! اها قيمت اوهان کـي حد پار ڪرڻ
واسطي ادا ڪرڻي پوندي!"

ايترو ٻڌي، منهنجا هٿ حرڪت ڪان رڪجي ويا... مون
ڏٺو ته، مٿي ڦرندڙ فئن جي پليٽ ۾ ريشما جو ننگو دلفريب
جسم نظر اچـي رهيو هيو... اهو ڏسي منهنجو مٿو بـه ڦري
رهيو هيو، مگر مون ترت ڪجهه سوچـي ورتو ۽ پنهنجا پير
بستري تان هيٺ لاهي ڇڏيا ۽ پـوءِ اٿي کڙو ٿيس، پنهنجا
ڪپڙا ٺيڪ ڪيا ۽ بـوٽ پاتي يڪدم هٿ ۾ بريف ڪيس
کڻي ورتو...

ريشما، انهيءَ سهيل حالت ۾ پنهنجي اگهاڙي شرير ڏانهن
اشارو ڪندي مسڪرائيندي چيو، "ڇو، گلاب سودو مهانگو
لڳو ڇا؟ اوهين نـه، مون لاءِ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هئا؟
پر مون اول ئي ٿـي چيو ته، توهان اها قيمت چڪائي نـه
سگهندا...!!"

مان هڪ پـل ترسيس، پـر پوءِ دروازي ڏانهن هلڻ شروع
ڪيو، ليڪن هوءَ انهيءَ حالت ۾ اٿي آئـي ۽ منهنجو هٿ

هوءَ وستر لاهي چڪي هئي ۽ سومنگ پول ڏي پاڻ ڪڏڻ
حسينا جي پوز ۾ جڻ بيٺي هئي... سامهون آئيني ۾ هن جو
پورو اڪيلو شرير مون کي للچائي رهيو هيو، مان اچا اڳتي
وڌي هن جي سموري جسم کي ٻانهن ۾ زور سان پڪڙي
ورتو...

رشما انهن ڪندو ڏسي چيو، ”گلاب، هي... ڇا! نشو
چڙهيو اٿو ڇا؟ اڪيلائپ جو فائدو وٺڻ ٿا چاهيو...!“ مگر
هن جي چهري تي غصو ڪونه هيو...

”رشما پياري اسان ڪيترو نه هڪ ٻي جي قريب آهيون
اسان جي هڪ نشاني... پيار جي نشاني، هڪ ٻار هئڻ
گهرجي...!“ ۽ مون کيس گهلي بيڊروم ۾ آندو...

”گلاب، اهو سڀ ڏايو رسڪي آهي، اهو ممڪن نه آهي
منهنجي مسٽر کي بس ٻه ٻار کپندا هئا، هاڻي هن وقت هن
پنهنجو آپريشن ڪرائي ڇڏيو آهي... مان سڪ ۾ ايڏي رسڪ
کڻا، جوکم سر تي کڻان ٿي، مگر ان لاءِ توهان کي ڏاڍي قيمت
ادا ڪرڻي پوندي !!

”رشما، اڙي پڳلي، مان ته تو لاءِ جان به قربان ڪرڻ لاءِ
تيار آهيان !“ ۽ مون کيس هاڻي پوري طرح بستري تي
آڻي ليٽائي ڇڏيو هيو، هن جو شرير منهنجن آغوش ۾ هو ۽
منهنجا چپ بار بار هن جي انگن کي چمي رهيا هئا... رشما
پيڊ ڪور سان پنهنجي شرير کي اجارو ڍڪڻ جي ڪوشش
ڪري رهي هئي ۽ چيائين، ”گلاب، پليز ايترو حد نه ٽپو، ان
منزل جي وڏي ڏکيا اوهان کي ڏيڻي پوندي... توهان ڏيئي
ڪونه سگهندا...!!“

”اڙي پياري... رشما، پيار محبت ۾... قيمت ڇا! ڏکيا
ڇا!!... چونه، تو لاءِ مان ڇاڪريان... اڄ گلاب تنهنجو گل

چا ٿيندو ....؟

"سر، هن باڪس ۾ ٻيو ڪجهه نه ڪونهي
سان جي سرڳواسي پتا جا سڪ آهن... يعني هانيون آهن
۽ ڪجهه پوڄا ڪرڻا ڪرم لاءِ سامان پڻ رکيو آهي... اسان
جي مرحوم والده جي اها انتم اڇا، يعني آخرين خواهش هئي
ته مقدس هانيون وغيره پاڪ گنگا جيءَ ۾ پرواس ڪيون وڃن
بس انهيءَ سلسلي ۾ انڊيا وڃي رهيا آهيون." جاچ ڪندڙ
ساڻهون سنڌي مسلمان آفيسر هيو، جنهن کي سمجهڻ ۾
وقت ڪونه لڳو ۽ هڪدم آڻو ڪيائين، ليڪن هنن ٻمبئي
اٽاري رت ٽي ڪسٽم آفيسر بيحد تنگ ڪيو، اهو دٻو کولائين
۽ نڪ تي رومال چاڙهي، اندران هانيون منجهان ڪجهه ڳولهڻ
لڳو، هن کي هڪ سوني هيري ۾ جوڙيل منڊي، چانديءَ
جون واليون ۽ ڪنگڻ وغيره ڏسڻ ۾ آيا، اهو ڏسي هو اسان
کي ڏاڍو شڪ گمان سان ڏسڻ لڳو ۽ سخت اعتراض ورتائين
منهنجي ٻڌر کيس گهڻو ئي سمجهايس ته هو جواب چوي
ته "اها اوهان سنڌين جي چال آهي. اگر دان تي ڪرڻ
جو شوق اٿو ته پوءِ اها منڊي، هن ساڻهون غريب سوئيپر
(Sweeper) کي کڻي دان ۾ ڏيئي ڇڏيو. ٻئي حالت ۾ اهو
باڪس ڊپازٽ ڪرائي ڇڏيو ۽ پوءِ جيڪي فيصلو ٿيو."

مون کيس چيو ته، "اسان جو فادر اهي ورتائيندو هيو ۽
پوڄا ۾ اوٻهي دان ڪندا سين." مگر هو ڪجهه سمجهڻ لاءِ
تيار ڪونه هيو ۽ اسان اهو باڪس ڪنهن به حالت ۾ ڇڏڻ

پڪڙندي چيائين، ”اوهان ناراض ٿي ويا، ليڪ آهي، پلا ٻ
لکه ٿي ڪٽي ڏيو...!“

ان گهڙيءَ رات جا ٻارهان لڳا... ٻاهر ٻارود جا ڌڪاءَ زور ز
سان ٿيڻ لڳا. گل ڇڙن جا چمڪاٽ آسمان ۾ ڦهلجي ويا هئا.
ماڻهن جو شور وڌي ويو... چرچ جا گهنڊ صاف ٻڌڻ ۾ پئي
آيا... هڪ سال پورو ٿيو ۽ منهنجو به ڪو خواب ٽٽي پيو...!!

مان ڏاڍي پنهنجو هٿ ڇڏائيندي چيو، ”رشما... اهو
نه ڏنڊو آهي!.. اهو سودو ٻرابر مون لاءِ مهانگو آهي!... مان
سوداگر ڪونه آهيان... هللن ٿيو... مان تـه نوڪي پيار ڪندو
هوس...!“

۽ پوءِ لڳت مون کي آٽي زمين ٽي پڇايو...!

هڪ ٻن ڏينهن بعد سينڌي وچار ڪيوسين وري الائي ڪڏهن انڊيا ۾ اچڻ ٿئي سو پنڌ جي زور ٻوڙ تي رشيڪيش کان متي بدريناٿ ۽ ڪيدارناٿ جي ياترا ڪرڻ شروع ڪئي سين.

رستي تي هڪ سنسان هنڌ وٽ موٽرڪار جي مشين ۾ ڪجهه خرابي اچي وئي. ڊرائيور ۽ مون ڪوشش ڪري آخر هٽي هنڌ ڪيوسين، گاڏي اسٽارٽ نه ٿي وئي، پر اسان جا هٿ ۽ ڪپڙا تيل ۾ خراب ٿي ويا هئا ۽ سينڌي کي پياس به ڏاڍي لڳي هئي، جنهنڪري ٻن کي وڻ هيٺان ٿوسائي، اسين ٻئي هٿ ڌوئڻ ۽ پاڻي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪجهه اڳتي وڌي وياسين، ڏٺوسين ته پهاڙ جي لاهي وٽ وڻن جي وچ ۾ هڪ ڪٽيا هئي. ان جي ارد گرد، سهڻا ڊوڙي رهيا هئا ۽ ٻاهران ٻه ٻڪريون ٻڌيون هيون ...

اسان کي ڏسي اهي سفيد سهڻا ڇلانگ ماري ڪٽيا اندر هليا ويا ۽ اندران هڪ سفيد ڏاڙهيءَ وارو مهاتما ٻاهر نڪري آيو. اسان هڪدم سادو مهراج کي نمسڪار ڪيوسين ۽ ڪيس هٿ ٻڌي چيو ته، ”بابا جي اسين تيرٿ ياتري آهيون، رستي تي موٽرڪار خراب ٿي پئي هئي، ان جي مرمت ڪندي هي هٿ خراب ٿي پيا آهن ۽ پيئڻ لاءِ جل جي ضرورت هئي: مهاتما بنا آواز جي پاڻي جي هڪ ننڍڙي کوهه ڏانهن اشارو ڪيو، اسان هٿ ڌوئي آياسين ته مهاتما ڪجهه حال احوال ورتو ۽ پيئڻ لاءِ پاڻي ڏنو، پاڻي پيئڻ بعد ڌونهي مٿان رکيل گرم کير پيئڻ لاءِ ڏنو، کير پيئي اسان اٿياسين ۽ مون پاڪيٽ ڪڍي هڪ وڏو نوٽ سادو مهراج کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ هٿ وڌايو، ليڪن هن ڪجهه ڪين ورتو، پر هٿ تي رکيل نوٽ هٽائي، هن مهنجي هٿ جون ريکائون ڏسي ورتيون ڏسندي مهاتما ڪجهه گنڀير ٿي ويو، هن جي چهري

ڪونه آئي ڇاهيو، اها سوٽهر اسان جي سامهون هئي.
خبر نه آهي، آفيسر سان ڪهڙو سمبنڌ هوس هوءِ ڪا ايجينٽ
هيس، الائي ڇو هرطرح انهيءَ کي خوش ڪرڻ پيو چاهي،
اها لڳي پئي، ڇڱي ٻنگ ۽ ونڊڙ پئي. ڏسڻ ۾ سوٽهر اصل
ڪونه ٿي لڳي، رڳو هٿ ۾ ناڪي پنگ سان جهاڙو لوڏي
رهي هئي، واٽ ۾ پاڻ هوس ۽ چپن تي سرخي ۽ اکين ۾
شرارت، بس آخر مجبور ٿي، ڪٽي، مون اها مئلي ڪيڏي،
ان ڇوڪريءَ جي حوالي ڪري ڇڏي، پوءِ اُهي پئي هڪ
پئي کي ڏسي، اشارا ڪري خوش ٿيڻ لڳا مگر انهن جي
اها خوشي فقط هڪ مدت جي هئي، پرسان ئي هڪ سوال
درياس ۾ هڪ سي. بي. آءِ. آفيسر هئو. اهو سمورو نانڪ
ڏسي رهيو هئو، هن هڪدم ان ڇوڪريءَ کي سڄي سوٽ
جهليو مگر ڇوڪري تيز هئي، اها هيري جي مئلي هر
ڳرڪائي ڇڏي، ساعت بعد اها سوٽهر، اٿي ٿي پرڪ
لڳي، هيري پنهنجو اثر ڏيکارڻ شروع ڪيو.

هن کي اسپتال ۾ ڪٺائي ويا، جتي هن پهچندي پهچندي
دم ٽوڙي ڇڏيو!... اڄهو اهڙي پڪار اسانجو هندستان ۾ سف
جو پهريون قدم دڪداڪ رهيو!... مگر خير ڪري خدا...
اڳتي هاڻي ڇا ٿيندو...؟

... ...

اسان کي ڪريا ڪرم واسطي هردوار وڃڻو هيو
جهنڊڪري امبئيءَ کان سڌو دهلي ۾ پهنجي پنڻ وٽ وڃ
لٿاسين. اُتان پهنجي پنڊوڻهي صاحب جي موٽرڪار ڪٽ
هردوار اچي پهتاسين. مون جڏهن کان هوش سنڀاليو هيو ت
گنگا جيءَ جو پاڪ نالو ٻڌو هو، هميشه درشن اشنان ڪرڻ
پاڻ کي ڌنيه سمجهوسين. ڪريا ڪرم سک سان سماپت ٿي

ڪرڻو.“ ائين اڪثر ڊرائيور ڪندو هو، مان سنڌس سيٽ
ي اچي گاڏي سنڀالي هلائڻ لڳس، ڪار هيٺ لهي رهي
ٺي، رستو بلڪل صاف هو، اچانڪ هڪ استري ٻڪرين
ين کي هڪاليندي، هڪ پهاڙي موڙ وٽ گاڏي هيٺان اچي
وئي، گاڏي اسپيڊ ۾ هئي روڪي ڪونه سگهيس، اهڙا
ستري ۽ ٻه جانور اڪسيڊنٽ ۾ اچي جو اتي مري ويا، اسان
ڻيڊانهن هوڏانهن نهاريوسين مگر ڪوئي ماڻهو وغيره ڪٿر
ــ ڪٿي نظر نه ٿي آيو. چاهيون ها ته لڪڙو چپ چاپ
ڪري وڃون ها مگر ائين ڪرڻ ڪجهه واجب ڪونه لڳو،
نهيءَ ڪري ٻنهي استريءَ جي لاش کي پاسيرو ڪري،
اسين سڌو سادو مهراج جي ڪٽيا ۾ وياسين، اتي ڪٽيا ۾
ان وقت کي ٻه شردالو پهاڙي لوڪ به موجود هئا، سادو
بابا کي ايڪسيڊنٽ جي خبر ڏنيسين، مهاتما پوءِ انهن
انهي پهاڙي لوڪن کي ساڻ وٺي، اسان سان گڏ انهيءَ حادثي
واري هنڌ آيو، ٿو روئي پيان ان ٻنهي استريءَ جا مائٽ
رهندا هئا، انهنکي گهرائي سادو مهراج ٻڌڙيءَ جي مائٽن کي
سمجهائي ڪجهه رقم عيوضي طور انهن کي ڏياري ۽ اسين
روانا ٿيڻ لڳاسين... مون مهاتما جي پيرن کي ڇهندي چيو،
”بابا آءٌ ڪجهه پڇائڻ ٿو چاهيان!“ مگر سادو مهراج
مسڪرائيندي چيو، ان پڇائڻ جي ضرورت ڪونهي، هي
لدهندو پيون ڪشت اڃا دور ٿيو آهي، اڃا اهڙا ڪئي
ڪشت لکيل اٿئي... گهٻراءِ نه... تو کي ڪجهه ڪين ٿيندو.
پوئتو خبر نه آهي... ڇا ٿيندو؟

...   .

دهلي واپس پهچي پنهنجي گهر پهتاسين، اتي معلوم ٿيو ته
سنڌ ۾ مهاجرن ۽ سنڌي مسلمانن جا پاڻ ۾ ڏاڍا دنگا فساد

جون رڪاوٽون ۽ ڀاو ٻڌلجي ويا، اهو ڏسي مون کيس وڌيڪ ڪندي چيو، ”مهاتما جي ڀاڳ ۾ ڇا آهي؟ اهڙي خاص ڳالهه آهي ڇا!“

چيائين، ”ها، ٻچا، اهڙي ڳالهه آهي. منهنجون راهون ڏاڍيون اٽڪيون آهن، منهنجي ڀاڳ ۾ ٻه واس لکيل آهي ۽ منهنجا هٿ خوني لڪون سان ڀريل آهن، منهنجن هٿن ۾ ڪيترائي خون لکيل آهن، اهو سڀ ٻڌي منهنجا هوش حواس ڪجهه وقت لاءِ گم ٿي ويا، پر مونکي ڀاڳ چڪر ۽ هست ريکائن تي وشواس ڪونه هو. جهڙڪري جلد پاڻ سنڀالي منهنجن لاءِ ڀاڳي ڪمو ۽ ساڌو مهراج کان موڪلايو انگريزي ۾ هن چيو. When you find despair come to me...
Iwill show you the way:-”

اهو ٻڌي پوءِ مون وري هڪ دفعو ساڌو مهراج کي نمسڪار ڪري، سنڌي ڪي اڳي پاڻي پيئاريو، گاڏي ۾ مهاتما جي مختصر ۾ وارتا ڪري ٻڌائي، ۽ ٻڌي سڀ ڪلاڪ لڳا، پر منهنجا هٿ وري انهن کي ڏسڻ لڳا.

بدريات ۽ ٻين آستانن جي درشن من کي خوش ڪري ڇڏيو اُلي دل کي موهيندڙ نظارا، اوچا جبل ۽ برف سان ڍڪيل پهاڙن جون چوٽيون، اهو سڀ قدرت جو ڪرشمو ٿي لڳو! اُلي سنسار جا ٻيا خيال من مان جڻ ڪيڏانهن اُڏامي ويا پوءِ ٻن ٽن ڏينهن بعد واپس ورياسين!

اسان جي گاڏي گهاٽن مان هيٺ لهي رهي هئي، مان گاڏي ۾ گهڻو ڪري پنجابي ڊرائيور سان ويهندو هوس، اسان هاڻي لڳ ڀڳ الي اڳي قريب پهتاسين، جتي ساڌو مهراج جي ڪٽيا هئي، اوچتو ڊرائيور گاڏي بيهاري ۽ چيائين ”سگريٽ آرام سان ڇڪڻو آهي، ٿورو وقت اوهان ڊرائيو

سيٽيمينٽ ڪري ڏني، جنهن وقت آءٌ دهلي ائرپورٽ تان ڪراچيءَ لاءِ پلين ۾ چڙهي رهيو هوس ته، پاڻ ٻڌايو ته، "جهازن جو پاڻ ڪو ٽڪ سبب هاسپيٽل ۾ گذاري ويو!"
... آءٌ پلين ۾ ئي، ڪلاڪ اڌ ان حادثي بابت سوچيندو رهيس... پنهنجن هٿن کي ڏسندو رهيس... هاڻي اڳتي ڇا ٿيندو..؟

... ...

ڪراچيءَ ۾ لهڻ سان مان پهريائين پنهنجي پروسي واري سنڌي ايجنٽ جناب علي جان اشرف سان مليس، هن کي پنهنجي پوزيشن مختصر ۾ بيان ڪئي ۽ ٻن مهينن اندر انڊيا ڏانهن واپس ورڻ جو تاڪيد ڪيو ۽ هن شريف سموري بندوبست ڪري ڏيڻ جو واعدو ڪيو، پوءِ آءٌ اطمينان سان لاڙڪاڻي ويس پنهنجي جائداد ڪاروبار کي تيزيءَ سان نيڪال ڪندو رهيس. رقم به پنهنجي ايجنٽ کي موڪليندو رهيس.

هڪ ڏينهن يونيورسٽيءَ مان پنهنجي ڊگري وٺي خوش ٿيندو، لاڙڪاڻي ڏانهن موٽر سائيڪل تي موٽي رهيو هوس ۽ رستي تي ويران هنڌ تي ڪن شاهيڻگن اچي منهنجي موٽرسائيڪل کي اوورٽيڪ ڪري، هڪ وٽن سان اچي رستو روڪيو ۽ يڪدم ڪٽي مون کي سوگهو جهليو، منهنجا هٿ پير ۽ منهن ٻڌي ڪٽي انهيءَ وٽن اندر ڦٽو ڪيائون ۽ ڪيڏانهن دور ڪٽي هليا، پوءِ ڪنهن سنسان جڳهه ۾ آڻي منهنجا هٿ پير کوليائون ۽ پيٽ لاءِ پاڻي ڏنائون. هنن وٽ هٿيار ۽ بندوقون وغيره ساڻ هيون، ماڻهو بلڪل خطرناڪ ٿي لڳا.

اهي چارئي اردو ۽ پنجابي ڳالهائي رهيا هئا. مونکي سمجهڻ ۾ دير ڪانه لڳي ته هو ڪير آهن! ڪهڙيءَ روش ۾ آهن!...

ويا آهن. انهن ٻنهي جي فسادن ۽ خون خرابين ۾ هندو قوم
جو اُنسي رهڻ هاڻي ڏاڍو جوکم وارو هيو. ان ڪري سينڌي
مائٽن، عزيزن اسان کي پاڪستان واپس ورڻ کان منع ڪئي.
سندن ملڪ جون اهڙيون حالتون ڏسي، منهنجي پاءُ جي ٻـ
همت هارجي ويئي. اسان جي پيڻولاڻي صاحب، هتي اسان
لاءِ ڏنڌي واپار ۽ رهڻ جي جاءِ جو هڪيو نڪيو ڪڍي
بندوبست ڪري ورتو هو، آخر سينڌي جي آگاهه ڪرڻ سبب
منهنجي پاءُ مون اڪيلي کي پاڪستان وڃي، گهر جيڳو
۽ پنهنجي سموري ڪاروبار کي بند ڪري رقم انجيمنٽ هت
هندستان موڪلڻ لاءِ سمجهائي تيار ڪري موڪليو. ان ڪا
سواءِ آءٌ فائينل ميڊيڪل جو امتحان ڏيڻي آيو هوس، جنهن
جي مون کي سٺي رزلٽ پڻ ملي ويئي هئي، باقي اُتان اه
ڊگري ٻـ وٺي اچڻي هئي، پس اهو سڀ سوچي نڪرڻ لا
پڪو تيار ڪري رهيو هوس نه اوچتو منهنجي پيڻوئي صاحب
جو نئيو پاءُ ڪمو شراب پي آيو هئو، هو اسان جي ٻنڌي
۽ جيجاجيءَ سان ڏاڍو گهٽ وڌ ڳالهائي رهيو هيو. هن ج
اڪثر ڪري ڪجهه اهڙو نئي ورتاءُ گهر ۾ رهندو هيو. ڏنڌ
ڪاروبار چڱو هوس مگر اعمال پيٽ ڪري پچڙا هيس. ه
اسان جي جيجاجيءَ جو ڳلو دٻائي ڪجهه حساب ڪتاب
گهري رهيو هوس، اهو سڀ ڪجهه مون کان ڏٺو ڪونه و
۽ مون ابتي وڏي زور سان هن کي ڇڏائي پري ڪڍي ڌڪ
ڏنو، اتفاق سان هو ٽيبل سان وڃي لڳو، جنهن هو اتان اُٿيو
وڃي سلائي مشين مٿان ڪريو، ان ڇڪتاڻ ۾ هن کي سيد
وارو ڪو زوردار ڌڪ لڳي ويس. انهيءَ حالت ۾ کيس پڪ
اسپتال ۾ ائڊمٽ ڪرائڻو پيو، سمورو معاملو جيجاجيءَ پـ
لـي ڪيو ۽ شراب جي بگڙيل حالت ۾ ڪمونءَ ڪا ٻ

گولين جو آواز ٻڌي پيو هو. ٻوڙي آيو ۽ گڏ اهو به منهنجي
گولين جو شڪار ٿي ڪري پيو ۽ پوءِ ڏٺم ته اهي ٻئي لاش
ڻجي وڃا هئا، جن کي سرڪاري پوٺن ٻليان اڪائي ڇڏيو.
ج مون کي ڪاليج ۾ وڌل ملٽري سکيا ڪتب آئي. هاڻي
مان آزاد هوس ليڪن پهچڻ لاءِ ڪوئي ذريعو ڪونه هيو. هُن
جي تيار ٿيل ماني مون کائي ڇڏي ۽ ڪجهه رقم به، وٺان
نڪل ٿـي هزار ڪيا، هاڻي آءُ پهچڻ جي بلڪل تياريءَ ۾
هوس ته اوچتو پنهنجي موٽرسائيڪل جي اچڻ جو آواز ٻڌو،
مان هڪدم خبردار ٿي ويس ۽ آخرين لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي هڪ
درخت جي اوٽ وٺي بيٺس، ڏٺم ته موٽرسائيڪل تي هڪ
شخص واپس اچي رهيو هيو، اهو اچا گاڏيءَ تان لٿو ئي
ڪونه ته مون گوليون هلائي کيس حلال ڪري ڇڏيو، پوءِ مون
هن جي لاش کي به رڙهي، انهن ٻنهي لاشن سان ملائي ڪڍن
الوداع ڪري پيا وقت وڃائڻ جي پنهنجي موٽرسائيڪل ڪڍين
۽ جيڪو رستو سامهون آيو، اوڏانهن گاڏي هلائڻ شروع ڪئي.
رستي تي رڳو هڪ پيٽرول پمپ تي لهي گاڏيءَ کي ڀرايو ۽
پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته سکر شهر هتان، ڪجهه ميلن تي
آهي. پس پوءِ ڪلاڪ کن اندر سنڌو درياهه جو ديدار ٿيو، مون
هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو ڪوبه ڪين نظر آيو ۽ مون هڪدم
پنهنجي موٽرسائيڪل کي نديءَ ۾ ڪٽي ڦٽو ڪيو، سنڌو ماتا
کي پرڻام ڪري اچي شهر پهتس، هڪ هوٽل ۾ ڪمرو وٺي
پاڻ کي تازو توانو ڪيو، ماني وغيره کائي، پنهنجي ايجنٽ
کي ڪراچيءَ ۾ فون ڪيو ته... سڀاڻي شام ٽاران انڊيا لاءِ
ٽڪيٽ بڪ ڪرايو، هڪ عزيز جو اوچتو موت ٿيو آهي...
مون کـي وڃڻو آهي... پوءِ هڪ اسپيشل ٽيڪسي ڪرائي
ڪراچي لاءِ روانو ٿيس... ليڪن ڏٺم ته، پوليس منهنجي

هڪ ڏينهن هاڻي منهنجي سامهون اسڪول جهڙي پڙهائڻ لڳو ته، "لوهاڻ جو وڏو ڪاروبار لاڙڪاڻي شهر ۾ هلندڙ آهي، سو پنهنجن هٿن سان گهر وارن ڏانهن چٺي لکي ڏي ته توکي آزاد ڪرڻ لاءِ اسان کي ٽي لک روپيا ملڻ کپن. چٺي آڻيندڙ ماڻهوءَ کي سون يا ڪئش رقم ڏيندا. پوليس ۾ ڪابه خبرچار ڏيڻ سان، تنهنجو خير ڪونهي. ڪنهن به قسم جي دوکيبازي ڪرڻ سان تنهنجو موت اٽل آهي. پئسن ملڻ جي شرط، خدا قسم اسان بروقت توکي آجو ڪري آرام سان گهر پهچائيندا سين. اهڙو ليٽر لکي ڏي هاڻي جلد..."

اهو سڀ ٻڌي، مون کي ڪجهه سمجهه ۾ ڪونه ٿي آيو ته هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي، ڪهڙو سچ يا ڪوڙ ڳالهايان. موت سامهون بيٺو هيو. آءٌ هنن جي هلت چلت ۽ ارڪان جاچي رهيو هوس، اهي فقط روپين جا بکيا هئا. مون حال ڦلحال اهو ئي ٺيڪ سمجهيو ته ڪين خط لکي ڏيان ۽ پوءِ اسڪول پري ٿيڻ بعد وڌيڪ ڪجهه سوچيان...

مون پنهنجي وڏي ڀاءُ هولچند جي نالي هڪ مختصر ۾ ليٽر لکيو، جيئن هنن هدايت ڪئي هئي، اهڙي نموني اردو ۾ خط لکيو خط جو مضمون پڙهي هو سڀ خوش ٿيا.

ان بعد سياڻي صبح جو ٻه ڄڻا، اها چٺي کڻي موٽر سائيڪل تي روانا ٿي ويا، باقي ٽالو رات اها وٽن ڪيڏانهن ڪم ڪري ڇڏيائون، ڪا خبر ڪونه پئي.

ان وچ ۾ مان چپ رهيس ۽ باقي ٻن ڄڻن جي چهري تي نظر رکي جاچيندو رهيس، منجهند ڌاران مون ڏٺو ته هڪ خبيث ماني تيار ڪري رهيو هيو ۽ ٻيو وائڙن وانگر ڪرسي تي ليٽي شراب پي رهيو. مون جرئت ڪري شرابيءَ جي بندوق کڻي ورتي ۽ ٻه فائر ڪري هن کي ليٽائي ڇڏيو.

ليو. دهليءَ ۾ پنهنجي گهر وارن سان حالي احوالي ٿيس.
پنهنجي پاءَ کي ڪاروبار جو حساب ڪتاب ڏنو ۽ کيس چيو
"وڏڪ پوءِ ڳالهائينداسين" ان بعد مون گهر وارن لاءِ خط
لکيو.

برادرم ادا صاحب،

سنڌ ۾ مون سان ڪجهه اهڙو وهيو واپريو آهي جو منهنجو دل دماغ ميزان ۾ نه آهي. من کي سڪون ڏيڻ واسطي آءٌ ڪجهه وقت واسطي سفر پاڌرا لاءِ نڪري ٿو وڃان، مان خود وري توهان وٽ واپس ورندس، منهنجي تلاش اصل نه ڪندا. پاڻ سان خرچ واسطي رقم پڻ کڻي وڃان ٿو... منهنجو ڪوئي فڪر نه ڪندا.

توهان جو

هرگن جواهراڻي

ان بعد منهنجي پاڌرا شروع ٿي. مون ڏاڙهي رکائڻ شروع ڪئي، هردوار رشيڪيش کان ٿيندو سڌو ساڌو بابا جي ڪٽيا وٽ اچي پهتس، سامهون پهاڙ مان نڪتون سوراج نڪري رهيو هو. چوطرف سج جا ڪرڻ برفاني پهاڙن سان ٽڪرائي عجيب ماحول پيدا ڪري رهيا هئا. مهاتما مون کي ڪٽيا جي در تي بيٺل ڏٺو ۽ ڏسندي هن مسڪرائي ڏنو، مگر مان سندس پيرن تي ڪري زار زار روئڻ لڳس ۽ پوءِ پنهنجي ماضيءَ جي داستان کيس ٻڌائي، هيٺون خون جو راز کيس ٻڌايو ۽... گوڙها ڳاڙيندي کائونس پڇيو، "بابا، منهنجو... ڦاٽلي ڇا ٿيندو...؟"

... ...

ڪجهه ڏينهن بعد، بابا ساڌو مهراج، مون کي ٻڌايو ته

ڏنڪسيءَ جو پيڇو ڪري رهي هئي مان سوچڻ شروع ڪيو
ته... هاڻي ڇا ٿيندو...؟

...   .

ڪراچيءَ ۾ اُن مهنجي ايجنٽ، پيڇو ڪندڙ پوليس
جي گرفتاريءَ کان مون کي بچائي ورتو، پوليس کي سمنڊ
درياه منهن ڪو لاوارث لاش مليو هيو ۽ پوليس مون کي
موٽر سائيڪل تي اُتان لنگهندو ڏٺو هيو، اهي ٻئي هزار پوليس
کي ڏيڻا پيا ۽ آءٌ پنهنجي اچي پهتس. هتي پنهنجي پاڪستاني
ايجنٽ سان حساب ڪتاب چڪايو، چڱي رقم ۽ سون وغيره
حاصل ڪيو، اهو ڏينهن پنهنجي ۾ رهي، رات جو راجڌاني
ايڪسپريس ۾ دهليءَ اچي رهيو هوس. گاڏيءَ ۾ هڪ مسا
مهنجي پاسان اچي ويٺو، مون کان پڙهڻ لاءِ مخزن ول
ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳو. اڌ رات جو وقت هيو سڀ مسا
آرام ۾ هئا ۽ مون کي ٽائليٽ جو خيال ٿيو، حاجت پ
جلد جلد واپس نڪتس ته. اهو شخص مهنجي برٿ ڪ
ٽوائلٽ جو دروازو کولي فرار ٿي رهيو هيو، الائي ٻي ڪمپارٽمينٽ
۾ کسڪي رهيو هئو، اهو ڏسي مون اماڪ کيس پڪڙ
ورتو. انهيءَ ڪشمڪش ۾ اهو مهنجي هٿ ۾ اچي و
۽ هن کي زوردار ڌڪو ڏنو، هن جي هيٺ ڪرڻ سان ه
لڳي چيخ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، جيڪو هوا ۾ هوا ٿي و
گاڏي رات جي وڳڙي ۾ پنهنجي رفتار سان هلندي رهي
دهليءَ تائين مهنجي دل ڌڪ ڌڪ ڪندي رهي. پنهن
هٿن ڏانهن بار بار ڏسڪي نهاريو... سوچي رهيو هوس ته
سڀ غيبي نموني ڇا ٿي رهيو آهي! ڪهڙي ماجرا آهي
وقت سائو بابا جو خيال دل ۾ آيو ۽ ڪجهه من کي آ

لانگ پوڻ لڳي، سخت ٿڌ ۽ برف سان مقابلو ڪندا، ي چندن واڙيءَ ۾ رات جو پهتاسين. اُتان شيش ناگ ور ڪان پار ٿيندا، پنچترڻي ۾ پهتاسين، پوءِ پوءِ جهاڳيندا ڙ ڪندا اچي امر گنگا وٽ پهتاسين، امر گنگا ۾ اشنان ڪري ڀاڳ کي پوڄ ڪيوسين ۽ اتان پوءِ رات ٻارهين بجي ڪن ي بابا امرناٿ جو درشن ڪيوسين، درشن ڪري ڀاڳ کي ڪرتارٿ سمجهيوسين.

هاڻي سادو بابا ڏاڍو پرسن هيو. هن آنند ۾ اچي چيو ته اڄ منهنجي جيون ياترا سڦل وئي...!! بس من ۾ اڇا هئي ستر ورهين ۾ جيون جي انتم چرڻ ۾ امرناٿ جو درشن ڪريان... سدا چت آنند ماڻيان، اهو پڻ ٿيو، هاڻي ٻي ڪا تمنا باقي ڪونهي!"

اڃان... پوڻين پيرن سان موٽي رهيا هئاسين ته برف جي ڪ چپ اچي اُڀيان ڪري، ڪٿا جو رستو بلڪل بند ٿي يو... ساهه گهٽڻ لڳو... مون اڳتو چيو، "بابا... هاڻي ڇا ڪندو؟"

... ...

رات پير ترشول سان برف مان سرنگ ڪري ٻاهر ڪڍياسين، اچا رستا وغيره بند هئا، پاڙي کي ٽورا جيڪي هجي ويا هئا، اهي موجود هئا، ٻي طرح چوطرف سچ ۽ ويراني لڳي پيئي هئي...

ٻي ڏينهن اڌ رات جو مهاتما مون کي اوچتو اچي اٿاريو، ۽ چيائين ته، "ڇا، ٻوڏان گوڙ شور پيو پئجي ۾ اچي، مون اکيون کوليون ته آسمان ۾ پورڻ چنڊ کلي رهيو هئو. چوطرف چٽي روشني هئي. سادو بابا ۽ مان ٽڪري ٽڪري ان گوڙ شور واري طرف وڌياسين. ڇا ڏسون ته هڪڙا ٻي سنياسي هئا، جن کي هڪ پورهين نوجوان عورت ڪٿان هٿ اچي

سپاهي ھي ڪٽيا ڇڏيندا ھيون، اسان کي امرناٿ جي ياترا
تي هلڻو آهي. امرناٿ جي پوڪري شڪتي ۽ مهما اپرم پار
آهي. مان هاڻي سنياسيءَ جو ويس ڌارڻ ڪيو هيو، جيئن
پوليس، سي. آءِ. ڊي. وغيره جي نظرن کان اکيون رهان،
اسان جي هوءَ لمبي ياترا پيدل ئي پيدل شروع ٿي وئي.
رستي تي ساڌو بابا ٻڌايو ته "بچا، منهنجي ڪٿا ٻڌ. لوڪان
نرالي ڪونهي مان جات پوار جو آهيان، ڪجهه ورهه سال
اڳ، اسان جي ڳوٺ مٿان هڪ رات جو ڌاڙيلن ڪاهه ڪئي
مان شهر ۾ ايل. ايل. بي. پڙهندو هوس، ته ڳوٺ ۾ باهيون ۽
خون خرابي ڏٺي. گهر اچي ڏٺو ته منهنجي پيءُ ماءُ ۽ منهنجي
ننڍين ڀائرن جا لاش پيا هئا، ان دم مون پنهنجي پيءُ جو
بندوق کڻي ورتي، ۽ ڌاڪن جو پيڇو ڪري پنجن ڇهن
ڌاڪن ۽ انهن جي سردار ڌاڙيل کي ماري ڇڏيو ۽ راتو رات
ٻن پنڪندو، ساڌوءَ جي روپ ۾ اچي انهيءَ ڪٽيا ۾ گذارڻ
لڳس، هن کان اڳ ٻه دفعا امرناٿ جي ياترا ڪري چڪو
آهيان. هاڻي هن پاپ ۽ اڌرم واري سنسار سان منهنجو ڪوئي
واسطو ڪونهي، پکي پرندا، هرڻ سڀ ۽ ٻيا ساهه وارا منهنجا
ساٿي سڄڻ آهن.

لڳ ڀڳ هڪ مهني جون منزلون ڪندا، ڪيترائون سواريون
ڪندا اچي امرناٿ جي ويجهو پهتاسين، پر اُن وقت امرناٿ
ڏانهن ويندڙ سڀ رستا سخت برف ڪري سڀ بند هئا
جيڪي جتي هئا، اُتي رهجي ويا، ليڪن مهاتما کي هڪ
ڳجهي رستي جي ڄاڻ هئي، ڇوته شروع ۾ پوليس جي نظ
کان بچڻ واسطي، هو اُتي امرناٿ جي آس پاس ۾ گذاريندو
هيو...

پوءِ اسان ٻئي گرم ڪپڙا پائي پهرين ۾ هرڻ جي چمڙي

ڏانهن سنياسين جي لاءِ سندس پنهنجي مهاتما کي نه ياد ڪرڻ جو سمو ڪڍڻ هو!

پوءِ سوچڻ لڳاسين ته هاڻي ڇا ٿيندو...؟

... ...

آشرم ۾ اچي مون ڏاڙهي ۽ وڏا وار ڪٽائي ڇڏيا، هڪ جهوني ڪراچيءَ مان ورتل پوشاڪ ڪڍي پهريم، بس ڪلاڪ اڌ ۾ سنياسيءَ مان جينٽل مين بڻجي پيس. منهنجو بدليل روپ ڏسي مس پنڊيزا اصل حيران ٿي وئي، هڪ وڏو پاڪو پائيندي چيائين، ...Dear, How! Nice, That .. All That مگر هن وقت اسان کي سوچ ۽ عجب کائڻ جو وقت ڪٿي هئو! جهڙڪري پنهنجو سامان کڻي جلد ٽئڪسي ڪرائي سڌو پهل گام اچي پهتاسين پوءِ اتان هماچل پرديش جي روهتڪ پاس کان ٿيندا، سواري سڌو ڪندا، هوٽلن ۾ راتيون گذاريندا، اچي ڪلو - منالي ۾ ڪجهه ڏينهن رهياسين، سچ پچ، مون کي لڳي رهيو هيو، اسين ٻئا ڪجهه پڙهائڻ ۽ ٻئا منڙاج جي ٽي هئي مون لاءِ نڪتا آهيون!

هڪ ڏينهن پوليس ڪجهه اسان کان انڪوائري ڪئي، مگر مون پوليس کي ٻڌائي ڇڏيو ۽ چيو ته، I am h•r Guide بس پوءِ اسين، انهيءَ ڏينهن منالي کسان مٽي ڪرڻ ڏانهن آياسين، هت ٽورسٽ هوٽل ۾ اچي رهياسين. اڄ به اچي ساڌو بابا سان گڏ، سڪن جي دربار ۾ رهيو هوس. هاڻي مس پنڊيزا ۽ مون ۾ ڪا دوري ڪونه رهي هئي، مٽي ڪرڻ جي گرم چشمن ۾ گڏجي باٿ ڪندسين. اسان کي گڏ رهندي چاليهه ڏينهن گذري چڪا هئا.

هڪ رات پنڊيزا، مون کي زور سان پنهنجن ٻانهن ۾ آڻيندي ٻڌايو ته، هو (I feel preganency) هاڻي پرگننٽ

وڃي هئي. اهي هن سان زوري ڪرڻ لاءِ ڪيس ستائي رهيا
هئا، انهيءَ ڇڪتاڻ ۾ اها ڇوڪري لڳ ڀڳ اگهاڙي ٿي چڪي
هئي. سنياسي اصل وحشي بڻجي ويا هئا. اسان جي هڪل
تي ٻه هو ڪونه هٽيا، ڇوڪري زور زور سان رڙيون، رڙيون...
ڇڏي. هيلپ، هيلپ... پڪاري رهي هئي، تڏهن مهاتما پاڻ
سان آندل ترشول مون کي ڏيندي چيو، ”ٻچا، استريءَ جي
رکشا ڪري پاڻ کي ڌنيه ڪر...“ مان ترشول کڻي، انهن
سنياسي جانورن مٿان ڪاهي ويس ٻه ڄڻا سخت زخمي ٿي
ڪري پيا، هڪ سنياسي ڊوڙي اچي سانڊو بابا کي ڌڪليو
ان وچ ۾، ان ڇوڪريءَ کي به همت اچي وئي ۽ هڪ پٿر
کڻي ٻئي زخمي سنياسين جو ڪم تمام ڪري ڇڏيائين.
ٻيا سنياسي مهاتما جي مدد لاءِ ڊوڙي وياسين، ليڪن
هو ٻئي ڏاڍا ڏاڍا ڀاڙ ڪان هيٺ هڪ اونهي کاهيءَ ۾ وڃي
ڪريا، جتان لاش ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيا...!

اهو سڀ ڪجهه اک ڇنڀ ۾ اوچتو ٿي ويو. ٻوه مون ڏ
ا... اها ڇوڪري منهنجي سامهون اڌ اگهاڙي بيٺي آهي
تڏهن يڪدم مون پنهنجو چوغو لاهي کڻي کيس مٿان وڌو
هن اهو چڱي طرح ڍڪي پاتو، هاڻي هن نگاهه کڻي مـ
ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين، ”(You are really great hero)“
هن ٻڌايو ته هوءَ امريڪا جي درشن واسطي آئي هئي
هن جو انڊيا ۾ اچڻ جو مقصد هو (Botanical Research)
يعني جڙين ٻوٽين جي کوج ۾ آئي هئي. هوءَ ٻڌائين ته ٻ
آسٽريلين ڇوڪري هئي... Miss Pattiz Davis پنهنجو
ٻڌايائين ۽ مون به مهاتما ۽ پنهنجي کيس مختصر ۾ ڪها
ٻڌائي، جيڪا ٻڌي هوءَ وائڙي ٿي وئي، هن هڪ دفعو
طرف قواب اچي پيار سان چميو. مگر ٻوه اسان جي

سفر جو خيال لاهي ڇڏيوسين، پنهنجي وقت گهٽ هيو. آءٌ هر وقت پيو پنهنجن خونيءَ هٿن ڏانهن نهاريندو هوس. الائي اڃا ڪيترا خون هسپتال رڪارڊن ۾ رڪارڊ ٿيل آهن، ٻيا ڪيترا خوف ۽ ويچار بنا مون ۾ ويٺا هئا. مون هاڻي هيراماڻيءَ سان جيون گذارڻ ٿي چاهيو. مگر راهون اڃان اڻاڳيون هيون!

اسان اڳيان هن وقت هڪ رستو هيو. سملا اچي مون پنهنجن مائٽن کي دهليءَ ۾ فون لڳايو، هنن ڪا به اهڙي خطري جي ڳالهه ڪونه ڪئي... ڪجهه تار رستي رقم به موڪليائون ۽ جلد ملڻ جي تاڪيد ڪيائون. اسين سملا کان سڌو چنڊيگڙهه آياسين؟ اتان وري دهلي پهتاسين. هاڻي هيراماڻيءَ جو هندستان ۾ رهڻ جو پروگرام به اچي پوري ٽيڪ تي هيو. مگر سوال ۽ مسئلا اسان جي زندگيءَ ۾ گهڻا ئي هئا.

هيراماڻيءَ چاهيو ٿي ته مان آسٽريليا هلي رهان، مونکي هن سان شادي ڪرڻ سبب اُتان جي سٽيزن شپ جلد ملڻ جي اُميد هئي، ليڪن منهنجو اصل ديش ڪهڙو آهي؟... ڌرم... نالو وغيره سڀ سوال اٿيا مگر جواب هڪ به ڪونه هيو!

بس هيراماڻي دهلي ائرپورٽ تي آسٽريليا وڃڻ لاءِ پلين جو انتظار ڪري رهي هئي ۽ منهنجي جواب جو به، مگر مان هڪ مجبور انسان هوس!

آخر هن جو فلائيٽ آڪاش ۾ هليو ويو ۽ آءٌ ڀارت جي ڌرتي تي ئي بيٺو هوس... ته هاڻي خيال ۾ هوس ته منهنجو ڇا ٿيندو؟

... ...

دهليءَ ۾ منهنجن مائٽن ڊاڪٽر نريش ڪمار سان واقفيت ڪرائي. ملڻ سان ئي اسين ٻئي متر بڻجي وياسين. ڊاڪٽر نريش ڪمار راڄڌانيءَ جي سياست ۾ اهم هستي هيو.

(Pregnant) ٿيڻ واري آهي!

اهو ٻڌي آءٌ سوچ ۾ ٻڏي ويس مگر آرٽ مون اڳڀرو ٿي
زور سان ڪيس ٻانهن ۾ آڻيندي آهست ڳالهائيندي چيو ته، "ڪوئي
فڪر نه ڪر!" پوءِ مون ڪائونس پڇيو ته سمجهاءِ ته توسان ساڳيو
سيڪس ائڪٽ ڪرڻ پيا چاهن ۽ هاڻي تو ۽ مان ٻه ساڳيو
ائڪشن جاري رکيو آهي! انهن ٻنهي ائڪشنس ۾ ڪهڙو فرق
آهي؟"

هن انگريزيءَ ۾ ٻڌايو ته ٺيڪ آهي، ٻنهي حالتن ۾ ائڪشن
ساڳيو سيڪس آهي، مگر هڪ جهڙي ائڪشن ۾ مان شامل
ڪونه هوس، اهو منهنجي دل و جان جي خلاف هيو، ليڪن
هن ائڪشن ۾ مان ۽ منهنجو پيار توهان سان شريڪ آهي.
هن ۾ سيڪس کان وڌيڪ سڪون آهن ۽ اوڏانهن عذاب
هيو... ٽارچر هيو...!

I can't really define it... but... my dear the rape is just like suicide of the soul, And sex in the love is the eternal thurst of the soul. Dear I love you and want to marry you."

۽ پوءِ مون ٻانهون وڌائي هن کي بيحد قريب آندو ۽ واعدو
ڪيو ته، "سدا ساٿ رهندا سين.

"You are mine..."

پوءِ هڪ لانگ ڪس ڪري ٻاٿ ۾ گم ٿي ويا سين...

... ...

هاڻي اسان مٺي ڪرڻ جي پوڄا گرودواري ۾ اُتان جي
سيد جي آسيسا سان گرنٿ صاحب جي چوڌاري لائون
ڏيئي شادي رچائيسين، هن وقت اڳتي وڌڻ، نيپال ڏانهن

ن شايد ڦوهان ٿي رهيو آهيان!

هن وقت آءُ دهلي جي وڏي هاسپيٽل ۾ هڪ ايمرجنسي
پيشل روم ۾ گهُس ليٽيو آهيان. ڊاڪٽر نرش ڪمار مون کي
رڪا ڪٽي وڃڻ جو انتظام ڪري رهيو آهي. پوسان پوليس
پوليس وارا بيان وٺڻ لاءِ بيٺا آهن...

ها، هاڻي اگر مان مري ويس ته سڀ معملا ۽ مري ويندا
بچي ويس ته پوءِ اِهاڄ زندگي... مدهمجي اڳيان ڪيترا ئي
وال آهن... ليڪن سڀ کان حياتيءَ جو اهم سوال آهي ته
مهنجو... ڇا ٿيندو؟؟

* * * *

وي. آءِ. پي. هيو، هو هلندي ڦلندي وارو شخص هيو.
ڊاڪٽر صاحب مون کي چيو ته، "تون ڪوئي فڪر نه ڪر،
مون سان پريڪٽس جاري رک، آزمودو پراڻ، مون کي ٽوهان
جهڙي شخص جي سخت ضرورت هئي، مون وٽ سڀ ڪجهه
آهي پر وقت ڪونهي! ٽوڪي ڀاڱي هندستان يا پاڪستان
سرڪار جا آرڊر ۽ قاعدا به ڪجهه ڪري ڪونه سگهندا!"

مان ڀاڳي خوش ٿيس ته شايد ڪا راهه سٺائي ملي
ويندي.

ڊاڪٽر ٽريش وڏي وقت پاليٽڪس ۾ لڳاتار لڳو، هو
دهليءَ ڪارپوريشن جي ميئر جو خاص ماڻهو هو، هوم منسٽر
جو مٽر هو، هو راجيه سڀا جو ايم-پي ٿيڻ وارو هو. مگر جيترا
ماڻهوءَ جا دوست ٿيندا آهن اوترا ئي دشمن به چوگرد ڦهلجي
ويندا آهن.

دهلي ڪارپوريشن جي اليڪشن ۾ هن جو رول ڪن سندس
ئي پارٽيءَ جي ماڻهن کي ٺيڪ نه لڳو، هن جو وڌندڙ اثر
۽ انفلوئنس هو گوارا ڪري نه سگهيا.

هالڪن، هن لاءِ سڦاري وراڻي. هو ڏينهن ڏٺي جو ڪيس
مارڻ لاءِ آيا، مگر عين موقع تي ڊاڪٽر صاحب اندر هو. هڪ
ليڊي پيشنٽ جي چيڪ اپ ڪري رهيو هو ۽ هنن مونکي
ڊاڪٽر ٽريش سمجهي مٿان حملو ڪيو. حملي جي گوڙ
شور تي ڊاڪٽر به ٻاهر آيو. هنن پنهنجي غلطي
محسوس ڪري، هڪدم ڊاڪٽر ٽريش مٿان چاقون ڇرا
هلائڻ لڳا، ليڪن مون همت ڪري سندن ٻنهي هٿيار کسي
هڪ ٻن کي لمحي ڇڏيو، ٽن ڄڻن جو آئي ئي ڪم
تمام ڪري ڇڏيو... ٽي مودر ٿي ويا هئا!

ڊاڪٽر صاحب کي سخت ڌڪ لڳا، هو بچي ويو ليڪن

ي، هاڻي مون کي نہ جهليو، هي هٿ خوني آهن، هي
ڙو ۽ اوهان جي سيوا لائق ڪون رهيو آهي... مون پنهنجو
ان پورو ڪيو، پڻ ولي هن کي ختم ڪيو، اب هاڻي
ان مون کي معاف ڪريو...

هي گنگا جو جل ٿي منهنجي دل ۽ آتما کي پوتر ڪري
ڪيندو! سائين، اوهين هرپال آهيو، هوريءَ سچ پچ سيڪي
پاليندو رهي ٿـــو، رڳو انسان پنهنجيءَ سمجهہ سان
جو سمورو ڪري... مان نہ ناسونت آهيان... ڪنهن بہ وقت
وڪلائي سگهان ٿي! پوءِ اڄ ڇو نہ هلان، اوهان هٿ آشرم ۾
جيون، گذاريو... پا جيئن اوهان کي ٺيڪ لڳي..."

پوءِ هن زمين تي ڪرپال رت ۾ ٻڏل سوامي ڪرپاراج ڏانهن
ڏاريو، جيڪو رکي رکي ٽڙڪي رهيو هيو ۽ پوسان کي
ساهہ کڻي رهيو هيو... اُن کي ڏسندي راڌيڪا چيو، ”هن
شت پاڪنديءَ ڪان پڻ وڌو! بس مان هلان ٿي."

ايترو چوندي هن پنهنجيءَ پوري طاقت سان مـــون کان
هٿ ڇڏايو ۽ پـوءِ هٿ ٻڌي آخرين پرڻام ڪندي، پٺين پير
هلندي رهي، ڏوڪندي گنگا جيءَ جي تيز وهڪري ۾
ڪاهي پئي... پوڙائين نہ منهنجي واتان آواز ڪون ٿي
ڪيو، مگر پوءِ رڙيون واڪا ڪري پڪارڻ لڳس ”ڀڄايو...
ڀڄايو.. !" اهو پڙلاءِ ٻڌي آشرم جا سادو سنت ۽ ڪيترا ياتري
۾ ٻاهر نڪري آيا. اهي سڀ هي درشن ڏسي وائڙا ٿي ويا،
هو ڪنهن مون ڏانهن پيا ڏسن نہ ڪنهن خون ۾ ٻڏل سوامي
ڪرپاراج ڏانهن پيا نهارن، مگر مـــان آواز ڪندو... رڙيون
پائيندو، چوڻسن جتان پڪاريندو گنگا جـــي ڪناري ڏانهن
وڌندو آيس ليڪن سوامي سدآنندجي اچي مون کي روڪي
ورتو... مان سيٺي کـي راڌيڪا کـــي ڀڄائڻ لاءِ ٻڌايو ٿي پر

اڇا ترشنا

راڌڪا جي هٿن ۾ رت سان ڀريل ڏنڊو هو
هوءَ ديويءَ درگا جي روپ ۾ لڳي رهي هئي. راڌڪا جلدي
جلديءَ ۾ گهڻو ڪجهه چوندي وئي. مان بلڪل نروس ۾ اچ
ويس، تنهن هوندي به پاڻ سنڀاليندي کيس چيو، ”راڌڪ
ائين نه ڪر، اسين سڀ ٻج نردوش آهيون، مهنجون لطون
ديوي آهين!.. مون کي هن بي رحم دنيا ۾ اڪيلو ڇڏي
وڃ... ڏس هن وقت ڪجهه به نه ٿيو آهي، اهو ٻار ڪيرائ
به سگهجي ٿو... ڪنهن کي هن خون خرابيءَ جي خبر
ڪونه پوندي، اسان ٽڪرا هتان پنهنجي ڪمري ۾ ٽا ڪسڪ
هلون... مان اپاهج آهيان ۽ ڪنهن جو به. تو ۾ ته شڪ به
پوندو ته تو ڪيلواج جو قتل ڪيو آهي...!“

راڌڪا مون ڏانهن ڏٺو ۽ آنسون وهائيندي چيو، ”سا
مون کي اصل نه روڪيو، مون کي پاڻ کان ٿي ڪراهت اچ
وئي آهي! هي شرير هاڻي اپوتر رهجي ويو آهي، پمت
صاف به ڪرائي سگهان ٿي، ڪنهن کي سڌ به ڪونه پوند
پر هي گندو جسم ڪٿي هاڻي ڇا جيئڻ ڪندس...! هي
چئي، هيءَ اول ٿي لڪي رکي آهي، هن ۾ سيڪي لڪيل
اوهان کي ڪو ڪشٽ نه ايندو...“

مون چئي ولندي سندس هٿ پڪڙي ورتو ۽ کيس چيو
”راڌڪا ديا ڪر مون تي مون کي ڇڏي نه وڃ...“

”سائين، بس جيئري اوهان جي سيوا ڪري هئي، ڪ

ڏيال ٻن ڏينهن کان شروع ٿي آهي...

”مهاراج، آءٌ هڪ نوجوان شخص آهيان. منهنجي پتاجي
ي ڏاڍي اڇا هئي ته تون دولت ڪمائين.

هن مون کي گنگاجيءَ کان گهري ورتو هيو، ٻن سالن کان پهرئين
سان هن گڏجي ماڻا مهڙي ۽ سڀ ڪي مون لاءِ ڇڏي هليو
ويو. مان دولتمند هوس، پر مون غريب راڌيڪا سان، هن جا
ڪ ٿسي پيار ۾ شادي ڪئي هئي. سڪيسان گهر ٻاهر ۽ پنهنس
ڪاروبار هلندا هئا. هڪ ٻار به ٿيو پر ٻيءَ ٻما اهو جلد سڌاري
ويو ۽ اسين ٻئي ڏاڍو دکي بڻجي وياسين، وري اولاد جي
مدونڪامنا خاطر اسين ترڪي بالاجيءَ جي درشن واسطي
دکشڻ ڀارت وياسين، درشن ڪري پرسن ٿي واپس موٽي رهيا
هئاسين ته اوچتو هڪ ٽرڪ سان اسان جي ٽڪسيءَ جو
ٽڪر ٿي پيو، ان ائڪسيڊنٽ مان بچي آءٌ ته ويس، ليڪن
اهڙو ڪمر جو ڏک لڳو جو اپاهج بڻجي ويس.

بس تڪليف سان هلي چلي سگهندو، آهيان مگر انڌيءَ
هوندي به اسين ڏاڍو هڪ ٻئي سان گهر ۾ رهندا هئاسين،
هوءَ مون واسطي ڪئا ڪپڙن سانهون وانهي ڪندي هئي.
مون ۾ بيحد شرڌا هئس، بس منهنجي سيوا ٿي راڌيڪا جو
ڪرم بڻجي ويو هئو. هوءَ ڪڏهن به اداس نظر نه ايندي هئي،
مگر مان گهر جي چئن ديوارن ۾ رهي دکي گذارڻ لڳس، من
۾ ڪيترائون اڇائون ترشنائون پاڻ وڌڻ لڳيون، جيئون جيئن
ڏيرس ۽ ٻي سوڊ پاڻ لڳو جهڙڪري مون راڌيڪا کي چيو
ته، ”ڪجهه ڏينهن لاءِ مون کي هردوار ۽ رشيڪيش جي
ڀيرت ياترا ڪراءِ، منهنجي ڏاڍي اڇا آهي ته، گنگاجيءَ جو
اشنان ڪريان، من اهو پوترجل منهنجي ڪمزور ڪايا ۾
شڪتي آڻي!“ مون پنهنجي پتاجي ۽ پرلوار سان هردوار

هوءَ هاڻي پنهنجائپ کان گهڻو پري نڪري ويئي هئي. گنگا جي
جي گود ۾ سمائجي چڪي هئي! ڪوڙ هن حالت ۾ هن کي
پنهنجائپ لاءِ اسمرٿ هيو...

ان بعد يڪدم پوليس کي واردات تي گهرايو ويو. سوامي
ڪرپاراج ڇرڪيل آواز ۾ پنهنجو بيان ڏنو، ”راڌيڪا منهنجي
انت آندو آهي، مان نيچ گنهگار آهيان...!“ ايترو چئي هو
ولي، سوامي سدا لاءِ شانت ٿي ويو...

راڌيڪا جي ڳولها ڪئي ويئي مگر سڀ اجايو هيو...
ڪرپاراج جي اگني سنسڪار کان پوءِ ان رات بابا سدا آنند
جي ٻه ٻيا ساڌو پرش منهنجي پاسان اچي ويٺا. ۽ پڇيائون
ته، ”هرپال جي سڄاڻ، هي سڀ ڪهڙو دردناڪ جو چڪ
ٿري ويو. هي ڇا ٿيڻجي ويو؟ هن خون خرابيءَ جو ڪهڙ
رهسيه آهي؟ راڌيڪا جهڙي سشيل گڻوان استري هوندي
سوامي ڪرپاراج جو ڪهڙي ڪارڻ گهات ڪري ڇڏيو! اسا
کي ڪجهه سمجهاءِ... هي گهٽنا ته اسان جي سدا آنند آشرم
سنگت لاءِ ڪلنڪ بڻجي ويئي آهي! راڌيڪا آخر آتم هت
ڪهڙي سبب ڪري ڇڏي؟“

مون ڳوڙها ڳاڙيندي هنن کي چيو ته، ”راڌيڪا آتم هت
ڪانه ڪئي آهي. ليڪن هن پاڻ کي گنگا ميا ۾ سمرپ
ڪري پورو ڪري ڇڏيو آهي، هوءَ مهان آتما هئي!“

”هرپال جي، پرنتو، پنهنجي من مان دکه ڪشٽ جي ڇا
کي دور ڪريو، اسان جي شنڪا به دور ڪيو... اسان
هي ڪانڊ سمجهڻ چاهيون ٿا؟“

”مهراج، ڇا ٻڌايان، هن اوچتو گهٽنا جي مون کي به
ڪانه هئي، مگر آخر ۾ راڌيڪا جيڪي ڪجهه ٻڌايو يا
چٺي ۾ لکيل اٿس، ان مان خبر ٿي پوي ته هيءَ ڪها

ڪيات درشن ڪريان. هر ساگر درشن ڏسڻ ٿو چاهي، ساگر
ون لهرون ڇوليون ڏسڻ ٿو چاهي. ساگر جي مهما بابت
استرن به. ڪيترا گيت شلوڪ ٺاهيا آهن. اسين ۽ ديوتائن
ي وچ ساگر منٿن، امرت ۽ وش جو ملڻ، موهني اوتار ۽
وهني جهلڪ اهي سڀ سندس من ۾ هڪ تصوير بڻجي ويا
هن...

ان ڪري اسين ڪپلراج کي پاڻ سان بمبئي وٺي آياسين
اي هن گيڙوا وستر بدلائي سفيد پوشاڪ پائڻ شروع ڪئي،
سان ڪـي چئن ڪمرن وارو شاهي فليٽ جهوءَ جي ڪناري
رسان آهي. هڪ ڪمري ۾ ساميءَ جن کي رهائيوسين ۽ هال
ستسنگ به ڪرڻ لڳو.

پڙهندڙ گيان، چتر گفتار ۽ مڌر آواز سان ڪپلراج سيٺي
ڌندڙن کي، موهت ڪري ڇڏيو.

بمبئيءَ جي ڪن خاص مندرن ۾ به هن پنهنجو پرو وچن
ڏنائين...

هڪ مهني اندر، هن ڪيترن کـي پنهنجو شردالو بڻائي
ڇڏيو... ان سان گڏو گڏ ڪيترا ڌن پدارٿ به ڀيٽائن ۾ پراپت
ڪيائين...

هڪ ڏينهن ڪپلراج اسان سان اڪيلائپ ۾ ڳالهائيندي
پنهنجي اڇا ظاهر ڪئي ته، ”جيڪر آءٌ سدا لاءِ هت رهي
پوان ۽ نئين سر پنهنجو جيون آرنڀ ڪريان!“ انهيءَ واسطي
هن راڌڪا جو ساٿ گهريو. پر راڌڪا سمجهائيندي چيس
ته، ”هيءَ بمبئي مهانگري وڏو ڪوريئڙي جو جار سمان اٿو،
هن ۾ نه ڦاسو اوهان پاڻ کي سنسار جي اڇائن ۽ بندشن مان
مڪت ڪري ڇڏيو آهي. مايا، ڪايا جـي چڪر مان آجو
ڪيو اٿـو. وري هـن جهنجهٽ ۽ جنجال ۾ نه ڦاسو. ڏسو

گڙگڙائيءَ جون اهي ڪيترا دفعا ٻاڏائي ڪئي هئي ۽ هاڻي آهي
ياد ڪرڻ مان ۽ ڄڻ هڪ ڇڪ پيدا ڪري رهيون هيون.
منهنجي اهڙي اڇا پوري ڪرڻ لاءِ راڌڪا ڇيو، "سائين،
جيڪا اوهان جي مرضي. سائين لاءِ سڀ هنڌ ساڳيو آهي.
پر مان جو سنڪلپ پورو ڪرڻ گهرجي... هلون ٿا... جيڪا
اوهان جي آگيا."

ڪجهه ڏينهن بعد اسين ليار ٿي هردوار آياسين ۽ اُتي
هفتو کن رهي پوءِ رشيڪيش ۾ آياسين، هتي اوهان جي آشرم
۾ روز سوامي ڪرپالواج جو ڪٿا ڪرڻ ٿيندو هيو، اهو ٻڌڻ
به ايندا هئاسين.

سوامي ڪرپالواج جي ستسنگ ۽ گيان مارگ جي وارتائن
جو مون تي ۽ راڌڪا جي من تي ڏاڍو اثر ٿيو، ڏاڍي ڏاڍي
مان پنهنجي دک کي ڀلجڻ لڳس. سوامي اسان ٻنهي کي
اڪيلائپ ۾ گيان مترڏنو هيو، جيڪو مون ٽيپ ڪري رکيو
آهي. هن ٻڌايو ته، "جيڪي ڪجهه ڏسون ٿا، اهو ناس آهي.
مايا ڇار آهي. اولاد پرارت ۽ ڌن دولت آهي سک يا دک
ڏيهي سکهن ٿا، پرنتو مانو جنم جو مول اُدياش آهي شانتي
۽ آنند پراپت ڪرڻ. اچائون ۽ ترشنائون دک ۽ ڪشٽ جو
ڪارڻ آهن. پريم وٿهوار رکون، نيڪ درشٽي رکون پرڀوءَ جو
چنتن سان سمرڻ ڪريون ته، ڪڏهن به من اندر سنڪلپ ۽
وڪلپ ڪونه ايندا ۽ پوءِ هن سنسار ۾ رهندي به انسان
سدا آنند ماڻيندو..."

الهيءَ سکيا منهنجي جيون ۾ ڄڻ راحت آندي.

هڪ ڏينهن سوامي ڪرپالواج شبد گيان کان پوءِ ٻڌايو ته
هو هڪ دفعو مهاڪمڀي - امبئي ڏسڻ ٿو چاهي. ان واسطي
هن ڪارڻ ٻڌايو ته سنڌس اڇا آهي ته سمنڊر ديوتا ج

جو مول لکو آهي، هن ۾ پنهنجي آتما جي سچائپ ۽ نه
هي آهي. انهن انسانن جو جنم ورثي ۾ رهيو آهي. هن
جون دلين ٿوڻ ٿي وڃون آهن. هٿ سڀ انهيءَ جيئون گذاري
هيا آهن. منهنجي مڙوڪامنا آهي ته مان وري واپس اچي
گيان مارگ وسيلي، هتان جي انسانن کي آتمڪ راهه ڏيکاريان.
ج رات مان اهڙي ساڌنا ڪندس، جيئن انهن انسانن جي
پياس پوري ڪري سگهان، راڌيڪا تون انهيءَ پوتر گيان
مارگ جي ڪارڻ ۾ منهنجو ساٿ ڏي، انهيءَ حالت ۾ منهنجي
من ۾ هڪ پڪا رهجي ويندي."

ايترو چئي راڌيڪا ۽ موهن ڪپاڙاج سان ها ۾ ها ملائي ۽
اسين اٿي پنهنجي ڪمري ڏانهن واپس هلڻ لڳاسين، ان
وقت سواميءَ راڌيڪا کي چيو ته، "اڄ رات آءٌ جاڳرڻ ڪندس
هون پڪي ڪندس منهنجي لاءِ کهول گرم کير، شڪ گيهه ۽ ماکي
آڻي رک. انهيءَ پڪي جو قل اوشڌ اوهان کي ملندو."

ايترو چئي راڌيڪا سواميءَ کي چيو، مهاراج اوهان جرن ڳالهيون
ڪرڻ تائين ٿيون پڇون، من کي ڪونه ٿيون چون، هر ڪو
انسان پنهنجي ڪم ريکا پاڻ ٺاهي" ايترو چوندي هوءَ
ڪچن ۾ کير وغيره گرم ڪرڻ وئي ۽ مان پنهنجي وڃي
آرامي ٿيس.

پرڀات جي وقت ڪمري جو دروازو زور سان کليو ۽
منهنجي اک ۾ کلي ڏٺو ته راڌيڪا روئيندي اچي، پنهنجي
ٻستري تي ڪري پئي ماڻ ڪجهه سمجهي ڪونه سگهيس،
پڇڻ تي راڌيڪا ٻه ڪجهه ڪين ٻڌايو... ...

پوءِ پراڻ ناٿ سائين،

هي منهنجو آخرين احوال پڙهي، پوليس ۾ خط پيش
ڪندا. ان رات جيئن مان کير گرم ڪري کپڙاج کي ڏيڻ

رشيڪيش ۾ قدرت ڪهڙي نه، من موهڪ لڳندي آهي. پو
گنگا جو جل، ڏور پهاڙن مان اچي ندا، نديڪڙين جي ميلاپ
۾ پوءِ گنگا وهندي رهي ٿي، انهيءَ کي ڇڏي، اوهان هن
ڪاري سمنڊ جي پاڻي مان آتما کي ڪهڙي ٿڌڪ ڏيندا
ساگر جو جل نه پياسي جيون جي پياس بہ نه ٿو بجهائي سگهي
سمنڊ نه رڳو آتم هتيا لاءِ سٺو آهي! خود مان چاهيان ٿي
ڪاش! هن شرير جو اياڳ گنگا جي لهرن ۾ ٿي وڃي!"

اهو ٻڌي سوامي راڌيڪا کي ٽڪ لڳو ۽ ڪجهه ڏينهن
واسطي رشيڪيش واپس ورڻ جو فيصلو ڪيو.

پوءِ اسان ڪملراج لاءِ راڄڌاني ايڪسپريس جي ٽڪيٽ
رزرويشن ڪرائي ڇڏي، پر اُن ڏينهن آڪاش ۾ اُڏامندڙ هوائي
جهاز کي ڏسندي، ڪملراج اندر ڪمري ۾ راڌيڪا وٽ آيو
پنج هزار پيسا ۾ ڪٺي ڪيل رقم آڻي اڳيان رکيائين
چيائين ته، ”منهنجي اڇا اچي ٿي آهي ته مان واپس دهلي
ڪالهين وڃان ۾ سفر ڪندو وڃان! هن پئسن مان منهنجي
ٽڪيٽ هوائي جهاز ۾ بوڪ ڪرايو.“

اسان سندس اها مرضي بہ پوري ڪئي، ايجنٽ جي
معرفت ريلوي ٽڪيٽ رد ڪرائي، پلين جي ٽڪيٽ بہ
ڪرائي ڇڏي.

ان رات سواميءَ اسان ٻنهي کي پنهنجي ڪمري ۾ گهر
۽ پنهنجي دل جي اڇا بيان ڪيائين ته، ”هي سنسار ط
جو هڪ کيل آهي. منش جو پاهريون سڀاءُ سندس اڇائن
ترشنائن مان ٿو ٺهي. هيءَ بمبئي نگري جڻ هڪ وڏو م
آهي، جنهن ۾ ڏسان ٿو ته هتان جا ماڻهو ايترو ته جهلي
قائل آهن، جو انهن کي پنهنجي سڃاڻپ ڪونه رهي آه
مون کي لڳي ٿو ته اهڙن انسانن ۾ پيار ڏيان، جيڪو ج

ٻي شادي

دربار اندر شبد ڪيرتن جاري هيو، ٻئي وشڻداس
هر دربار جي دکي ٽيءَ ڪجهه مايوس ويٺو هيو، هٿ
ڏي ڪا ٻرپوءِ ڌر وڄندي ڪري رهيو هيو، اتي به سائيڪل
ي ٻه ٽيگر اچي وٽس ٻيٺس، هڪ وشڻداس جي ٻوسان ٿي
چي سائيڪل بيهاري، هڪدم وڃي ڀرڪري ڪانئوس پڇيو،
بابا، ڇو اوهين اڄ ستسنگ جي اڌ مجهان ئي نڪري هليا
يا آهيو؟ آهي ته سک نه!"

"ابا، سک ئي سک آهي ٻئي طبعيت ڪي ناساز ٿي لڳي،
ونجهه اچي ورتو، انهن ئي تازي واءُ کائڻ لاءِ ٻاهر لي نڪري
آيو آهيان. سمجهه نه توهان ڇو به اچڻ وارا هوندا، ٻس ستسنگ
به اڄهو گهڙي ڪن به اچي پورو ٿيندو..."

"پوءِ، بابا اوهين، اسان سان گڏ هلي سگهندا يا ڪو
تانگو رڪشا وغيره ڪرائي اچان...؟"

"نڪو، بار ٻس ٿورو ساهه پٽيان ته هلان ٿو. ٿوري ڏوري
هلان ٿو. هي ٻڍاپو به الائي ڪهڙو روڳ آهي! جيڪو اچي ته
اتو پر موڪلائي ئي ڪونه ٿو، ٻس ماڻهوءَ جي موڪلائڻ وقت
ئو سدا لاءِ موڪلائي! ڏس ٻٽ، الائي ڪڏهن آءُ به موڪلايان،
ڪوئي ٻروسو ڪڏهن جو ڪونهي! لعل ڏس، واشو اڄا ٻارڙو
اٿئي، ٿيون چگو سمجهه سان ٽيو آهين، ٻالي واشوءَ کي ؟
ٻهنجي ننڍڙيءَ آشوءَ کي ڪڏهن ماٺيلو نه سمجهجانءِ، ٻهنجي
ماءُ رکڻي نه سکياست ڏيوي اٿئي... هن ڪڏهن به ڪڏهن

واسطي سندس روم اندر داخل ٿيس ته آئي ڏٺو ته هو پنهنجا
سانس بند ڪري سماڌيءَ ۾ ويٺو هيو ۽ سندس اکيان آڳ
جو هون لڳي جلي رهيو هيو. ان لڳي منجهان اهڙو ته ڌونهون
نڪري رهيو هيو جو ساهه کڻندي منهنجا هوش گم ٿيڻ لڳا
۽ شرير مان طاقت نڪرندي ويئي، منهنجي همت مان ڪير جو
گلاس، گيهه وغيره ڪري پيا ۽ مان ب—، پرڪي وئس، پ-و
سوامي پُرسان رڪبل پيوالي منهنجي مٿان ڦوڪن سان
چٽڪائيندو رهيو. منهنجو آواز به ڪونه ٿي نڪتو ۽ مون ڏٺو
ته ڪرپاراج مون کي ڪٽي پنهنجي بستري تي سمهاري ڇڏيو ۽
دروازو بند ڪري ڇڏيائين. ان بعد مون کي ڪا خبر ڪونه
پيئي، جڏهن جاڳي ٿي ته ڏٺم ته مان اڌ زندگي حالت ۾ پيئي
آهيان ۽ ڪرپاراج باٿ روم ۾ سنان ڪري رهيو هيو. پنهنجي
حالت ڏسي مون کي سمجهڻ ۾ دير ڪونه لڳي ته مون سان
ڪهڙو انرٿ ٿيو گذريو آهي. مان پڪدم پاڻ کي ڍڪي
روئيندي، ٿوهانجي ڪمري ۾ آئيس. ڪرپاراج جي هلي وڃڻ
بعد مون اوهانکي ڏڍن رسڪي رشيڪيش ڇڏڻ لاءِ چيو، جيئن
آئي هلي پاڪندي ڪرپاراج کان پنهنجو پورو بدلو وٺي سگهان
مان هنکي پنهنجي گهر اندر باٿ روم ۾ ئي مارڻ جو خيال
ڪيو مگر پنهنجي فيملي ۽ سماج جي بدناميءَ کان روڪجي
وئس، ليڪن هن نيچ کي مارڻو ضرور هيو ۽ پاڻ کي گذ
مالا جي جل ۾ بروامه ا— ڪرڻو هيو، انڪري هتي اچي
سندس ڪمري اندر سندس رڪيل ڏنڊي سان ماري، سدا
دشت ڪرپراج کي ختم ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو آهي.

بس، سائين منهنجو ڏوهه بخشجو. هن بعد وري بي ج
۾ ملنداسين... پرڻام.

اوهان جي داسي راڌڪا

وڪري ٿـــ. اهي، واشو ۽ آشو به پڙهن ٿا، مون کي ڏاڍاءِ
هي، تون سياڻو آهين، ٻه اکر پڙهيو به آهين. پر هنن کـــي
ڇاٽي ڪو ڏکيو ڏينهن نه ڏيکارجانءِ ٿاي... اهڙي اڻٽي سمجهي
هوالي ۽ ڏٺيءَ جي هوالي اٿئي...!“

”بابا، اوهين روڪجي ڇو ويا، توهان ٿو اڄ اهڙيون وارتائون
ڇو ٻولي رهيا آهيو... مون ۾ اعتبار رکو... مان رات ڏينهن
هڪ ڪري... ديش پرديش جو دؤرو ڪري ڏکــ ۽ غريبيءَ
کي گهر مان ڀڄائيندس! مان اڪيلي ڪروڙ ٿي پٽيندس
پر مهنجي اـــڙ، ڀيڻڙيءَ ۽ ڀائڙي واشوءَ کي ڪڏهن ڪين
وساريندس، ڪڏهن انهن کي اڳيان نه پائيندس، توهان بابا دکي
ڇو ٿي رهيا آهيو، سمجهيا اـــ. توهان ماستر، رهبر، ٻي ۽
ڀڳوان به اوهان آهيو...“

اهو ٻڌي وشنداس ساڻو ٿـي دکي ٿي ليٽي پيو... لعل
جي ٻانهن ۾ ڳيتون ڏيئي رتو هيو... ۽ هو خاموش ٿي ويو...
مندر مان شاهه صاحب جـي ڪلام جو آواز ۽ پڙاڏو اچي
رهيو هيو.

آديسي اٿي ويا، ٻڌي اڏامي رک
سوامي ڪٺي سنگ وڃائي وات ٿيا...
جنکي بادشاهيون هيون سي وٺا ڇڏي وڃارا
ڪوڻ رهندو ڪو همت جيڏيون!
الا! عبداللطيف چي، اٿ سٽر ڪڄ، سڌارا
ڪوڻ رهندو ڪو همت جڏيون.. ڪوڻ رهندو ڪو همت...

پنهنجي پتا جي هيڙي حالت ڏسي لعل ڏڪي ويو، ڪيس
ڊونڊارڻ لڳو... بابا-بابا... ڪري پڪارڻ لڳو، پر ڪو آواز...
ڪا ورندي ڪونه ٿي آئي... هن هڪدم واشوءَ کي گهر پٺيان

۽ گهڙي توکي مانيلو ڪرڻ چاهيو، سدا توکي ساڻ ساڻ سانڍيا
انس، سڀ ڪان ۽ وڏڪ تو ۾ موهه انس...“

”ها، بابا، هن وقت اهڙيون ڳالهيون ڇو پيا ڪريو! ڇا ت
آهي؟ توهان کي ڪا تڪليف آهي ڇا؟ هلو گهر هلي ڪجھ
آرام ڪريو...“

”ابا، هت هندستان ۾ آرام ڪٿي آهي، آياسين شونارٿي
ٿي واسي بڻجي، پنهنجي سنڌڙي ڇڏي، ڏهه سال پاڻ پٽوڙيوسين
دکن ۾، ڏولائن ۾ تنهنجي امڙ ايشوري ۽ موڪلائي ايشور جي
گود ۾ وڃي سکي ٿي! لڳي ٿو هو دم هوءَ مون کي سڏيا پيندي
رهي ٿي. مان هت پيو وواهه ڪيو، اهو به لاچاريءَ ۾ ڪر
ٿي پيو، ڇو ته... سنڌ ڇڏڻ بعد هتڙي پنهنجا ۽ اپرا پڻجي
ويا هئا، هر ڪنهن کي پنهنجي روزيءَ ٽڪر ڪمائڻ جي لڳي
هئي، اهڙي ته گرم هوا لڳي جو ڪير به ڪنهن جو نه رهيو
هو، آندي ڪاڏي تي هلي رهيو هيو، آءٌ ان وقت توکي
پاليان يا پيٽ مائي ڪمايان، ڏاڍو مايوس هوس ته اوچ
رڪميءَ کي توکي کهڪاءُ اچي ويو، هوءَ پڙسان مٿ ڪٿ
۾ پاڙي ۾ رهندي هئي، هوءَ به ڏکن ۾ ڏاڍي ڏڌل هئي
هندستان پاڪستان جي فسادن ۾ اچي خون خرابي ٿي،
۾ هن جو مڙد به قتلام ٿي ويو هئو.

بس مالڪ کي اسان جو مطلب منظور هئو، پنهنجي ڌ
ٻي شادي رچائيسين، پوءِ ته تنهنجا ۽ ڀاڳ کليا، توکي س
موهه واري ماتا ملي وئي ۽ مون کي وڏو سهارو اچي وي
اهڙي پوڪار جيوت جو گساڏو هلڻ لڳو... ڪڏهن چاڙه
ڪڏهن لاهي تي حياتيءَ جي گاڏي هلڻ لڳي، پر همت
هاريسين، توکي پاڙو واڌو ۽ پنهنڙي آشا پ، پوءِ اچي وا
هاڻي تون کهول وارو آهين... اڄ پرواهه نه آهي، توکي نن

پاڻيوار ڪيائين. سيٺ شوڪتراءِ کي ٻه گهر ۽ ٻه زالون هيون، هڪ دهليءَ ۾ ۽ ٻي بمبئيءَ ۾. هو پيو دهليءَ کان انڊيا اچ وڃ ڪندو رهندو هو ۽ لعل هاڻي ٻيو ڪاروبار سنڀاليندو هيو. لعل سيٺ چوندي ته هن سنگيت کي ڪڏهن ڪين ڀلايو، هو دهليءَ ۾ ٻه سنگيت جا عاليشان پروگرام ڪرائيندو هو، پارٽ ۽ سنڌ مان آيل سنڌي ڪلاڪارن کي خوب همٿائيندو هيو ۽ انهن جي شان ۾ سنگيت جا ڪلچرل پروگرام ڪندو هيو ۽ انهن ۾ پاڻ سرور رهندو هو... پنهنجي زندگي ونهوار ۾ ڪامياب رهندو هيو... ساڳي وقت پارٽ ۾ پنهنجيءَ ماتا، پتا، پيءُ جو به سدائين خيال رکندو هيو.

هاڻي واشديو لا (Law) ڪاليج ۾ پڙهي رهيو هو، ۽ آشا بي ڪام ۾ هئي. لعل پنهنجي ماتا ڪميٽي کي پوري رقم موڪليندو رهندو هيو. برابر پنج سال بعد هو پنهنجي پيءُ آشا جي شاديءَ ۾ شرڪت ڪرڻ واسطي بمبئيءَ پهتو. هن جي خوب هٿ آجيان ڪئي وئي، ڇو ته هو هڪ نوجوان ڪلاڪار هيو، بمبئيءَ جي سنڌي ڪلاڪارن هن جي سواگت ۾ شاندار ڪلچرل پروگرام ٺاهه ڪيو...

لعلچند پنهنجن سنڌي ڀائرن، بزرگن، يارن ۽ دوستن سان ملي ڏاڍو خوش ٿيو، مگر پيءُ جي شاديءَ ۾ گهوٽيتن گهر-گهر ۽ ڏيتي ليتيءَ جي رسم ڪيس ڏاڍي چوٽ پهچائي. لعل پوءِ هڪ سنگيت جي پروگرام ۾ پنهنجي دل جي سور جو بيان ڪيو، هن محفل ۾ اعلان ڪيو ته، هو هڪ هفتي اندر ٻڌا ڏيتي ليتي ولڙ جي ڪنهن سشيل سنڌي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ ٿو چاهي، حالانڪ هن کي ڪيترن ٻين خاندانن مدعهان ۽ خود سندس سيٺ شوڪتراءِ وٽان شاديءَ جي آفر آهي، ليڪن هو سنڌين ۾ هڪ مثال پيش ڪرڻ ٿو چاهي ته

۽ پاڻ سمت سڳڻن کي پڪاريندي دربار اندر ڏوڪي ويو... سنسڪي آيا، اچي نبض ڏٺائون ته پکيڙو پرواز ڪري چڪو آهي... واشو، ماتا رکمڻي ۽ آشا کي ڪولي آيو... اُهي اهڙي دردشا ڏسي روئڻ پڪارڻ لڳيون..

...   .

هاڻي گهر سنسار جو سمورو بوجهه لعل مٿان هيو، هن کي پاڻ جي هڪ مٽر سنسڪيءَ وٽ ڪپڙي جي پيڙهيءَ لي سيلس مين ۽ ڪميشن ايجنٽ جي سٺي نوڪري ملي وئي. لعل محنتي هو ۽ ايماندار به هيو، هن سيٺ وٽ ڏاڍي واهوار ۾ چڱو نالو ڪڍيو هو ان کان وڌيڪ هو پنهنجي سنڌي ڪلچرل پروگرامن ۾ سرگرم بهرو وٺڻ لڳو. هن جي اندر ۾ ڪو ڪلاڪار به لڪل هيو... جهولي لعل جو ميلو هجي يا چيٽي چنڊ جو پروگرام هجي ڏوڪلا ڪٽي ۽ مٽڪو وڄائي ماڻهن کي موهي ڇڏيندو هيو... اهڙي ئي هڪ سنڌي ميلي ۾ هن جي ملاقات ڊبئي جي سيٺ شوڪتراء سان ٿي جنهن هن کي اڳ لاءِ ڪلاڪار جي همت افزائي ۽ انعام ڏنو ۽ ساڳي وقت هنکي اهڙي ڏانو جي مددگار ۽ همراهه جي ڏاڍي ۾ سخت ضرورت هئي پڇي کي هڪ ئي جون ڳالهيون ۽ سڀاڻ وٺي ويو... پوءِ لعل پنهنجي پنهنجي واري سيٺ اچارام کان همت پڇي، پنهنجي واڌاري ۽ ترقيءَ جي لحاظ کان موڪل ورتي، ان بعد وڃي ماتا کي سمجهايو ۽ ان کان پوءِ آسيس ورتائين، هاڻي واشو ڪالمج ۾ پڙهندو هيو ۽ آشا مئٽرڪ پاس ڪئي هئي.

لعل هاڻي ڊبئي جي ڪوهنور ڪلاٿ اسٽور کي سنڀالي رهيو هو، سيٺ شوڪتراء، هن جي وهنوار ۽ ڏاڍي جي ڏا سمجهاڻ ڏاڍو خوش هئو، هن جي پتي حصو مقرر ڪري ڪيس

هئڻ بعد آرٿوار ڏينھن لعل ۽ لتا جي شادي ٿي ۽ ڪجھ
ڏينھن واسطي هو ٻئي هني مون واسطي ملا هليا ويا.
اڄ لعل ائرپورٽ تي بيٺو هئو. سڀ سندس چوگرد بيٺا
ا، ليڪن هو اڪيلو ٻئي وچ رهيو هئو. ڇو ته لتا جو
پاسپورٽ ويزا وغيره تيار ٿي ڪونه سگھيا هئا.
موڪلائڻ وقت لتا چيس ”ڪٿي راجا دشينت وانگر
پنهنجي شڪنتلا کي پرديش وڃي ڀلجي نه وڃو...“
ان وقت لعل پاڪيٽ مان پرس ڪڍي سندس فوٽو
ڏيکاريو ته ”ڏس هر وقت توکي ساٿ رکيو آهي. ڀلائڻ جو
سوال ڪٿي ٿو پيدا ٿئي...“
۽ ايتري ۾ هوائي جهاز اڏامڻو... لعل ٻئي ڏانهن هليو
ويو...
۽ وقت گذرندو رهيو، لتا جو پاسپورٽ ويزا تيار ٿي ويو،
مگر لتا وڃي ڪونه سگھي ڇو ته ٻيون ڀاري هئي، ماءُ رکڻي
جي اڇا هئي ته ٻهراڻ ٻار جو جنم پنهنجي گھر اندر ۽ پنهنجي
ديش ۾ ٿئي ته اهو سٺو ٿيندو...!
هاڻي لعل، لعل نه هئو پر هو سيٺ لعلچند سڏجي ويو هو
هن پنهنجو الڳ ڪاروبار به شروع ڪيو هو، هن پنهنجي
ماءُ واشوءَ کي ٻئي اچڻ لاءِ پاسپورٽ ۽ ويزا موڪليو، ليڪن
واشوءَ جي مرضي هئي ته هو ايل. ايل. بي. ڪري وڪيل
بڻجي ۽ پوءِ سوچي ته ڪيس ڇا ڪرڻو آهي... واشو به پنهنجي
ماءُ وانگر هڪ سٺو ڳائڻ هو، هن ڪاليج ۾ غزل ڳائڻ ۾
پنهنجو خوب نالو ڪڍيو هئو، نه صرف ايترو ليڪن هن جي
دل ۾ ڪنهن جي پيار جي چڪ، هڪ اهڙو سوز به پيدا
ڪيو هئو جيڪو هن جي آواز ۾ لرزش ۽ گھرائي پيدا ڪري
ڇڏي هئي، هاڻي هن جي غزلن جون ڪئسيٽ بزار ۾ وڪامي

جيئن اسان جي سنڌي سماج ۾ هن ڏيتي ليتيءَ جي ڪُسم
کان گهٽي قدر آجي ٿي... اهڙي حالت ۾ هن پنهنجو رايو ڏنو
تہ سنڌي قوم کي گراوٽ ڏسڻي پوندي..."

هن جي اوچتي اعلان سڄي هال ۾ سرهائي آڻي ڇڏي
۽ سڀ ڄڻ هڪ ڇوڪري، جيڪا اڄ پنهنجي ماتا پتا سان
گڏ پروگرام ڏسڻ آئي هئي... هوءَ اسٽيج تي اچي پهتي ۽
پنهنجي وارن مان گلاب جو گل ڪڍي، لعل اڳيان پيش
ڪيائين، لعل خوشيءَ سان اهو قبول ڪيو، نہ رڳو ايترو مگر
ان ڇوڪريءَ پنهنجي پرس مان لعل جو فوٽو ڪڍي ٻباڪ
کي ڏيکاريو تہ هوءَ پوڄارڻ هن ڪلاڪار جي فئن هئي...
هاڻي سندس دل جي تمنا پوري ٿي... ان وقت لعل پنهنجي
آڱر مان هيرن جي منڊي لاهي، لتا کي پائي ۽ انهي پنهنجي
رنگ، سيرمدي جڙ ملهائي ڇڏي... اهو ڏسي سڀ درشڪ
اساهہ ۾ اچي ويا... سڄي هال ۾ تاڙين ۽ خوشيءَ جي موزڪ
جي ڌن هلڻ لڳي... انهي اساهہ ۾ هڪ ڪلاڪار ڇوڪري
ڏيتي ليتي خلاف هڪ ڪورس گيت پيش ڪيو...
درشڪن گڏجي ملي ڳائڻ نچڻ لڳا، هڪ خوشيءَ جي لهر
چوطرف ڦهلجي وئي...

... ...

لعل گهر پهتو، پنهنجي ماءُ رکمڻي کان آشيرواد
ورتي ۽ پوءِ پتا جي فوٽو اڳيان آيو، ماءُ جو هٿ پڪڙ
پيءُ کي سڀ حقيقت بيان ڪري ٿو، ۽ چوي ٿو، "پتاجي
اڄ اوهان جا سپنا سڀ اچي پورا ڪيا آهن، مان پوري
وڃي وڏو ڌن ڪٺو ڪيو آهي، ماتاجيءَ جي هر خواهش
پوري ڪئي آهي ۽ هن جي، هڪ اها خاص اميد اسان پوري
ڪري رهيو آهيان، مان شادي ڪري رهيو آهيان..."

ڪندس ۽ پنهنجي جيون ساٿڻ سان ڳالهي ڇڏي آهي." ۽
شوءِ پارٽ وچڻ جي تياري ڪرڻ ۾ لڳي ويو..

هوڏانهن لتا جي صحت ۾ ڪو سڌارو ڪونه ٿي آيو، هن
ـو علاج شروع ڪيو، لتا هن پنهنجي واسطي ڪجهه سون،
ٽيا جواهر خريد ڪيا هئا، جن جي جاءِ رکندو سندس
نوڪرياڻي ڪانتا کي هئي.

هڪ ڏينهن لعل، پنهنجي لتا ۽ نوڪرياڻي ڪانتا کي وٺي
ڊاڪٽر سان ملڻ آيو، ڊاڪٽر چڪاس ڪري لتا لاءِ ڪجهه
دوائون لکي ڏنيون، اهي ميڊيڪل اسٽور تان وٺي، لعل هنن کي
گهر پڄائو ڪيائين ۽ پاڻ واسطي به ڪمپوزٽ ٽيبلٽس ورتائين

لعل هاڻي ڪيترن پريشانين ۾ گذاريندو هئو، لتا جي
بيماريءَ جو خيال، بزنس وهنوار ۾ اڪيلو هيو، پنهنجي پڻ
آشا به سکي ڪانه رهندي هئس، انهن سڀني مصيبتن کـي
منهن ڏيندي هو ڪجهه ڏکي مايوس گذاريندو هئو، ڪڏهن
ڪڏهن ننڊ نه اچڻ سبب ڪمپوزٽ ٽيبليٽس پڻ وٺندو هئو
۽ نوڪرياڻي ڪانتا ٿي ڪيس اهي گوريون وغيره ڏيندي هئي.

هڪ ڏينهن لتا ڪانتا سان گڏ ڊاڪٽر وٽ طبيعت ڏيکارڻ
ويئي ڊاڪٽر هن کـي دوائون لکي ڏنيون، جيڪي ڪانتا
ميڊيڪل اسٽور تان وٺي آئي...

گهر پهچي ڪجهه وقت کان پوءِ هن لتا کي ننڊ جي گورين
جو وڏو ڊوز ڏيئي ڇڏيو، لتا بيهوش ٿـي ويئي، ان وچ ۾
ڪانتا چپ چاپ ڪٻٽ جون چاٻيون ڪڍي لتا جو سون ۽ هيرا
مٽيا وغيره کسڪائي گهر اندر رکيل هڪ ٻوٽي جيءَ ڪوٿليءَ
اندر مٽيءَ ۾ لڪائي رکـي ڇڏيا، ۽ پوءِ ڊاڪٽر وارايون ڪجهه
گوريون ڪيڏي ڪپڙن جي ڪٽڙ ۾ وجهي ڇڏيون، اهو سڀ ڪم
صفائي سان ڪري، اچـي پنهنجي سيٺ لعل چند کي فون

رهيون هيون. اهي ڏيڻي جي شاڪن ڳالهين ۾ ڳجهيو هيون.
هن دفعي، جڏهن لعلچند پنهنجي لعل ۽ نرمين چاول پو
ڪي وڻڻ لاءِ انڊيا ۾ آيو ته، لعل جي طبيعت چڱي ناساز هئي
۽ پرمل انهيءَ ڪري پنهنجي نانائي گهر ۾ اڪثر پنهنجو هي
ان سبب لعل ڪجهه وقت وڌيڪ انڊيا ۾ رهڻو پيو
حال في الحال لعل ڏيڻي جي ڪاروبار سنڀالڻ لاءِ واسديو ڪ
موڪلي ڏنو، ڇو ته هو هاڻي ايل. ايل. بي. جو امتحان ڏئي
فارغ ٿي ويو هو.

واسديو ڏيڻي ڏانهن هليو ويو... جتي هن زندگي سان
پنهنجي غزل گيت جي محفل ۾ به خوب رنگ جمايو...

... ...

ڪجهه مهينن بعد لعل، پنهنجي لعل ۽ پرمل کي و
ڏيڻي ڏانهن روانو ٿيو. پر پاڻ سان ڏک هڪ نوڪرياڻي
پاڻي کي به ساڻ وٺي آيو، ڇو ته لعل، اڄ بيمار گذا
رهي هئي.

ڏيڻي پهچڻ کان پوءِ لعل پنهنجي پياري واسديو سان مليو. م
ڪنس ته زندگي واپار سڀ ٺيڪ هلي رهيو آهي، انهن پنهن
۽ مالا جي اچڻ کان واقف ڪيائين ته، "انسان جي م
آهي، هاڻي تون به جلد شادي ڪري پنهنجن ۾ پنج ۽ م
جي محوڪامنا پوري ڪر ۽ پوءِ هت رهي زندگي ڪا
کي سنڀال، ماتا کي به گهرائي وٺندا سين..."

اهو ٻڌي واسديو ڪجهه سوچ بعد جواب ڏنو ته، "مون
پوري طرح پنهنجي زندگي بابت سوچيو ڪونه آهي،
پنهنجي وطن ڀارت ۾ رهڻ ٿو چاهيان ۽ سچي دنيا جو
ڪرڻ ٿو چاهيان، شادي اوهان ۽ ماتا جي اجازت

حالت ۾ اهو اڪيلو خزانو کڻي وڃي، ان وقت، هٿ پا رپورٽ ڏي پوليس جي مدد سان ڪيس پڪڙيو وڃي... انهن ڏي ڏيو، ڪانڪي پوليس سگهه سوڌو کڻي پڪڙيو ۽ هن سچي ڪئي ته، لتا ديويءَ جي موت لاءِ سندس لالچ ئي جوابدار آهي!...

... ...

هاڻي ڦڦڙيءَ ۾ سوال اٿيو ته لعلچند اڃا ڇڙو نڍيو آهي، هو چاليهن ورهين جو مس هئو. وڏو سوال هيو ته ننڍڙي ٻار کي سنڀالڻ جو بار ڪير کڻي.

اڃا هو ٽن سالن جو مس هيو ۽ رڪمڻي ته هاڻي ڪمزور ۽ بيمار گذاريندي هئي. لعلچند کي ٻي شادي ڪرڻ لاءِ زور آندو ويو. سندس سس سهري پنهنجي ٻيءَ ننڍيءَ ڌيءَ ممتا جي آڇ لعل کي ڪئي، ليڪن ممتا ۽ واسديو هڪ ٻئي کي اول ئي چاهيندا هئا، پر ان جي ڄاڻ ڪنهن کي به ڪونه هئي، واسديو هر وقت ممتا کي چوندو هئو ته، ”مون کي پنهنجن پيرن تي اٿڻ ڏي، پوءِ شادي ڪنداسين“ مگر اڄ ممتا کي پنهنجي ڀيڻ جي ننڍڙي ٻار جو واسطو ڏنو ويو ۽ هوءَ ٻار کي ڏاڍو پيار ڪندي هئي، انهيءَ جي موهه ۾ ممتا ڦاسي وئي آخر مائٽن جي ڪوشش ڪامياب وئي، واسديو پنهنجي پيار جو اوچتو گلو گهٽجندو ڏسي به اُف نه ڪري سگهيو، ليڪن شاديءَ جي ڏينهن هو گهر ڇڏي هليو ويو.

لعلچند ٻي شادي ته ڪئي مگر ممتا کي ڪڏهن نه خوش ڪونه ڏسي. آخر ممتا ۽ ٻار کيس اڪيلا ڇڏي. هو ٻيئي واپس هليو وڃي ٿو...

هاڻي لعل اُتي به خوش ڪونه پيو گذاري پنهنجي دل جي علاج لاءِ بمبئي جي هندوجا هاسپيٽل ۾ داخل ٿئي ٿو.

ٻڌائين ته، ”سيٺ جي جلد گهر اچو، لتا جي طبيعت ٺيڪ
نه آهي، ڪوراٻون وٺڻ بعد الٽي ٿيو پيرڪي وڃي آهي ۽ هر
وقت هوءِ بيهوش آهي...“

لعلچند هڪدم ڊاڪٽر کي ساڻ وٺي گهر اچي پهتو ڊاڪٽ
چڪاس ڪري ظاهر ڪيو ته، لتا ديوي از نو مور...
(Lata davi is no more) لتا مري چڪي آهي...

... ...

ڊاڪٽر جاچ ڪري رپورٽ ڏني ته، مرض جو مو
ڪمپوز ٽيبليٽس وٺڻ سبب ٿيو آهي... لعلچند هڪدم پار
۾ فون ڪئي مگر تڪڙ ۾ واسديو ۽ لعلچند جو سهرو اُڇالي
لي پهچي سگهيا...

لتا جي موت سبب، ڪيترن جو شڪ سيٺ لعلچند
پوي ٿو ته، ڇوته ڪجهه وقت کان لتا ۽ لعل جو پاڻ
پارس واپس هلڻ جي ڳالهه تي ڇڪ تاڻ هلي رهي هئي،
مٿو پريشان رهندڙ سندي فيملي جي ڇڳي طرح هئي... پ
لعل جو ننڍو ڀاءُ واسديو ڏاڍو هوشيار وڪيل بڻجي ويو ه
هن ڪن معاملن هڪ ته، ڊاڪٽر واري گوري ڳولهي لڌ
هئي ۽ ساڳي وقت ڏسندو هيو ته روز ڪانا گهر ۾ هڪ پ
واريءَ ڪونڊيءَ وٽ پاڻي ڏيڻ جي بهاني ڪجهه ڏسد
رهي آ!

واسديو پنهنجو شڪ دور ڪرڻ لاءِ رات جو اُٿي جي
ڪجهه ڏٺو، اهو ڏسي دنگ رهجي ويو، هن صبح جو لعل
سڀ ڪجهه چپ چاپ ٻڌايو ۽ ڏيکاريو... پوءِ اُنهن جي م
وڪيل سان صلاح ڪري، ڪانا کي سڳهه سوڌو پڪڙڻ
لڳولڳ ايار ڪئي. واسديو صلاح ڏني ته ڪانا کي انڊيا
موڪلڻ جي ٽڪيٽ هٿ ۾ ڏني وڃي، وڃڻ وقت هوءِ

منهنجا پيارا واشو،

وڏو پاڻ ۾ سمان ٿيندو آهي، منهنجا واشو، منهنجي
...گيا اٿئي ۽ تون منهنجا کري پنهنجي زندگيءَ ۾ ابدائيج... پوءِ
...ي پاڻ سان رکجانءِ... اٿين ڪرڻ سان منهنجي آتما کي
...شانتي ايندي... منهنجيءَ لئا کي ۽ شانتي ملندي... بس...
...ان زندگي جو سفر پورو ڪريان ٿو...

هلان ٿو..

تنهنجو لعل!

۽ پوءِ ڏسندي لعل سدا لاءِ شانت ٿي ويو...

* * * *

گر عشق باب آ اسي ڪمل چاهي پيچ پڙاءِ
ڪاني ته ليڪ ڪيچ گداءِ ۽ ثواب جي

ايم - ڪمل

جڏهن واسديو جي هڪ ڊاڪٽر مان کيس معلوم ٿيو ته ٿي
ممتا ۽ واسديو جو ٻار ۾ بيحد پيار هئو، اهو ڄاڻي لعل ڏاڍو
دکي ٿيو هو.

هڪ رات سپني ۾ سندس اتا اچي آئي، هو کيس سڏ ڏئي ک
رهي آهي ۽ سنسار ۾ لوڪان جو ڪارڻ پورو ٿيو آهي! لعل ڪ
نعل جي گوڏن ڏانهن اشارو ڪندي غائب ٿي وڃي ٿي
انهيءَ رات واسديو ۽ واپس بمبئي ۾ پهچي ويو هو، ه
هانگ ڪانگ هليو ويو هئو، جتي هن هڪ چيناڻي ڊانس
سان شادي ڪئي هئائين، مگر هوءَ کيس جلد ئي دوکو ڏئي
هلي وئي هئس ۽ واسديو اڪيلو پٽڪي ويو هئو، جهڙڪر
واپس پهچي ماڻا وٽ هليو آيو...

گهڙو پهچڻ بعد کيس پنهنجي پاءُ لعل جي بيماريءَ ج
خبر پئي ته، سو ستت ماءُ سان گڏ اسپتال هليو آيو. ان ڪا
اڄ لعل نعل جون گوڏن واري چڪو هئو ۽ پنهنجي س
دماغ سان ايترو لڳي پورو ڪيو هئائين.

جهڙي ۾ لکيو هئائين ته،

ماءُ پنهنجي زندگيءَ ۾ سايت ڀڄڻائي رهيو آهيا
مون اي خبريءَ ۾ پنهنجي پيار جي پاپڪا سان شا
ڪئي آهي... هاڻي پنهنجو جيون تنهن سڀل آهي، جل
مان پنهنجي پيار زندگي قربان ڪري، ان لوبهي دلين کي مل
وڃان...!

ليڪن ان وقت ممتا پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ لوٻم
هاسپيٽل ۾ پهچي آئي، لعلچند خاموش ٿي رهيو هئو،
جلد ممتا ۽ واسديو پنهنجي جيو همت وارو ٻاڻ ۾ ملائي چڏ
کين چئي همت ۾ ڏيندي چيو ته، "هن ۾ مون سڀ ڪ
لکيو آهي..."

چئي ڪولي پڙهي وئي ۽ ان ۾ اڄهو هيٺ لکيل هيو

پهريون وچن

”او، ڪامېشوري آخر تون اچي وئين، منهنجي من ليو ته تون ضرور راضي ٿيندين. مان الائي ڇو توکي دل سان چاهڻ لڳو آهيان! آءٌ جڏهن توهان جي بنگلي کي ڏاڙڻ ڏاهڻ جي ارادي سان آيو هوس، ان وقت منهنجي عجيب جيئن اچي بيٺي ته پهرين نظر توسان ئي ٽڪرائي تون ي سڀني جي اکيان هٽين ۽ مون سان ڳالهائڻ لاءِ سامهون آئين... اوکي ڏسندي ئي دل منهنجي وس کان نڪري وئي...!“

”صاحب، آئي آهيان، اوهان کي راضي ڪرڻ، اوهين ماڻهن منتري اڄ جي يگ جا ديوتائون ٺهجي ويا آهيون نه! ها... پر، مون لاءِ اوهان کي هڪ وچن پاڙڻا پوندا...“ اهڙو چوندي هوءَ منهنجي پوسان رکيل کوچ تي ويهي رهي. مون ٽيبل لئمپ کي آف ڪري ڇڏيو، ڪمري ۾ جهڪي روشني قائم رکي.

تنهنجا پنجئي شرط بلڪل قبول ڪيا ويندا، مون لاءِ ڪوبه پراڻم ڏکيو ڪونهي... آءٌ هن وقت پنهنجي سرڪار اندر عمر ۾ شايد ننڍي ۾ ننڍيو منتر آهيان، ليڪن منهنجي پهنچ وڏي آهي، منهنجا وسيلا وڏا آهن... خير تون پنهنجا شرط دل کولي ٻڌاءِ... اهي پورا ٿي ڪيا ويندا... پراڻم...“ ۽ پوءِ مان سوچي هن جي جواب آيس.

آءٌ جٿي جٿي وڃان
شل! هميشه توهان جو ساٿ هجي

جنهن منزل تي پهچان
اهو ئي توهان جو خواب هجي

تمام خوش جنهن ڏينهن هجان
اهو ئي توهان جو جنم ڏينهن هجي.

پشپا والب

سٽر لکيا آڏر ڪري رکيو آهي، ليڪن پنهنجي وچن پالڻ
ء آءٌ اوهان سڀني کي اٿي گهر، لائيٽ ۽ پاڻي وغيره جو
ورو بندوبست ڪرائي ڏيان ٿو... ڪيئن اها رت ٽوڪي ضرور
عظور ڪرڻي پوندي... انهيءَ ۾ سڀني جي ڀلائي ۽ عزت
آهي.. ها، پياري، تنهنجو پيو شرط ڪهڙو آهي؟ جلد بيان
ڪر، تنهنجا سڀ شرط اڄ رات پورا ڪرڻ جي امدا آهي.
آءٌ هڪ عرصي کان ٽوڪي چاهڻ ۽ پائڻ لاءِ بيقرار هوس...
ر، ڪمل، تون هن گندي بستيءَ ۾ ايترو خوبصورت، سمجهو
۽ همت واري ديويءَ ڪيئن جنم ورتو آهي! ها، پيارو...
سچ لڳي ٿو ڪيچڙ ۾ ئي ته ڪمل جا گل اپرندا آهن... تون
سچ ڪمل... نيل ڪمل آهين!" ۽ پوءِ مون پانهن ورائي هن
کي ٻاڪ ڏانهن ڇڪي ورتو...

”صاحب، اهو سوال، آءٌ به باربار پاڻ کان پڇندي هيس،
جڏهن پاڻ کي ۽ پنهنجي پاءُ کي ڏسندي هيس تڏهن دل
۾ وهم پئدا ٿيندو هيو ته اسين ڪير آهيون!"

”ڪمل، تون ڪير به آهين؟ مون لاءِ مگر بهار جي موسم
آهين!... ها، پنهنجو پيو شرط ٻڌاءِ..."

”صاحب، پيو شرط نه، بلڪ پيو وچن..."

”ها، وچن، انجام وغيره پنهنجي دل جي اڇا ٻڌاءِ..."

”اوهان کي پيو وچن، اهو ڏيڻو آهي ته اوهين منهنجي
جيون جا ڀوريان مرد آهيو، اوهين مون سان سدا نڀائيندا،
اگر ٻار ٿي وڃي ته، اهو ڪيرائڻ لاءِ نه چوندا، انهيءَ ٻار جي
پوري سنڀال، پرورش، پڙهائي وغيره جو ٻار پاڻ تي کڻندا...
سدا انهيءَ جو سهارو ٿي رهندا، انهيءَ واسطي اوهان کي
پنهنجي سر ٿي همت رکي وچن ڏيڻو پوندو ۽ پوءِ اهو همت

"صاحب، منهنجو ٻڌڻ وچن اهو آهي ته انسان جي هن
بستيءَ کي برباد نه ڪريو، اها انسان سڀني جي اوهان اڳيان
اپيل آهي ۽ منهنجي وينتي... اگر اها بستي هٽائي وئي ته
اسين سڀ غريب ڪٿان جا نه رهنداسين، بستيءَ ۾ رهندڙ
سڀ مجبور انسان آهن... انهن تي دّيا ڪريو. آءٌ انهن غريبن
جي وچ ۾ رهي، انهن جي ننڍڙن ٻارن کي وديا ڏيندي آهيان
انهيءَ سموري بستيءَ کي منهنجو ۽ منهنجي ننڍي داداگير ڀاءُ راجو
جو ئي سهارو رهندو آهي. هن بستيءَ ۾ ئي پنهنجو به بسيرو
آهي. اوهان پنهنجي بنگلي ٺاهڻ لاءِ هتان شاهي رود
ڪڍائي رهيا آهيو نه... ڇا اهو رستو ڦري ڪونه ٿو سگهي
اها راهه بدلجي نه سگهندي... اوهان پنهنجو ارادو بدلايو...
صاحب."

اهو ٻڌي مان ڪجهه وقت لاءِ بلڪل خاموش ٿي ويس
مگر پوءِ ڪمليشوري جو همت پڪڙيندي چيو، "ٻڌو آهي
بستيءَ وارا لوڪ ڪمل ديوي ڪري پوڄيندا آهن، تون هن
جي ليڊر آهين. جيئن ٻڌجي ٿو، هن جا فيصلا ڪندين آهين
هن جا مسئلا حل ڪندي آهين ۽ انهن لاءِ وڏي هيٺڙ
قرباني ڏيڻ لاءِ به تيار آهين...!"

"صاحب، ڳالهه کي بدلايو نه... مون عرض ڪيو آهي، اها
رستو بدلجي نه سگهندو؟ اوهان پنهنجو اهو ارادو بدلايو...!!

"ڏس، ڪمليشوري سامهون منهنجو "لعل سروپ منزل
ڪيڏو نه شاندار پئلس تيار ٿي رهيو آهي. انهيءَ جو رستو
هٽائڻ منهنجيءَ عزت جو سوال ٺهي پوندو.. آءٌ اوهان ک
پنهنجي بنگلي جي پٺيان هڪ شاهي پلاٽ، الاٽ ڪري
ڏيان. انهيءَ پلاٽ جا هڪ ڪروڙ روپيا، مون کي ڪانگريس

”پياري مهنجي ڪمل، آءٌ انهيءَ وقت ڀڄولون وچن ڏورو
ري سگهندس.“
”اهو رستو ڦري ٻه سگهندو...“
”مان سڀ دامودر پنڊاري جج جـو سڳو ڀٽ آهيان!! آءٌ
ن سروپ پنڊاري آهيان“
۽ ٻوءِ اسين ٻئي ڪي گهڙيون. هڪ ٻـي کي سڃي سان
ائي سـڪ ۽ پيتاءُ جا ڳوڙها واهيندا رهيا سين...

* * * *

اک ۾ اک اٽڪائـي،
۽ دل سـان دل لائـي،
اُلـفـت ۾ ڦـاسائـي،
اٿين ڪا نـه الجهاءِ ٻولن!
سچ مـان صـدقـي،
ٻولن مـان صـدقـي.

گورڊن ڊارڪي

مون ڏانهن وڌائيندا... مهنجو اوهان ۾ پورو وشواس ۽
وفاداري پڻ رهندي...!“

”ڪمل، پيءُ، اگر وشواس اٿئي ته پوءِ اهڙيون وارتائون
ڇو ٿي ڪرين... اهڙا وچن ته اوشواس جو احساس ٿا
ڪرائن...!“

”صاحب، مهنجي ماءُ، اهڙو دوکو کاڌو هيو... هوءَ هڪ
جج صاحب جي گهر ۾ نوڪري ڪندي هئي... ماءُ هڪ
راز مرڻ گهڙيءَ ٻڌايو ته، اسين انهيءَ جج صاحب جي اولاد
آهيون .. ماتا جي مرڻ بعد... آءٌ انهيءَ جج صاحب کان
انصاف وٺڻ لاءِ سندس علي باغ واري بنگلي ۾ پهتس ليڪن
افسوس هن سان ملاقات ٿي ڪونه سگهي! اهو جج صاحب
ٻه سال کن اڳ سرڳواس ٿي چڪو هيو! فقط مالها پاتل هنجي
تصوير جو درشن ٿيو!“

”ڪمل، اهو جج صاحب ڪير هيو؟... هن جو نالو ڇا
هيو؟“

”صاحب، اهو جج صاحب، ڪير هيو؟ سر دامودر
پنڊاري هيو...“

”هو علي باغ جو رهواسي هيو، ليڪن جج ٿي ڪري
هن مهنجيءَ ماتا سان انصاف ڪونه ڪيو، هوءَ ٻي سهاري
رهي، ان گندي بستيءَ ۾ رهي، محنت ڪري اسان کي
پاليندي رهي ۽ اي موت مري ولي!“

اهڙو ٻڌي آءٌ ڇرڪ ڀري ڪوچ تان اٿي کڙو ٿيس.

مون زور سان، ڪمل کي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏيو....
مهنجو سڄو شرير ڏڪي رهيو هيو... پسينو وهي رهيو
هيو!.....

منگل سونو

سر... اڄ وري ڪجهه اُداس ۽ پريشان پيا لڳو، ...وب ٿا ڏسجو، ڪجهه مسڪرايو... پيشنٽ کي آپريشن روم ۾ آندو ويو آهي... سڀ تيار آهي... اچو سر..."

”سائنا، توکي گائيڊ ڪندي، آءٌ ڏس، خود مس گائيڊ ٿي ويو آهيان... مون کي ڪا راهه ڏيکار... وري هڪ ٽيون گهٽنا اچي، اوچتو پيدا ٿي آهي..."

”ڊاڪٽر صاحب، اهي گهٽنائون گهڻت وڌايون ڪي اتفاق ۽ حادثا ته زندگيءَ سان شامل رهندا ٿي... ها، مگر وري ڪهڙي اچي گهٽنا جاڳي آهي، جنهن اسان جي ڊاڪٽر صاحب جهڙي دلبر انسان کي خفي پٽائي ڇڏيو آهي؟"

”ٺيڪ آهي سائنا، ٺهڪجي فلاسفي، لائيف ۾ ٽرئجڊيون گڏو گڏ ڪلاٽا آهن، سک دک زندگيءَ جا پٽي ساٿي آهن... هل آپريشن ٿيٽر ۾، پهريائين ڊيوٽي ۽ پوءِ ٿا، آپريشن بعد دل کولي ٿا ڳالهيون ڪريون..." ۽ مون کلي ڏنو...

ڪلاڪ ڏيڍ اندر آپريشن پوري طرح سڦل رهيو، هاڻي ٿوسڪ هوم ۾ بلڪل شانتي هئي، نرس گرم ڪافي آڻي اسان اڳيان رکي، سائنا هڪ پيالو مون اڳيان وڌائيندي چيو، ”او.ڪي سر هاڻي دل کولي من جي ڳالهه بيان ڪريو، آءٌ ضرور هن دفعي به اوهان کي گائيڊ ڪندس، وشواس رکو، جو هن دنيا اندر اهڙو ڪوبه مسئلو ڪونهي جنهن کو انسان سائنا ڪري ۽ حل نه ٿي! ليڪن... ها، ساڳي وقت

انھجي ياد ۾
جيڪڏهن
ڪا ياد هجي ها
تہ
پل ۾ وساري
ڪوئي ٻيو ڪم ڪرڻ لڳان ها
پر
هي تہ ڪائي
ساهہ جي ڏوري آ
جنهن جو ٻيو ڇيڙو
منهنجن هٿن ۾ ناهي! ۱۰

پشپا والڀ

اهو ٻڌي ڪلپنا جوش ۾ اچندي چيو، ”اصل ۾ تون
ڳالهائڻ جي لائق ئي ڪونه آهين، ليڪن ڪجهه ڳالهائڻ
ضروري آهي، انهيءَ ڪري منهنجي پٺيان پٺيان ٻچ ٿي هل.
ٿا هلي ڪجهه ڳالهايون.“

۽ سپنا انهن تي ڪيو، هن جي من ۾ هڪ خوف پيدا
ٿي رهيو هيو، ان وقت سمنڊ ڪناري وڏيون وڏيون ڇوليون
لڳي رهيون هيون، لڳي پيو سمونڊ اڄ آپي کان ٻاهر ٿي رهيو
هيو، پاڻي ڪناري تي گجگوڙ ڪندو ٽڪرائي رهيو هيو،
ڏسڻ ۾ اچي پيو ته سمنڊ ڪنارو پار ڪري شهر ۾ ڪاهي
پوندو...

پوءِ ڪلپنا هلندي هڪ ايڪانت واري هنڌ تي اچي
ويٺي ۽ سپنا به سندس پاسي اچي ويٺس، ساعت پڄر هڪ
ٻئي کي ڏٺائون، آخر ڪلپنا خاموشيءَ کي ٽوڙيندي سوال
پڇيس ته، ”اهو منگل سوتر توکي ڪٿان پاتو آهي؟“

”منگل سوتر منهنجو ذاتي معاملو آهي، اڄ ڪالهه ته اهڙا
سوتر بازار مان خريد ڪري بازاري عورتون به پائي گهمن
پيون...!“

”مگر، مون کي، ڪنهن ٻڌايو ته اهو سچو هوبهو منهنجي
منگل سوتر جي ڪاپي ٿيل آهي ۽ اسپيشل هٿڙي نموني جو
تيار ٿيل سچن جواهرن وارو زيور شهر ۾ ئي ڪنهن وٽ هئڻ
نه گهرجي، تو وٽ ڪٿان آيو؟... مون اها به ٻڌجها ڪي
ناجائز ڪارناما پڻ ٿيا آهن. جيڪي هڪ نرس بيان ڪيون
آهن...“

اهو ٻڌي، سپنا هڪدم غصي ۾ جواب ڏيندي چيس ته،
”بلڪل، اهي ٻئي ٻڌجهو ۽ منهنجو منگل سوتر هڪ ئي
جواهريءَ تيار ڪيا آهن. مون آڻي ٻاهرين هڪ منهنجي

ڏڪشنري اندر امپاسبل (Impossible) ورڻ ۽ قائم رهندو "

ساڌنا جو اهڙو انداز ڏسي ازخود وري دل اُڪري وئي
۽ مون پڇيو، „ساڌنا، ڪجهه ڏينهن ٿيا آهن، هي گهڻا اچي
گهڙي آهي، انهيءَ اوچتي حادثي، زندگيءَ ۾ هڪ اهڙو طوفان
آندو آهي جو شايد اهو تيز طوفان مون کي ڪيڏانهن اڏائي
ڦٽو ڪندو، هفتو کن اڳ سپنا ٻڌايو ته هوءَ جيئن آفيس کان
ٻاهر نڪتي ٿي ته سامهون گيٽ وٽ ڪاپڙيا کي بيٺل ڏٺائين
هوءَ اڃا ڪجهه سوچي ٿي ته ان کان اڳ ڪلپنا سندس ڀرسا
اچي بيٺس ۽ چيائينس، „اميد ته، مون کي سڃاڻيندي
هوندين؟"

„ها، ها.. لڳي ٿو، اوهين شايد ڪاپڙيا آهيو!... توها
جا فوٽا وغيره ته ڏٺا آهن، مگر روبرو اڄ پهريون دفعو اوها
کي ڏسي رهي آهيان."

„ٺيڪ آهي، پوءِ ته توکي اها به خبر هوندي ته مان ڪ
آهيان...؟"

„ها، بلڪل ڄاڻ اٿم... اوهين ڊاڪٽر صاحب موهن ج
پتني آهيو "

„پتني نه، ليڪن نام پتني چئجو ته شايد موهن کي ب
کي پتنيون آهن... اها خبر اٿ، هوندءِ! ۽ تون به انهن م
هن جي هڪ نام پتني آهين، اٿين ٻراٻر آهي نه...؟"

„مگر، هيئن رستي تي ڳالهائڻ جي کهڙي ضرور
آهي... پاسي ۾ هوٽل آهي، ٿورو پريان سندس جو ڪمرو آ
يا اعتراض نه، هجيو ته منهنجي گهر ٿي هلو، اتي جيڪ
ڪجهه اوهان کي ڳالهائڻو آهي، ڪا اندر جي ٻاڦ ڪلي
اٿو... يا مون کي ڌمڪائڻو اٿو ته پنهنجي دل هلڪي ڀو
ڪريو..."

”لڳي ٿو تون وڏي ئي شرم ڦراج آهين، توسان ڳالهائڻ
روري هيو، جڏهنڪري توکي هٿ اچڻ ڏکڙيو آهي..“

”ڪامنا جي، آءٌ خود چاهيان ٿي ته توهان سان هڪ حرف
... جيڪر ڪونه ڳالهايان... ڳالهائڻ جي ڪا ضرورت به
ڪونهي ڇو ته توهان مون کي سمجهي ڪونه سگهندا ۽ نه
ري مان اوهان جو مسئلو ڪو حل ڪري سگهندس، اهو
ب سوچي هيتري وقت ۾ مون اوهان جي صورت ۾ ڪونه
ني آهي. پر آءٌ چاهيان ٿي ته توهان ڪجهه ڳالهائي پنهنجي
ن جو غبار ٻاهر ڪڍو، انهي حالت ۾ توهان به موهن جي
هرين وائيف آشا جيان ٿي گهٽجي اندر ٻوساٽجي
وڃندا...“

”مطلب... آشا جي موت لاءِ جوابدار ڪير آهي؟...
ليڪن تون ايترو گهرو موهن جي لائيف ۾ ڪٿان کان شامل
آهين...!“

”آشا، وڇاريءَ جي موت لاءِ گهڻي قدر جوابدار توهان ۽
ڊاڪٽر صاحب آهيو، آءٌ موهن کي هڪ مدت کان چاهيندي
آهيان، مگر هو ان سان شادي ڪرڻ لاءِ مجبور هيس، ڇو ته
منهنجي وڏي ڀاءُ کي قدرت جي ڇپيت سبب اڌرنگ
(Parrellels) ٿي پيو آهي ۽ اڳ پڳهه اباهج بڻجي ويو آهي،
جڏهنڪري هن جي نديڙن ٻن ٻارن واري فئملي کي سپورٽ
ڪرڻ مون لاءِ هڪ لازمي فرض بڻجي ويو آهي... انهيءَ
ڪارڻ آءٌ موهن سان چاهيندي به شادي ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه
ٿي سگهيس، درحقيقت موهن جو توهان سان بيحد پيار آهي
۽ توهان به هن سان پيار ڪندا هئا، اها ڳالهه آشا کي پريشان
ڪندي رهندي هئي.

گلي ۾ پالو هئو ۽ پوءِ پيو توهان ڏانهن ڪٽي آيو هئو ۽ توهان
کي چڱي طرح ياد هوندو ته اها ديواليءَ جي رات هئي،
هن اوهان کي پاڪ ۾ آڻيندي پاڻ وقت ڏاڍي التجا ڪئي
ڪئي ته اڄ شب رات آهي، ڪوئي هٿرادو طريقو استعمال
نه ڪيو ۽ هڪ ٻار کي جنم ڏيو، مگر توهان سندس اها
اڃا نڪرائي ڇڏي هئي، اوهان هڪ دفعو تڪليف ڏسي
چڪا هئا، ٻار اوهان جو مس ڪٽيو آهي چڪو هئو، ۽
اوهان انهيءَ خيال تي ضد پڪڙي رهيا هئا ته ٻهراڻين ديش
دنيا جو سير ڪيو بعد ۾ وديش مجهان پوري چڪاس
ڪرائي ٻار کي جنم ڏيو، جيڪا ڳالهه ڪن حالتن سبب
گهٽي وقت واسطي موهن لاءِ ميٽ مشڪل هئي، هو ڪاوڙجي
اوهان وٽان هليو ويو ۽ پوءِ هن اها رات مون سان گذاري...؟"

ڪلپنا، پوءِ سپنا جي وڏي پيٽ ڏانهن اشارو ڪندي
چيو ته، "توهان موهن جي ٻار کي جنم ڏيڻ واري آهيو! ڏس
ماڻ ته ڪجهه الين پيو نظر اچي؟"

"بلڪل... ڪلپنا، اسان ٻنهي جي ڪهاڻي ڪجهه ساڳي
ته آهي ۽ ڪجهه عجيب آهي."

مگر وچ ۾ ڪٽيندي ڪلپنا پڇيس، "ليڪن تنهنجي انهيءَ
ناجائز ٻار کي ٻيءَ جو نالو ڪير ڏيندو...؟"

"ڪلپنا، هن تيز هلندڙ دنيا ۾ ڪير ـ. ڪنهنجي
کي اچي ڏسندو يا سڃاڻيندو ته ڪونه آهي، صرف ڪن وقت
تي ٻيءَ جو نالو پڇيو ويندو آهي. اکيچار موهن ديش
موجود آهن، ڪيترون ئي سنڌن جي سرنيم سڃاڻي آهي
منهنجي ٻار جي ٻيءَ جو نالو موهن سڃاڻي تيندو ۽ انهيءَ
لاءِ ڪو اعتراض ڪونه وٺندو ۽ نه وٺي سگهي ٿو. خود مو
ٻه نه وٺندو!

اڪثر موهن سان شادي ڪرڻ لاءِ ها ڪئي...! اهو ڏينهن،
ها خبر منهنجي لاءِ هڪ ڀاري صدمو هيو، منهنجيءَ دل کي
ڌڪو اچي ويو، اها اوهان جي شادي جي خبر... منهنجي
واسطي چوڻ موت جي تار هئي ليڪن مان موهن سان پيار
ڪرڻ ڇڏي ڪونه ڏنو، ڇو نه پيار ڪرڻ يا نه ڪرڻ پنهنجي
ڳالهيون انسان جي وس ۾ اصل ڪونه آهن...!

دنيا جون آفتون ۽ اتهاس گهڻائون وري پاڻ
دهرائيندا آهن، مطلب توهان ۽ شادي شده موهن سان پيار
جو کيل شروع ڪيو هيو ۽ اج خود اوهان کي زندگيءَ ۾ وري
اهو ناٽڪ ڏسڻو پيو آهي! مان ڪلپنا، ڏاڍو مجبور آهيان،
موهن کي ڇڏي ڪونه سگهندس.. اي به هڪ ڳالهه پڌو،
اڪثر گهڻي قدر مون ڏٺو آهي، پڌو آهي، محسوس ڪيو آهي
۽ استريون هڪ دفعو پيار ڪنديون آهن، وواه ۽ سڪ ۾ هڪ
سان نڀائينديون آهن ۽ هڪ سان ئي جسم جو رشتو رکڻ ڌرم
سمجهنديون آهن... پر مردن جي ڳالهه الهيءَ جي ابتڙ ڏٺي
وئي آهي...!!

سچ ۽ اسين پڻ سمجهدار ۾ آهيون..! مان سمجهان ٿي
۽ توهان کي تمام سوالن جا جواب ملي چڪا هوندا. مون
هن مهل تائين جيڪو دل اندر سانڍيو هيو، اج بيان ڪيو ۽
مون ڪسي هاڻي هاڻ گهرجي... ڪرن منهنجي راهه ڏسندي
هوندي..."

ايترو چئي سپنا هلي وئي... ۽ ڪلپنا اُتي جو اُتي
هڪ بت جيان ڪيترو وقت بيٺي رهي، گويا هن کو
خوفناڪ خواب ڏٺو هجي ۽ هراس ۾ سپنا کي ڏسندي رهي.
جيستائين هوءَ سندس اکين جي پردي تان گم نه ٿي......

آخر آشا زندگيءَ مٿان اوس اچي وئي، هن مان جيون
شڪتي گھٽجڻ لڳي ۽ زندگيءَ جيئڻ ماڻڻ جو چاھ ماڳھين
نڪري ويس، ۽ اوءَ ٻنهي کي جنم ڏيندي ءَ، هوءَ پنهنجو
جيون وڃائي ويٺي. ان بعد ڪيتري وقت لاءِ موهن توهان
کي شاديءَ لاءِ مڃڻون ڪندو رهيو ليڪن اوهان کي شاديءَ
ڪان الائي ڇو نوھيز هئي. اوهان ٻارڪڙن ۾ ذرب ڳڻت ٻ
سال لڳاتار ڇڏيا، انهيءَ وچ ۾ ڊاڪٽر صاحب جي ملاقات
اسان جي پريوار سان ٿي وئي، هو منهنجي پاءُ جي علاج لا
گھر ايندو هيو. ڊاڪٽر صاحب کي پنهنجي ٻنهي ڪون ڪ
سڀالڻ جو وڏو مسئلو سامهون هيو، ليڪن منهنجي صلاح سان
ڊاڪٽر موهن جي ٻنهي اسانجي گھر ۾ پلجڻ لڳا، منهنجي پاڄاڻي
ان کي پنهنجن ٻارن سان گڏ پاليندي هئي ۽ مان ٻنهي کي
پڙهائيندي هيس، انهيءَ جي عيوض ۾ ڊاڪٽر صاحب اسا
جا شڪرانا مڃيا ۽ هڪ هزار ڪن منهنجي پاءُ جي پريوار ک
انهيءَ سروس لاءِ ڏيندو رهندو هيو. پاءُ جو علاج به مفت ڪند
هيو، مون ڪمي سڪريٽيٽ ۾ سٺي سرڪاري نوڪري آهي
مان ڪڏهن لالچ ۾ اچي پا ڦاسائڻ جي خيال کان موهن س
پيار ڪيو ڪيو آهي مگر مون کي موهن ۽ اوهان جي سڀ
جي بلڪل جاڻ ڪيل هئي، مون کي ڪوئي خبر نه آهي، اس
ڪيئن ۽ ڇو جلد هڪ ٻئي جي نزديڪ اچي وياسين.

هڪ ڏينهن موهن، توهان کان آخرين فيصلو پڇڻ آيو ت
اوهان هن سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيو يا اوهان کي ا
ارادو شاديءَ جو ڪونهي...! ليڪن ان گھڙيءَ توهان ج
ماتا پوئين پساهن تي هئي ۽ اوچتو اوهان جي من ۾ اڪيلا
جو احساس پيدا ٿيو، ان وقت پنهنجي وڏيءَ ڀيڻ ۽ پاءُ
سمجھائڻ تي توهان ها ڪئي. اوهان هڪ ٻار واري شڪ

مون کي ڪجهه سمجهه ۾ ڪونه ٿي آيو سو اُٿي انهن ٿي ڪمرن ۾ سپنا وٽ وڃي پهتس، ان وقت سپنا منهنجي ڀيڻ ڪمرن کي ساڳي واري ڊاڪٽر مسز چترا وٽ وٺي وئي هئي. مان ان جي صبر سان سندس انتظار ڪرڻ لڳس، آخر ڪلاڪ ڪن کان پوءِ هو اچي پهتيون، اچڻ سان ئي سپنا ٻڌايو ته ڀيڻ جي طبيعت ڪجهه ٺيڪ ڪونه هئي ۽ ٻيهر جي ٻيهر چڪاس ڪرائڻي هئي، تنهن ڪري دير ٿي وئي."

مون پڇيومانس، "چڱو، اڄ ڪا اهڙي ڳالهه ٿي آهي ڇا جو ڪلپنا گهر ڇڏي نڪري وئي آهي.. ڪٻٽ، ڪڇن وغيره کي لاڪ ڪري چاٻيون پاڻ سان کڻي وئي آهي. سپنا سچ ٻڌاءِ ڇا ٿيو آهي؟.."

"سر، اڄ اوچتو ڪلپنا آفيس ۾ آئي هئي، موڪل بعد مون کي ايڪ ڏانهن گهلي هلي، مونکي جيڪو ڪجهه دل ۾ آيو، اهو کيس سچ سچ ٻڌايو..."

اهو سڀ ٻڌي مان بيحد پريشان ٿي ويس، مون گهڻي سوچ ويچار بعد سپنا کي چيو، سپنا توکي ابارشن ڪرائڻو پوندو...!"

"نه، هرگز نه، اگر توهان ٻچو ٿا ته آءٌ خود زماني کي منهن ڪندس، اوهان ڀل ڪلپنا جي جيون ۾ رهو..."

"سپنا، سمجهڻ جي ڪوشش ڪر، مان بچان ڪونه ٿو پر مان ڪلپنا کي اوترو ئي چاهيان ٿو، جيترو توکي، هن کي ڪوبه ڏک پهچائڻ ڪونه ٿو چاهيان، هوءَ بيحد نازڪ طبيعت جي آهي ۽ هن لاءِ هن وقت ٻار کي جنم ڏيڻ رسڪي آهي هن جو آمريڪا وڃي علاج ڪرائڻو پوندو ۽ پوءِ سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو، توهان حال کڻي صبر ڪر... ٻار جي

دور نه ٿي...!

... ...

"ساڏنا ھاڻي ٻڌاءِ، ان بعد ھن ويچاري موھن کي
ڇا گذريو ھوندو... زندگيءَ جي ھن حقيقي ناٽڪ ۾ ڪھڙا ڪردا
ادا ۽ چڙھيا ھوندا! آءٌ زندگيءَ جي اڻانگي راھ ۾ اڪيلي ڦاٿو
آھيان، ھن حالتن ۾ منھنجي ڇوري من کي ٻڌائڻ ڪيئن
آھن، ٻڌاءِ ساڏنا، ڪھڙي رنگ ۾ ھن ڪيل اڳتي وڌايو
ھوندو...!"

"ڊاڪٽر صاحب، جيتري قدر آءٌ اسٽوريءَ جي من
سيڪالاجيءَ ۽ نيچر کي جاڻان ٿي، اوھان گھر ويا ھوندا،
ڪلپنا پنھنجو منگل سوٽر لاھي اوھان کي ھٿ ۾ ڏنو ھوند
۽ ڪارڻ پڇڻ تي ھوءَ ٻڙڪي وڌي ھوندي... ھڪ پھاڙ ڦاٽو
ھوندو... گوم گوم لاوا نڪتي ھوندي ۽ اوھان خاموش دھشت
۾ اھو شو مھراج جو تانڊو ڏسندا به ھوندا ۽ ڏڪندا به ھوندا
ڪلپنا اوھان سان ھڪ ھڪاڻي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وئي
ھوندي... وغيره...!"

"ھا، بس ساڏنا، ڪجھ اھين ئي ٿي گذريو. آءٌ ھاسپيٽل
مان جڏھن گھر پھتس ته گھر کي تالو ھيو، پيڊ روم ۾ ڪلپ
جي والدين ساڙھي ۽ منگل سوٽر لاوارث پيا ھئا... فون ٿي
ڪلپنا چيو ته، "مان اوھان سان ڪجھ ڳالھائڻ ڪرڻ ٿي
چاھيان، ڇا ٿيو آھي...؟ اھو سڀ پنھنجيءَ سپنا کان وچ
پڇيو، اوھان کي سپنا يا ڪلپنا مان ھڪ کي زندگيءَ ۾ رک
پوندو..."

ايترو چئي ھن فون رکي ڇڏي، ٻلڪ فون جو رسيور
لاھي رکي ڇڏيو...

ـندي ٿي چيائين، ”آهي، اوهان گهڻا منگل سونهن گهڙائي
يا آهن، هڪ ته اول سرڳواسي آشا جو پيو اٿو ۽ ٻيو هـي
ڀهنجو به انهيءَ سان گڏي رکي ڇڏيو ۽ ٻيا انهن کي ڪٽب
ٽجو، ڪنهن نـه ڪنهن کي اهو سونو پاڻي ڀيا ڦاسائجو،
وهن توهان لاءِ پڻني ڪا پيشنت مثل آهي ڇا؟ هڪ خوش
ي وڃي ٻا موڪي وڃي ته اڄ ءَ جي ڏرائمينٽ ڪرڻي آهي.“

”ڪلپنا ڏس مان مجبور آهيان، هر وقت انهن حالتن جـو
ڪار ٿيندو آيو آهيان، هي ڳالهه ڪون پيدا ڪونه ڪيو ويو آهي،
هو ٿي ويو آهي، فقط تنهنجي شادي نـه ڪرڻ ۽ ڏيڻ سان
ها جي جواب ڏيڻ سبب، وڏڪ انهن ڪجهه صفائي ڏيڻي نه
سگهندس، پنهنجي پيار جي ثبوت ڏيڻ کان سواءِ مان ڪجهه
توکي سمجهائي به نـه سگهندس، ڇوته توکي پنهنجا شخصي
نرالا ويچار آهن...“

”موهن، مان اوهان سان شادي ڪرڻ لاءِ هرگز تيار ڪونه
هيس، انهن ايڪانت ۽ شانتي ۾ جيون گذارڻ ٿـي چاهيو، ٻر
اوهان گهڻي پيار محبت جا واسطا ڏنا، توهان چيو ٿي ساٿي
ڪڻجي هلي موجون ماڻيندا سين، دنيا جو سير سفر ڪندا سين
۽ ٻن پکين جيان گڏجي پرواز ڪندا سين، توهان دليل ڏيندا
هئا، ته اڪيلي جيون... ٻنا ساٿ ۽ ساٿي واري جيون جڻ ته
ريگستان جي پالوا آهي، جنهن مان پڻ ڪنهن استري ٽڙي
ختم ٿي ويندي... ڪلپنا، توکي پنهنجو بڻائي هڪ ”ڪلپنا
لوڪ“ بنگلو ٺهرائيندس، اهو نه ٺهيو، مگر ان بنگلي جـي
بـاهر توهان کهڙا ڪائنچ سجايا آهن... هن وقت
منهنجو من منهنجي وس ۾ ڪونه آهي، انهن هڪ دوکيباز سان
زندگي گذاري ڪونه سگهندس. مون پيار ۾ اوهان سان شاديءَ

زندگي گذاريندا سين...»

ن، هاڻي وقت به، نڪري ويو آهي، اپريشن ٿيڻ اوور
ٿي چڪو آهي... توهان ڪرڻ ٿيندي ڪـي خوش ڏسڻ ٿا
چاهيو ته مونکي به دکي نه ڪريو... منهنجو الائي ڪهڙو اڇي
ڪرڻ ۾ موهه قائو آهـي... اگـر مان پنهنجن حالتن ۾ دکي
رهندس ته ازخود ان جو اثر ڪرڻ تي به پوندو... تنهنڪري
جيڪي حالتون آهن، انهن کـي فيس ڪريون... مون کـي
ڪجهه نه ٿيو ۽ نه مان توهان جي ٻڏندس... ان رات اوهان
انڌ ۾ هٿا، منهنجو ڪجهه نه ٿيو..!!»

اهو سـڀ ٻڌي آءٌ اٿي وڌيڪ ترسڻ ٺيڪ ڪونه سمجهيو
ٻاهر نڪري هليو آيس ليڪن گهر به ڪونه ويس...

«سائنا، هاڻي ٻڌاءِ، هن حادثي ۾ قائل، آءٌ پنهنجيءَ جا
۾ ڇا ٿو ڪري سگهان!»

«ڊاڪٽر صاحب، توهندي ان کي ئي ڇڏيو آهي! منهنجي
اوهان سان همدردي آهـي، جيڪا مدد چاهيو آءٌ ڪري
سگهان ٿي... اوهان جـي دک ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تيار آهيان...
اوهان کي خوشيءَ جي راهه تي وٺي هلڻ لاءِ به تيار آهيان.

«مگر سائنا، اجـا اها توهندي، ڪلائمڪس تي اچي
آهي...»

مان سپنا وٽان نڪري همت ٻڌي سڌو ڪلپنا ڏي پهچا
۽ ٻچاءَ ڪرڻ لاءِ هـن وٽ پهتس... ليڪن ان رات ڪا
ملڻ کان انڪار ڪيو.

... ...

ٻئي صبح جو وري ڪلپنا وٽ پهتس، هوءَ اڪيلي
ڪمري ايڪسرسائيز ۽ يوگا ڪري رهي هئي، مون کـ

ڪيترائين ٿو هلي ۽ زندگيءَ جي ڪسوٽيءَ تي آءُ ڪيئن ٿو
ط کي پيش ڪري سگهان... هي منهنجي لائيف جو ڪيس
هي... منهنجي دل، منهنجي وس ۾ ڪونهي... ساڌنا."

"اهو، هي ڇا ٿيو، اوهان جي اکين ۾ آنسون، آتمولشن
ٽر ۾ انسان کي چير ڦاڙ ڪندي اوهان ڪڏهن آهه ڪونه
ڀري! پيشينٽ کي ڀي موت مرندو ڏسي به ڪڏهن نه گهٻراهٽ
محسوس ڪئي! ڏاڍو رڳو... ڊاڪٽر هجي يا مريض، ڪير به
هجي، دنيا جي گردش ۾ سڀني کي رات ۽ ڏينهن جو سفر
ڪرڻو ئي پوي ٿو... جهڙي نموني سمونڊر جي سطح تي
سدا لهرون ڇوليون اڀرنديون رهن ٿيون، ساڳي نموني انسان
جي جيون ۾ به اوشائون ۽ سڪلاگهرائون پيدا ٿيندا رهن ٿا..."

"ساڌنا، ڪيترن ڏينهن کان نه، ڪلپنا جي دنيا ۾ واسو
آهيا ۽ نه سپنا کي ڏٺو اٿم، ننڍي کان سان اسڪول ۾ ٿي
ملي ايندو آهيان، هوءَ ڏاڍو خوش ۽ ڀلوڙ ۾ آهي، بس رڳو
اهو آتم آهي نه سپنا جو ساٿ ننڍيءَ ۾ آهي ۽ ننڍي سپنا
کي پنهنجي من ۾ ئي سمجهندي آهي. هن سان لاڏ ڪوڏ
ڪندي رهندي آهي، ڪلپنا جو ننڍيءَ سان وري ڪو لڳاءُ
ڪونهي، هن شاديءَ کان اڳ ئي ڇڏو هو نه ڪٿي اوهين،
ننڍيءَ کي مدر ڏيڻ لاءِ نه مون سان شادي ڪونه ڪري رهيا
آهيو، ۽ پوءِ صاف ٻڌايو هئائين ته، هو ننڍيءَ جي پالڻ جي
جهنجهٽ وغيره کان آجي رهندي، مون به اها ڳالهه قبول
ڪئي هئي، شادي وقت هن آشا جو مدگل سوال پالڻ کان
به انڪار ڪيو هو، ڪلپنا سدا سمپل لائيف ۽ هاءِ ٿنڪنگ
واري اصول تي حياتي گذارڻ ٿي چاهي، هن کي جانورن ۽
پکين سان وڏيڪ پيار آهي، هوءَ پکين جيان پرواز ۾ زندگي
جيئڻ ٿي چاهي... عجيب مگر حسين حياتيءَ جي مالڪ

جو پڌن سوڪار ڪيو، حالانڪ مون کي سڌ هئي ته شادي
بعد سڪ گهٽ ۽ ڏک وڌيڪ ملن ٿا، ائين اڪثر آءُ ڏٺو هيو
۽ محسوس ڪيو. هن شادي معمولي بيشمار مسئلن کي جنم ڏنو
سان پاڻ وٽ سڀ ڪرڻ شادي ڪري ٻار ڄڻڻ، نڀائڻ، ٻار ڄڻ
ته به مصيبت ۽ نه ڄڻ ته به خواري مڙس جي هر خواهش کي
پورو ڪرڻ، انهن جي عزيزن مائٽن سان نه چاهيندي به نڀائڻ
دنياداريءَ ۾ رهي هر وڏو ننڍو ڏک، پاڻ اجائن رواجن، رسمن ۽
رواجن جو غلام ٿي رهڻ... اهي مشڪل معاملا مون قبول ڪيا،
اوهان سان پيار جي صدقي، ليڪن افسوس، اوهان منهنجي
جذبات جو قدر ڪونه ڪيو، هاڻي مان انهي ”ڪلپنا لوڪ“
کي ٺهرائي هڪ ٻئي جي ڊول ٺاهيندس، مون کي توهان
کان سماج کان ۽ ڌرم کان به نفرت اچي وئي آهي، هڪ
ٻئي روايتي ڊول ٻوڳ ۽ تپسيا ڪندس ۽ شانتي ماڻيندس...
منهنجي نظرن ۾ اوهان ڪري پيا آهيو، انهيءَ ڪري اوهان
هاڻي ٻئيءَ جي همت ۾ ڪيئن سو مان سان مون سا
رهي سگهندا... ڪهڙي گڏجي زندگي گذاري سگهبي... ه
وقت بهتر آهي ته مون سان ڪچهري به ڪونه ڳالهايو ۽ نه ورڻ
توهان جو ڪوبه آرگيومينٽ ٻڌڻ لاءِ تيار ٿي آهيان... نيڪ
ائين ٿيندو ته هڪ ٻئي کي هن بعد ڏسون ٿي ڪونه...!!“

”سائنا، ان ڪسان وڌيڪ ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ مون ٺيڪ ڪ
سمجهيو. ڪلپنا کي روئيندو ڇڏي، همت ٿرسڪ. هوم ۾
رهڻ شروع ڪيو آهي، ڪيترا دفعا اهو به خيال آيو آهي
کو ٻرگه وڃي، هميشه لاءِ پاڻ کي هن سپنا ۽ ڪلپنا جي
دنيا کان دور ڪري ڇڏيان، مگر ٻي گهڙي ويچار ٿو اچي
جيون جو هي سمورو ڊرامون اڌورو رهجي ويندو، جيڪ
ڪيل هاڻي حالتن شروع ڪيو آهي... اهو ڏسان ته. آ

ڻدو ڪن ھليا ويو ۽ پوءِ اُن مھڻن اندر ڪئناڊا گورنمينٽ
ي انگريمينٽ اوھان جھڙي ھئڻ ۾ ھوندي... آءُ اوھان کي
ھن حالتن کان ٻاھر ڪڍڻ ٿي چاھيان، اوھان کي خوش
نند ڏسڻ ٿي چاھيان، اوھان ٽيلينٽ ڊاڪٽر، سرجن آھيو.
ڪجھ ونڊڪ ريسرچ ڊپارٽمينٽ ڪري پنھنجو ڪمال ڏيکاريو،
يون سڦل بڻايو، اوھان استري جاتيءَ کي انھيءَ گھاتڪ
ريسٽ ڪئنسر (Breast cancer) کان نجات ڏياريو، ڪيئن
ھو سڀ ٺيڪ ٿيندو...“

”ساڌنا، سچ ته تون پڻ منھنجي مائينڊ جي گائيڊ آھين!
ون اڄ مون جھڙي سرجن جي مائينڊ جو آپريشن ڪري، ان
ي ڪيترو نه رليف ڏنو آھي! او، آءُ ايم وري گريٽفل آف
ڻو... ڊيئر ساڌنا..“

... ...

اھو سڀ ڪجھ ساڌنا ڪري ڏيکاريو... اڄ آءُ ڪلپنا
۽ سپنا ٻنھي کان اڪيلو، مگر ساڌنا سان گڏ اپاھوريٽ ٿي
ٻيلو آھيان... ٻاڻ سان آشا جو منگل سوتر ڪٽيو آھي، ڪلپنا
جا وچار ۽ آھن ۽ سپنا جا خواب بس گڏ آھن...! بس ڏھن
مڻن اندر منھنجو پنھنجي آسمان ۾ ھوندو... ساڌنا الوداع ڪرڻ
لاءِ تيار بيٺي آھي آءُ دور... سپنا ۽ ڪلپنا جھڙي دنيا کان
دور... ھڪ نئين دنيا ۽ نئين ماحول ڏانھن، سڀئي ڪي پ
ھيو رڪي... وڃي رھيو آھيان. ٻاڻ سان رڳو اھا آشا ڪئين اُم ته
منھنجي ھيءَ جيون ساڌنا سان ضرور سڦل ٿيندو...!!

آهي! سائنا، هن وقت آءُ انهن ٻانهين جي لهس ۾ اچي ويو
آهيان، آءُ آڳي سان الجهڻ نٿو چاهيان، آءُ ڪلپنا ڪرڻ سواءِ
رهي نه سگهندس ۽ سپنا ڪي ڇڏي نه سگهندس، مان آڳي
جي اهڙي لهس کان دور ڀڄڻ ٿو چاهيان. تون ڪا راهه ٻڌاءِ؟
تون منهنجي پياري سمجهدار اسٽوڊنٽ ٿي نه. ٻلڪ لائيف
گائيڊ به آهين!... مان ڇا ڪريان!... ڪهڙو جيون مارڳ
وٺان؟..."

... ...

"سر، زندگيءَ جي هر مسئلي جو ڪو حل نڪري
ايندو آهي، جڏهن وقت ڪن معملن کي پيدا ڪندو آهي
انهن گهڻي قدر گهڻا مسئلا وقت سان حل به ٿيندا آهن...
توهان جو پرابلم هن موڙ تي توهان جي وس کان ٻاهر آهي
ان جو سوليوشن ٽائيم ئي ڪندو... وقت جو انتظار ڪريو...
ها هڪ سجيشن آهي ۽ هڪ ئي رستو آهي، هي ڏسو فارم
ڪئنيڊا گورنمينٽ ريسرچ ميڊيڪل پروگرام لاءِ ماهر ڊاڪٽرن
کي انوائيٽ ڪيو آهي، اوهان کي خبر آهي ته آءُ خود اهو
اهو فارم ڀري موڪليو آهي ۽ توهان به ڀريو، توهان کي چانس
آهي ته منهنجو فادر اُتي انڊين امبيسيءَ ۾ وڏو آفيسر آهي
۽ ڪئنيڊا سرڪار ۾ سندس گهڻو انفلوئنس جمل اٿس، م
جيڪو ڪجهه چاهيندو، اهو سولائي سان ڪري سگهندو
مونکي اول ئي اپائنٽمينٽ ۽ فلو شپ ملي چڪي آهي ليڪن
ڪن گهرو حالتن سبب هال ڪجهه مهينا ڪسن اها سروس جا
ڪري ڪونه سگهندس، اوهان اهو فارم ڀريو، اوهان جي
وڃڻ ۽ سروس ملڻ جو بندوبست ٿي ويندو، انگل ٿي س
کن اوهان سپنا ۽ ڪلپنا جي سنسار کان دور رهندا، اوهان
هن وقت مدراس ۾ ٿيندڙ ميڊيڪل ڪانفرنس ۽ ورڪشاپ

بي گناهه ڌوهي

اڄ ٽائيم جنوري آهي، سياڻي رماڪانت کي پونا
يل ۾ ڦاسي اچڻي هئي. انهيءَ موجب هن جو اڳئين سنسڪار
سان کي نسي ڪرڻو هيو، اهڙي اجازت ڪورٽ کان ورتي
ڃڻي هئي. انهيءَ خاص ڪارڻ سبب آءٌ، مالتي ۽ ٻبلو سندي،
ندراڻي ايڪسپريس ۾ سوار ٿي بمبئي کان پوني وڃي رهيا
ئاسين. مون، مالتيءَ ۽ ٻبلوءَ سندي کي ٻاهر ۾ ماڻهون ڳالهيون
ندو ڏٺو ۽ آءٌ ڪڙڪيءَ مان گهاٽن جا خوبصورت نظارو ڏسي
هيو هوس. اسين ٽئي پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ ايترا خوش آهيون
آنند موج ۾ جيون گذاري رهيا آهيون. پر دل ۾ هڪ بوج
هندو هيو ته، اسان رماڪانت وچاري لاءِ ڪجهه ڪري نه
گهياسين ۽ هو ٻيا ڪجهن به. ڏوهه جي ڦاسيءَ تي لٽڪايو
يو وڃي! اسين گنهگار ٻاهر گهمي رهيا آهيون، مون جون ماڻي
رهيا آهيون ۽ هڪ غريب لاچار اڳڙو جيل ۾ سڙي رهيو آهي
۽ موت جو شڪار ٿيندو! ڪڏهن انصاف ٿيسي افسوس ايندو
آهي ۽ ٻاهر ٿي ڌڪار...!!

اسان لاءِ حالتون اهڙيون هيون، جو چاهيندي به ڪجهه
ڪري ڪونه ٿي سگهياسين. جو ته مان پيار ۾ مالتيءَ سان
ڏ زندگي ماڻڻ ٿي چاهي، مالتي مون کي ڇڏڻ نه ٿي چاهيو،
مال جي اندر سنديءَ جي پيدا ٿيڻ ڪري موهه ته ڇڻ اسان
جي وڃڪ کي اصل ماڻ ڪرائي ڇڏي هئي! اسان هاڻي
ڪڏهن به قيمت تي زنده رهڻ ٿي چاهيو!

جڏهن جڏهن ملياسين،
چپ رهياسين،
ڳالهيون ڪيون اڻورليون رهجي ويون
من ۾!
جي تون ناهين، ته ڪجهه به ناهي
جيون ۾!
ڪڏهن ڪڏهن اهو خيال اچي ٿو،
من ۾!!

پشپا والڀ

ن کي پونا شهر ته ڏاڍو وڻيو هيو مگر پونا ۾ اهڙا ماڻهو
هڙي سندر چارمنگ گرل... آخر هن کي ته پاڻ ڏانهن عجب
نهاريندو ڏسي آءُ ازخود پڇي ويٺس، اوهين تيزاب واري
ڏوري دڪشت جي ڀيڻ آهيو ڇا...!"

هن کلي ڏنو ۽ مسڪرائيندي چيائين، "نه...نه آءُ مالتي
وشي آهيان. مسٽر ڪوشڪ لال جوشي منهنجو فادر آهي...
ڪر اوهين مسٽر ڪرپلاڻي آهيو نه..؟"

"ها..ها، مولي ڪرپلاڻي... مسٽر جوشيءَ جي دوست
ڇند ڪرپلاڻيءَ جو سن."

"ونڊر نائيس، اچو ويهو نه، مان ته فادر کي آفيس جي
ڪم ڪار ۾ مدد ڪندي آهيان ۽ ڪاليج ۾ پڙهندي آهيان.
وهان ڪجهه ٿڌو وغيره پيئو... بس اجهو فادر اچڻ ۾ ٿي
ونڊا..."

ايترو چئي هوءَ آفيس اندران ئي پنهنجي گهر اندر ويئي
ڏهن منٽن اندر ٽري ۾ شربت وغيره کڻي آئي، هن جو
لڻ ۽ ڳالهائڻ جي ادا ته لاجواب هئي هن جي اچڻ ئي مون
انٽوس پڇيو، "ڪيئن، اسان جا پيپرس وغيره سڀ تيار
هن...؟"

"ها اڳ پڳ تيار آهن، سڀاڻي مسٽر جوشي ۽ اهو
ڪانٽريڪٽر توهان سان گڏ سائيٽ تي هلندا، اتي اوهان کي
سڀ سمجهاڻي معلوم ڪري ڇڏيندا."

ايتري ۾ مسٽر جوشيءَ به اچي اسڪوٽر آفيس ٻاهران
بيهاريو ۽ اندر آيو... مون سان ڏاڍي خوشيءَ سان مليو... پوءِ
هن مالتيءَ کان فائيل ورتي ڪجهه ضروري ڳالهيون سمجهايون
۽ منهنجو رايو وٺي ڪي ڳالهيون نوٽ ڪيائين... ۽ پوءِ

گاڏيءَ ۾ مون کي خاموش ويٺل ڏسي، مالتي پڇيو، ”ڇا اهڙو ڪهڙو سوچي رهيا آهيو؟ بس، سڀ ڪجهه سمجهو، هڪ کهاڻي هئي رومانٽڪ جي. جيڪا اوهان جهڙا ڪيترن ماڻهن ۾ پڙهي هجي! هاڻي اُن کي وساري ڇڏيو...“

”مالتي، ٽي سال اڳ، هن ئي گاڏي ۾، شايد اڳيئي تو هن ئي سيٽ تي ويٺو هوس، مگر اڪيلو پوني اچي رهيو هوس، پونا لهي هڪ هوٽل مدهان توهان کي فون ڪئي هئي، توئي فون تي پهريون دفعو ڳالهايو هيو ۽ جواب ۾ چيو هيو ته، ”مسٽر جوشي اوهان سان منجهند جو ٻي ٻجي کان ملي سگهندو، ڪيئن ياد آهي؟“

”ها، بلڪل ياد آهي، اهي الفاظ، اهڙيون وارتائون ياد وسرڻ جون آهن، مگر گاڏيءَ ۾ وڌيڪ اهڙيون ڪي ڳالهيون نه ڪريو، ڪٿي اسان جي زندگيءَ جو ڪو راز، ڪنهن جي ڪن تائين نه پهچي وڃي...!!“

مالتيءَ جي اها چتاوڻي ٻڌي، پوءِ مون ڳالهائڻ ته ڪٽي بند ڪيو، ليڪن گذريل گهڙيائون منهنجي دماغ جي پردي تي ڪلارڪ موري جتان هاڻ اڀريون، ڦرڻ لڳيون...

...مان آٽو رڪشا تان لهان ٿو گهڙي ۾ ٽائيم ڏٺو ٻارهن ٻه لڳي ڏهه منٽ ٿيا هئا، اڃا ٻه مسٽر جوشي سان ملڻ جو وقت مقرر هيو، مسٽر جوشي ڪڏهن ٻجيءَ ۾ اسان سان ملڻ ايندو هيو... جهڙڪيو ان سان ملڻ کان مون لاءِ نئين ڳالهه ڪونه هئي. آفيس اندر داخل ٿيس، سامهون هڪ ڪلارڪ ڇوڪري ڪجهه ٽائيپ ڪري رهي هئي، هن منهن مٿي ڪري، مون ڏانهن ڌيان ڏنو، ليڪن هن ڪسي ڏسي منهنجو ڌيان ٽٽي پيو، هڪ منٽ لاءِ ڪو هوش ڪونه رهيو هوءَ جهڙا ڪا اسڪرين تي ڏٺل فلمي هيروئن لڳي رهي هئي.

اچي پهتيون، مسٽر جوشيءَ کي نارمل ڏسي هو اُٿي سرهيون
ون ۽ مون ڏانهن شڪر گذاريءَ جي نظرن سان نهاريائون
اڪٽر صاحب مسٽر جوشيءَ کي ٻه ٽي ڏينهن نرسنگ هوم ۾
ب رسيپٽ ڪرڻ لاءِ هدايت ڪئي. اُتي اچي شام جا چار
ن ٿيا هئا، مالتي ڪنهن ٻئي ڪم ڪاڏي هئي، تڏهن مسز
وشي مالتي ۽ مون کي گهر وڃي ماني کائڻ لاءِ زور ڀريو.
سان ڪري اٿڻ ڪرڻو پيو. مون وٽ وڏي رقم به ساڻ هئي،
جهن مان ڏهه هزار مسٽر جوشيءَ کي ڏيڻا هئا. مون اها
سوري رقم مالتي کي رکڻ لاءِ ڏني. مالتي کاڌو کائڻ وقت
ٻڌايو ته ان سالن کان پتاجيءَ کي هارٽ جي تڪليف ٿــي
پئي آهي، هن جي هارٽ تيز هلي هڪدم وري شاڪ ٿي
وڃي ٿي...!“

مون همدردي ڏيکاريندي پڇيو، ”ڇا، اها تڪليف اولڊ
ايج (Old age) سبب ٿي اٿس؟“

”نه...نه، منهنجي وڏي ڀيڻ سدا جي قتل ٿيڻ سبب، هن
کي سخت ڌڪو اچي ويو آهي؛ ان وقت ٿي کيس هاسپيٽل
۾ ائڊمٽ ڪرائڻو پيو هو... اوهان جو فادر به پڇڻ آيـو
هوس...“

”مالتي، اهو سڀ قتل وغيره ڪيئن ٿي ويو... ڇا ڪنهن
جي دشمني ڪري اهڙي دردناڪ گهٽنا ٿي هئي!“

”منهنجي ڀيڻ سدا جي شادي هت پونا ۾ رهندڙ هڪ
وڪيل اشوڪ ڪاڪڙني سان ٿي هئي، مگر جلد ٿي اشوڪ
جو پيار پونا جي مشهور اسٽيج ڪلاڪار مس وندنا پٽوردن
سان ٿي ويو، هوءَ سندس ڪلائنٽ به هئي، انهيءَ جي
انڌي عشق اشوڪ کي انسانيت جي درجي تان به ڪرائي

سياڻي ڏهين بجي آفيس ۾ وري اچڻ لاءِ چيائين.

مون موڪلائڻ وقت ٻنهي کان موڪلايو، ليڪن مالڪيءَ جنهن مسڪراهٽ سان موڪلايو... اها مسڪراهٽ جڻ زندگيءَ ۾ ڪو اوچتو حاصل ٿيل خزاني مثل هئي...!

... ...

درحقيقت اسان کي مهاراشٽر گ، رميمت جي بلڊنگ لاهڻ جو ڪانٽريڪٽ مليو هيو، ان بلڊنگ جو آرڪيٽيڪٽ انجنيئر مسٽر جوشي هيو ۽ پتاجيءَ جي اچانڪ سرڳواس ٿيڻ سبب اسين اهو وڏو ڪانٽريڪٽ مسٽر جوشيءَ جي نظرداري هيٺ اي هڪ ڪانٽريڪٽر جي حوالي ڪري رهيا هئاسين، اسان کي چڱو فائدو اُووقت نـي ملي رهيو هيو، جنهنڪري مان هاڻي ڪنهن گهٽي جهجهٽ ۾ پاڻ کـي ڦاسائڻ ڪون ٿي چاهيو، رڳو بمبئي جي آفيس جو ڪم ڏسڻ ٿي چاهيو، جيستائين مون کـي شخصي آزمودو وغيره ٿئي. مسٽر جوشي پتاجي جو وشواس پاتر هتو بـڻ هيو، ان ڪري هن معملي طئه ڪرڻ ۾ گهٽي ديـر ڪونه لڳي، بس ساڍهت ٽـي ٻـڄن ڪلاڪن اندر ڪم پورو ٿيو. اسان ڪانٽريڪٽر جـي آفيس مان ڪئش رقم بمبمدت ولي آرام سان ۾ موٽي رهيا هئاسين مون کي اڃا ٻه ڏينهن کن باقي ڪم ڪار لاءِ پونا ۾ رهڻو هيو مسٽر جوشي سان وهنواري ڪاروبار جون ڳالهيون ڪندو ٿي آيس، جو ڪ اڄ لنچ هن سان گڏ سندس گهر ۾ ٿي ڪرڻي هئي. اسين رستي تيءَ هئاسين ڪ اچانڪ مسٽر جوشيءَ کي چاليءَ ۾ ڪجهه سور محسوس ٿيو ۽ يڪدم پوسان آئل هڪ نرسنگ هوم ۾ ڪٽي پاڻ کي داخل ڪرائڻ لاءِ چيائين، ٻوءَ گهر ۾ فون ڪرڻ لاءِ چيائين، ڪنڪ کن اندر مسز جوشي ۽ مالڪ

...س، هن مهل لاٿين، منهنجيءَ دل ۾ بدلي جي آڳ ڀڙڪي
...ي هئي، مگر اوهان کي ڏسي ڪالهه کان الائي ڇو من ۾
...هان لاءِ وشواس ۽ پيار جو غيبي ڀاو پيدا ٿيو آهي، اوهان
...ي دل جي بات جو جواب رستي تان هلندي ڏيندي ٿي
...لان..."

...پوءِ اسين اٿـو رڪشا ڪري نرسنگ هوم ڏانهن هلياسين،
... رستي تي مالتيءَ مون کي اهڙ لاءِ چيو ۽ ڪجهه
...فاصلو پند ڪرڻ بعد هن دور کان هڪ بنگلو ڏيکاريو ۽
...ڏايو ته اهو بنگلو اشوڪ ڪلڪرنيءَ جو آهي جنهن جو نالو
...ن وقت "ونڊنا ڪاٽيج" آهي. بنگلي جي لان ۾ ڪلڪرني
...ر رات جو ڏهين بجي ڪانپوءِ ويهي شراب پيئندو آهي ۽ گيت
...نگيت ۾ ٻڌندو آهي... بنگلي جي ڪمپائونڊ جو هڪ
...ڪارڻ وارو حصو پڪل آهي، اتي هڪ لوهه جو پائيپ لـ
...ڪيل آهي، اتان تي هن پنهنجن ماڻهن کي موڪلي اسان
...ي سدا جو خون ڪرايو هيو، اهو ڪانڊ واري آءُ رهيت
...ڪرڻ ٿي چاهيان، اڄ رات اتان گهڙي آءُ، انهيءَ پائيپ سان
...شوڪ ڪلڪرني کي ختم ڪرڻ ٿي چاهيان، اتي ڪجهه
...وت ۽ ٻيون چيزون لٽي ڪري ڇڏيون آهن ۽ وري انهيءَ
...ڪجهه تان پڇي نڪرڻو آهي. چپ چاپ اچي نرسنگ هوم ۾
...ات پر آرام ڪندس، ڊاڪٽر کي قتل کان اڳ ۽ پوءِ جي
...حالت ۾ پنهنجي حاضري ڏيکارڻي آهي، اهڙي نموني، ساڳي
...مولي، ساڳي بنگلي ۾ هڪ ٻيو پرفيڪٽ مرڊر ٿيندو جيڪو
...مون کي ڪرڻو آهي ۽ مون کي پنهنجو بدلو وٺڻو آهي! انهيءَ
...جوکم ۾ انڊ ونيو سمجهان اگر آءُ بچي نڪتس ته توهان سان
...شادي ڪندس، اوهان کي مگر انهيءَ خطري ۾ مون سان
...ڪڏ رهڻو پوندو، ساٿ ڏيڻو پوندو ڇو ته... آءُ آخر لـه هڪ

ڇڏيو ۽ پنهنجي گهر اندر قدرت جو ناٽڪ رچائي، اسان جي پنهنجي سڌا جو موڙ ڪرائي ڇڏيو. اهو هڪ قسم جو ٽريجڪ موڙ ٿيل هيو، جنهنڪري ڪيس ڪونه ٻڌو، هن وقت مسٽر ڪلڪرڻي ۽ وندنا موج مستيءَ ۾ شادي ڪري زندگي گذاري رهيا آهن... اسين ٻئي مگر اهڙي صدمي سبب سخت دکي آهيون... !"

"مالتي، مون کي بيحد افسوس آهي جو تنهنجي مٿي مسڪراهٽ پليان اکين ۾ درد جا آنسو به ڏسي رهيو آهيان، ليڪن آءٌ چاهيان ٿو جيڪر انهيءَ دک منجهان توکي پار ڪرائي سگهان، ڪاش جيون ڀر جون خوشيون توکي ڏئي سگهان..."

"مسٽر گرباڻي، منهنجي جيون ۾ شايد وري خوشيون واپس اچڻ ممڪن نه آهن...!"

"مالتي، مون توکي ڪالهه ڪان ڏٺو آهي، تو لڳي ٿو جڻ سموري دنيا تو منجهه اچي لڪي آهي، آءٌ فارنين ۾ رهي آيو آهيان، ڪاليج ۾ ڪيترن ڇوڪرين، منهنجي شڪل صورت ۽ هستي ڏسي، پنهنجو پاڻ سائي پڻائڻ جي آفر ڪئي آهي، بيحد خوبصورت دنيا ڏٺي آهي، زندگيءَ کي قريب سان ڏٺو ۽ جاچيو آهي..."

مالتيءَ وچ ڪٽيندي گهڙيءَ ڏانهن نهاريندي چيو، "مسٽر گرباڻي جي، اسان کي هاڻي نڪرڻ گهرجي. هوم ڏانهن هلڻ گهرجي..."

"ها، هلڻ گهرجي ليڪن مالتي مون اڃا نه پنهنجي بات پوري ئي ڪونه ڪئي آهي!"

"آءٌ، اوهان جي ڳالهه پوري ڪرڻ بدائي پوري سمجهي

توهان لاءِ ڪي ساٿي ڏهين بجي ايم. جي چوڪ تي بيٺا هوندا،
اُتان الڳ الڳ آٽو رڪشا ۾ چڙهي ان رستي تي موڙ وٽ لهڻو
آهي، جتي شام جو لٿا هئاسين، اُتان اڳيان آءُ هلندس ۽
پٺيان اوهان هلندا ايندا... ٺيڪ آهي، هاڻي توهان سڀ وڃو ۽
گهر ڏانهن هلو..."

سڀ ڪجهه پلان مطابق ٿيو، مگر انهيءَ سموري ڪانڊ ۾
هڪ عجيب گهٽنا ٿي وئي، جنهن وقت اسين بنگلي جي
ڪمپائونڊ وٽ پهتاسين ته، ان گهڙيءَ هڪ شخص مسٽر
ڪلاڪوٽيءَ کي وڏي رقم ڏيئي وڃي رهيو هيو. انهيءَ شخص
جي ڪار ۾ ٻاهر ويندو ڏسي، اسان هڪدم آهستي اندر داخل
ٿياسين. ٺيڪ ان گهڙي نوٽ ڳڻي ڪلاڪوٽي اهي سڀ پاسي
۾ رکيل اٽيچي ڪيس ۾ وڌا ۽ هڪدم پنهنجي نوڪر رماڪانت
کي سڏي چيو ته، "هيءَ بيگ نوٽن سان ڀريل آهي، مسٽر
صاحب کي وڃي ڏي ته سنڀالي رکي..."

ايترو ٻڌي رماڪانت بيگ کڻي اندر ويو ۽ اسين ان وقت
اوندهه واري ڪاريڊور مان نڪري بلڪل ڪلاڪوٽي جي پٺيان
پهتاسين، مون ڦڙتائي سان مالتيءَ کان لوهي پائيپ کسي
ورتو ۽ اکين ڇنڀ ۾ زور دار ٽي وار ڪري ڪلاڪوٽيءَ جو
خاتمو ڪري ڇڏيو، رڙ ٻڌڻ سبب رماڪانت ڏاڪڻ وٽان
واپس موٽي آيو ۽ نڪتو ته هن جو پير ترڪي ويو، هٿن مان
سندس بيگ پري وڃي پيئي. بيگ کلي وئي ۽ ان مان
نوٽن جون ٿهيون چوطرف ڦهلجي ويون، اسان ان وقت وڃائڻ
جي پائيپ کسي رومال سان اگهي، ان کي اتي ڦٽو ڪري،
واردات واري جڳهه تان ٻاهر نڪتاسين، اسان بلڪل سلامتيءَ
سان نڪري نرسنگ هوم وٽ پهچي وياسين، مالتي پهريائين
ڊاڪٽر صاحب سان ملي آئي ۽ پوءِ مون کي رقم وارو

ڇوڪري آهيان، ڪالڪوٽيءَ جو ڪم تمام ٿيڻ بعد اوهان کي هي شهر ڇڏي نڪتي ٻاهري ڏانهن واپس هلڻو وڃڻو آهي ۽ مون کي نرسنگ هوم ۾ ڀيڄڻو آهي ورنه اينڊر آرڪوار ڏانهن سلامت هوندس ته اوهان سان ٻهاڻيشور ۾ ملندس. اُتي اوهان اسان شادي ڪرڻ جو واعدو پورو ڪندس ۽ پوءِ جيئين اوهان آکيا ڪندا... بس مون اوهان اڳيان پنهنجي رمز رکي... هاڻي اوهان پنهنجي اڌوري ڳالهه، جنهن کا گهر ۾ ڪئي ٿي، اها پل پوري ڪريو...!"

مون سڀ ڪجهه ٻڌو ۽ سمجهيو، گهڙي عجب ڪائڻ جي ڳالهه هوندي ته مون اصل ڪونه گهٻرايو... مون مالتيءَ جو هٿ پڪڙيندي چيو، "مالتي، هاڻي توکانسواءِ جيئڻ مون کي نه منظور ڪونهي... هر قدم تي ساٿ ڏيڻ آهي، هاڻي اسان زندگي يا موت گڏ رهنداسين... آءٌ هر طرح تيار آهيان..."
پوءِ اسين خاموش اچي نرسنگ هوم ۾ پهتاسين

... ...

رات جو اٺين بجي مسز جوشي ۽ مالتي ٻئي پنهنجي گهر ڏانهن وڃڻ لڳيون ۽ فيصلو ٿيو ته. مالتي ٺيڪ رات جو ڏهين بجي ٽانڊين رسوئي ۽ منهنجي رقم ڪڍي واپس ايندي ۽ اها رات هوءَ نرسنگ هوم ۾ ڊاڪٽر جي سنڀال لاءِ رهندي ۽ پوءِ مون کي روانو ڪندي، آءٌ رات جو هوٽل ۾ وڃي رهندس ۽ سڀاڻي واپس ٻمبئي هلڻو پوندس...

ليڪن اٺين ئي ٿيو، اڃان سان ئي مالتي ڊاڪٽر صاحب کي ڪمري ۾ ولهي آئي ۽ ڊاڪٽر مسٽر جوشيءَ جي چڱي طرح جاچ ڪئي. ان وقت مالتيءَ مون کي وڃڻ جي اجازت ڏني، مگر ٻاهر اچي ڏاڪڻ وٽ مالتيءَ آهستي چيو ته،

...ھر ۾، ليڪن سدا جي شاديءَ بعد، سدا جي سفارش سان ...رماڪانت کي مسٽر ڪلڪرڻيءَ وٽ نوڪري ملي ويئي ۽ ھو ...سي وفاداريءَ سان سڀ ڪم ڪار ڪندو رھندو ھيو ۽ ر ...ڏھن ۾ مسز وندنا کي رماڪانت ڪوڻ وٺندو ھيو. اڄ ھن ...ي ھٿن ۾ ٽائيپ ۽ نوٽن جو کليل بريف ڪيس ڏسي، ڪيس ...قين ٿي ويو ته سندس پتيءَ جو قاتل رماڪانت ئي آھي ۽ ...وندنا سڀ ثبوت پيش ڪري ھن کي مجرم ثابت ڪرايو.

اسان رماڪانت کي اڻ سڌي نموني بچائڻ جي ڀيڊ ...ڪوشش ڪئي مگر ڪوڙا شاھد ۽ وندنا جو اکين ڏٺو بيان، ...رماڪانت کي قاتل ٺھرائي ڇڏيو ھيو!

ھاڻي رماڪانت کي ڦاسيءَ جي فتوي ملي چڪي ھئي!!

... ...

ڏھن ڏينھن رماڪانت کي ڦاسيءَ جي سزا ٻڌائي ...ويئي، ان ڏينھن اسان جي ٻئي سنڌيءَ جو جنم ٿيو ھيو!

اسان اشوڪ ڪلڪرڻيءَ جي خون ڪرڻ بعد، پنھنجي ...قاعدي موجب ھفتي ڪان پوءِ مھابليشور جي اپسرا ھوٽل ۾ ...رھياسين، مالتي پنھنجي ماءُ ۽ پيءَ سان اول ئي اُتي پھچي ...ويئي ھئي. مان ۽ پنھنجيءَ ماءُ ۽ وڏي ڀيڻ کي ساڻ وٺي ...يو ھوس. اولھ مھابليشور جي وناڪ مندر ۾ اسان ٻنھي جي ...پنڊيءَ موجب شادي ٿي ويئي...

شادي بعد ٻيا سڀ ٻونا ھليا ويا مگر مالتي ۽ مان ڪجھ ...ڏينھن واسطي پڇي ڪئيءَ ۾ ھني مون ملھائيندا رھياسين ائين ...ي ھني مون جا، پيار محبت شرارت جا رنگين نظارا اکين ...سامھون ڦري رھيا ھئا ته ايتري ۾ اندراڻي ايڪسپريس اچي ...سواجي نگر ريلوي پليٽفارم تي بيٺي، آءٌ اھو ڏسي ڇرڪ

پوليس کيس هٿن ۾ ڪڙي ڏنو ۽ جلدي بمبئي ڏانهن نڪري وڃڻ لاءِ آگاهه ڪيو، ۽ پوءِ مان هوٽل منجهان پنهنجو سامان وغيره کڻي ٽئڪسي اسٽينڊ تي پهچي بمبئي پونا ڏانهن ويندڙ ٽئڪسي وسيلي پنهنجي گهر سک سان اچي پهتس.

... ...

هوڏانهن رڙين واڪن تي مسز وندنا ڊوڙندي ٻاهر باغيچي ۾ پهتي، هن ڏٺو ته مسٽر ڪلڪرڻي رت جي ڍنڍ ۾ ڦٿڪي رهيو هو. رماڪانت جي هٿن ۾ لوهي پائيپ هيو، جيڪو وندنا کي ڏيکاري رهيو هو ۽ هن کي پيگ گلاس جا ڪاچ ٽڪر پيرن ۾ لڳا هئس، هو هيڏانهن هوڏانهن پسي رهيو هو، چوطرف نوٽ ڦهليا پيا هئا، آخرين وقت اشوڪ ڪلڪرڻي، رماڪانت ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌايو ته، "هن کي سڀ خبر آهي..." ايترو چئي اشوڪ اتي جو اتي دم ٽوڙي ڇڏيو...

رماڪانت پنهنجي پير منجهان ڪاچ ڪڍندي وندنا کي ٻڌايو ته "هن پائيپ سان صاحب جو خون ڪري شاهينگ هتان ڀڄي ويا ليڪن مسز ڪلڪرڻيءَ کي ان ڳالهه جو ذرو به وشواس ڪونه آيو، وندنا واردات تي آيل پوليس کي بيان ڏنو ته، "رماڪانت وڏي رقم جي لالچ ۾ منهنجي مسٽر اشوڪ ڪلڪرڻيءَ جو خون ڪيو آهي، مگر قتل جي چڪتاڻ ۾ ڪاچ لڳڻ سبب هن کي ڀڄڻ جو وجهه ملي ڪونه سگهيو آهي، جنهن ڪري هو سگهو سوڌو پڪڙجي پيو آهي."

وندنا جي اهڙيءَ اسٽيٽمينٽ رماڪانت کي بند ڪرائي ڇڏيو...

مسز وندنا کي رماڪانت ۾ هميشه گمان رهندو هيو، ڇو ته اصل ۾ رماڪانت نوڪري ڪندو هيو، مسٽر جوشيءَ جي

High society   هاءِ سوسائٽي

پنهنجو وزٽنگ ڪارڊ اندر موڪليو هئو، انتظار
ئو پس صاحب سان ملڻ جو، هن صاحب پنهنجا ٻه ڪيس
پنهنجي حوالي ڪيا آهن، پنهنجو ليگل ائڊوائيزر طور مقرر
ڪيو آهي حالانڪ هو ساڻن جونيئر وڪيل آهيان، مگر منهنجو
سينئر وڏو وڪيل صاحب سرگواس ٿي چڪو هئو جنهن
ڪري عن هئو وچاڻي صاحب، مون لاءِ ٿي چانس ڏنو آهي.
هون پرائيويٽ ملاقات ۾ وچاڻي صاحب، مون ڏانهن چڱو
اظهار ڪيو.

هن اول مون کي پنهنجي ول (Will) دستاويز تيار ڪرڻ
زور ڀريو. پوءِ هن پنهنجي ڪيبن اندر ٿي اسڪاچ پيالو
تيار ڪيا ۽ مون کي پنهنجون ول پاليسس بيان ڪندو ويو.
ها ول حقيقت ۾ ڪوڙ هئي، مگر صاحب جڏهن پنهنجي دل
ري کهاڻي بيان ڪئي. مگر آءٌ قانوني پاليسس انهن منجهان
وت ڪندو ويس، سڀ سندس اچاڻون سمجهندو ويس پوءِ
و گهڻو وقت ڪجهه پڇاڻي ڪوڙ سگهيو، سندس اکين ۾
ٽي اچي ويو. هن ڪال بيل وڄائي ڊرائيور کي گاڏي ڪيرڻ
ع ڏنو ڪيو، مون کي به ساڻ وٺي هليو... آهس ۽ سندس
ان سڀ ڪجهه لاجواب آهي!

... ...

هاڻي ڪئبن اندران ڪال بيل وڳو، چپراسي مون
ي اندر وڃڻ جو اشارو ڪيو. اندر گهڙندي مون کي پهنڊ

پوري سڃاڻپ نٿس، مالڪي ۽ سڀئي ڪسي ۾ اُنهن مڙني سڃاڻپ ڪيو ۽ ڳالهين مان اهي پتا پياسين.

مسٽر جوشيءَ جي گهر پهتاسين ته هن ٻڌايو ته، ”رماڪانت کي ڦاسي ڪونه ايندي، ڇو ته هو سخت بيماريءَ جي حالت ۾ هاسپيٽل ۾ زيرِعلاج آهي، هو جيستائين ٺيڪ ڪونه ٿيو آهي تيستائين ڦاسي جي سزا ڪورٽ مهمل رکي آهي.“

۽ اهو ٻڌي اسان ڄڻ سامت جو ساهه کنيو.

... ...

اڄ جنوريءَ جي ويهين تاريخ ٿي چڪي هئي، اسان پونا ۾ ڏهه ڏينهن رهڻ بعد واپس بمبئي ورڻ جي تياري ڪري رهيا هئاسين ته هاسپيٽل مان پوليس جو فون آيو ته، ”اڄ رات رماڪانت جو هاسپيٽل ۾ هارٽ فيل ٿيڻ سبب موت ٿي ويو آهي ۽ سندس لاش اوهين حاصل ڪري سگهو ٿا.“

اها خبر ٻڌي، اسان آسمان ڏانهن منهن ڪري ايشور جي انصاف جا شڪرانا مڃيا... ڇو ته هڪ بي گناهه ڏوهي ڦاسيءَ جي سزا کان بچي ويو!

ليڪن موت کان ته بچي ڪوبه ڪونه ٿو سگهي!!

”ايڪ آهي، تڏهن هوندي به اهي پئسا مون لاءِ ڪافي
لائنس نٿي سگهن ٿا.“

”مئڊم، آءٌ ڄاڻان ٿو سمجهان ٿو اهي پئسا اوهان لاءِ ڪارائتا
ٿي سگهن ٿا. هاڻي جڏهن چئِين پورو ٿي چڪو آهي ته
انهيءَ کي اڳتي وڌڻ ڏيو، اوهان کي پيا سمورا ڪيس هٿ
۾ ڏيان ٿو، ليڪن هن صاحب جي ول پئسا، هڪ
سيڪيورٽ ڊاڪيومينٽس آهي، جيئن ڪي آءٌ، اوهان جي
حوالي ڪرڻ ٺيڪ ٿو سمجهان... اوهان باقي چاهيو ته مون
کي پيا اي ڪنهن ڪي پنهنجي انٽرپرائيز جو صلاحڪار مقرر
ڪري سگهو ٿا...“

”آءٌ، اوهان کي اسي پنهنجي سموري ڪاروبار واسطي
صلاحڪار اپائنٽ ڪري سگهان ٿي، ليڪن، اهي ول پئسا
منهنجي حوالي ڪريو، انهن پئسن واسطي، اوهان کي فيس
۾ اي چڱي رقم آءٌ ڏيڻ رهي آهيان.“

”مئڊم، منهنجي دل نٿي چاهي ته هي پئسا اوهان
کي ڏيان، هي پئسا اوهان لاءِ پنڌرا پاڪس ڪوڙ جو ڪم
ڪندا، هن پئسن مان، هن وقت، ڪنهن کي به ڪجهه حاصل ٿيڻو
ڪونه آهي، رکو هي ول، ماڻهن اوهان لاءِ مونجهارو پيدا
ڪندي... منهنجي اوهان کي درخواست آهي ته اها ول
اوهين نه پڙهو ۽ اوهين پنهنجي باقي زندگي ڪنهن ڪرائتي
ڪم ۾ لڳائي ڇڏيو... مسٽر وڏاڻي پنهنجو جيئن داستان، مون
کي ٻڌايو ڪيو هيو...!“

”او... سمجهيو، اوهين، اها ول ۽ پئسا پاڻ وٽ رکي
مون کي بلڪل ميل نٿا ڪرڻ چاهيو... بدلو، گهٽ رقم اوهان
کي گهرجي، اهي پئسا هٿ رکي ويو ۽ ڪمشن وٺي روانا ٿيو.“

ڏٺڪو اچي ويو سڀ ڪجهه ڏسي حيرت لڳي، سامهون واري ڪرسيءَ تي هڪ وچولي عمر واري ليڊي ويٺي آهي. بلڪل صاف، سفيد ريشمي پوشاڪ ۾، ڪرسي جي بلڪل مٿان وچاڻي صاحب جو مسڪرائيندڙ شاندار فوٽو ٽنگيل پيو آهي ۽ ان مٿان تازن گلن جي مالها لڙي رهي هئي. هڪ ساعت آءٌ بت بڻجي اتي ئي رهيس..

ڏٺو هن سامهون واري ليڊيءَ ڏيري آواز ۾ چيو ته، ”اهو سوڳوارسي مهنجو مڙس آهي، گهڻي شراب پيئڻ سبب، اٺ هفتا اڳ هن ڪرسيءَ تي ويٺي ويٺي ئي سڀ ڪجهه سماپت ٿي ويو!“

مون چوڪ پوندي چيو، “ O . I am very sorry! ” اوهين مسز وچاڻي آهيو؟ “

”ها، ويهو“ هن ڪرسيءَ ڏانهن اشارو ڪيو.

مون ويهندي کيس ٻڌايو ته، ”مان اصل پرياڻي ودوڪيٽ هاءِ ڪورٽ آهيان، صاحب جن ڪيس ڏنا هئا ۽ پنهنجي ول پيپرس تيار ڪرڻ لاءِ چيو هئائون... ليڪن سندن وڪيشن سبب ڪورٽ بند هئي ۽ مان پنهنجي فئمليءَ سان مائونٽ ابوءَ سير لاءِ ويو هوس، اهي ئي سندس ڪيس ۽ ول پيپرس واپس تيار ڪيا آهن. هت هڪ بِل پورو ٿئي ويو آهي ۽ مون کي ڪاله چارج ڪونه پهتي آهي...!!“

ان بعد مسز وچاڻي چيو ته، ”اوهين اها ول ۽ ٻيا پيپرس مونهنجي حوالي ڪيو ۽ پنهنجي في وٺي سگهو ٿا.“

”معلوم، اهي ول پيپرس، فقط ٽائيپ ٿيل آهن، صحي ٿيل ڪونه آهن.“

“And you know unsigned papers hav got no values at all.”

پنهنجيءَ شيلا جي فادر هن ئي ڪارخانو پاڻ خريد ڪيو، ۽ پوءِ پنهنجيءَ ڌيءَ شيلا جي چاهنا پوري ڪرڻ لاءِ مون کي به خريد ڪيو ويو ۽ پنهنجو داماد (Son in law) ڪري مونکي مقرر ڪيو ويو.

ليڪن منهنجو پيار ۽ اقرار ڪاليج لائيف کان مس پوليءَ سان هيو. آءٌ مجبور هوس مگر ڪڏهن به مون پوليءَ کي ڪونه وساريو ۽ نه هوءَ مون کي ڀلائي سگهي، جنهن ڪري اسان سيڪريٽ مئريج (Secret marriage) ڪري ڇڏي ۽ اسان کي هڪ پٽ به ٿيو آهي اهو هن وقت ارڙهن سالن جو مسٽر منوج وڃاڻي آهي، آءٌ سمورو ڪارخانو ۽ ڪاروبار پنهنجي ول مطابق، انهيءَ جي حوالي ڪريان ٿو ۽ باقي بنگلو سي سموري ملڪيت شيلا ۽ پنهنجي ڌيءَ نيلما جي نالي ڪريان ٿو...“

مون ول پڙهي پوري، اها مسز شيلا ڦاڙي ڏانهن اُڇلائي ڇڏي...

پنهنجو پرنٽ ڪيس کڻي ورتو ۽ ڪيس ڇيو ڪ، ”هن ول جي هڪ ڪاپي اڳواٽ مسٽر منوج ۽ ان جي مدر پوليءَ ڏانهن موڪلي ڇڏي آهي، حالانڪ، اهي اوهان کي ڪجهه ڪري نه سگهندا ۽ نه ڪا ورڪ دعويٰ ئي ڪري سگهندا! مگر هي به لک روپيا گهٽ ۾ گهٽ هنن جي ڪافي ضرورت پوري ڪري سگهندا... منهنجي مارڻ سان اوهان کي ڪجهه به هٿ ڪين ايندو...

پاڻ باقي زندگي پنهنجي پوليس، اياه ڪندا. ڇوته پاهر منهنجو جونئر وڪيل به ويٺو آهي. اوهان وڪيل کي ڪيس سان خريد

"مقدم، منهنجو ارادو اصل اهڙو ڪونه هو. جيئن اوهين سمجهو ٿا. مگر، هن کان اڳ، اوهين منهنجي واسطي، پتي ٻار، گهر سنسار ۽ ڪاروبار سڀ خريد ڪيو آهي، انهيءَ پوءِ سرڳواسي پتيءَ جي ول به اوهين خريد ڪري سگهو ٿا... هن ول پيپرس جي قيمت ٻه لک روپيا آهي، اميد ته اها رقم اوهان لاءِ وڏي ڳالهه نه هوندي...

"وڪيل صاحب، قيمت وڏي آهي، مون وٽ خريد ڪرڻ جا پيسا به وسيلا آهن... ليڪن هن وقت اهڙي موڊ ۾ ڪونه آهيان... اڄ، ڏسڻ ٿي چاهيان ته منهنجي سرڳواسي پتيءَ جون ڪهڙيون اڳاڻون ۽ ارادا هئا... اهي، مون لاءِ ڄاڻڻ ضروري آهن. انهيءَ ڪري اوهان کي امانت به لکي ڪوشش ۾ لڳي رهي آهيان..."

۽ پوءِ مسز وڃائي اٿي، سيف کوليو ۽ روپيا ڪڍي، مون اڳيان رکيا...

اهو ڏسي مون پنهنجو بريف ڪيس کوليو ۽ هڪ فائيل ڪڍي مقدم جي سامهون رکيو... ۽ نوٽن جا بنڊل سنڀالي، پنهنجي بريف ڪيس ۾ رکيا...

ليڪن انهيءَ وچ مسز وڃائي ٽيبل جو دراز کولي پستول ڪڍي ورتو ۽ منهنجي سامهون جهليندي وڙهڻ لاءِ اشارو ڪيو ۽ حڪم ڪيائين. "پيپرس پڙهڻ شروع ڪر، هن ۾ ڇا لکيل آهي ۽ توهان کي ڇا ڇا بيان ڏنو اٿائين ۽ اهو بريف ڪيس به منهنجي حوالي ڪر."

مون الٽين لي ڪيو ۽ پوءِ پيپرس پڙهڻ شروع ڪيا. هي ڪارخانو (Star papers mills) منهنجي پيءُ جي ملڪيت هئي، مگر عيش عشرت ۽ شراب جي خماريءَ ۾، پنهنجيءَ


زندگي ڇا آهي؟
مون کي خبر نہ آ،
زندگي زهر آ،
عيش جو سامان آ،
خدائي جلوو آ،
يا زندگي راز آ،
بس، اڻهڻجو مڻهڻجو آواز آ
زندگي .. ؟

ساڌو آهوجا

ڪري سگهو ٿا، مگر هڪ ايماندار وڪيل جو وس کان ٻاهر
ڪري ڪونه سگهندا...

۽ پوءِ آءٌ پنهنجو ٻيو ڪيس کڻي روانو ٿيس، پنهنجي
نگاه واري ڏانهن ته مسز وچاڙي جي زهر جو ڏڪ ڀري،
اهي پيرس ڦاڙي ٻوڙا ٻوڙا ڪري نوڪريءَ ۾ ٿڪو ڪري
ڇڏيا...

* * * *



ڀاڙي، پيار، ڀروسو
ته ملندا اگر...؟
پوءِ قدر پوندو...!
ڪل پوندي...!
اڪيو ساٿين ٿيندين...
موس اندڪار ۾ گماهه
ڏسڻو، ڪرڻو، ڀوڳڻو پوندو.. !!
ڀاڙي، پيار، ڀروسو
ملندا اگر ته ؟
جيون ۾، مان، ايمان، موج آنند ملندو پيو...!
ڀاڙي پيار، ڀروسو
املهه آهن... ڇو؟
املهه زندگيءَ کي... ملهه ڏين ٿا.. !!

"آنند"



”پيار ۽ ڌڪار من رُوپي ساڳي سڪي
جا ٻه الڳ پاسا آهن. انسان پيار ۾
هڪ اهڙي نشي جي خمار ۾ رهندو
آهي جو پريم ۾ ڏونگر به ڏاري ڇڏيا
آهن، سڪ جي لهس ۾ انسان آڳ جا
درياهه به پار ڪيا آهن ۽ اُف به ڪان ڪئي
اٿس!
ساڳي نموني ساڙ ۾ به ماڻهو اهڙي
انڌ ۽ آويش ۾ اچي ويندو آهي جو ماڻهوءَ
منجهان سڀ شناس ۽ مريادا موڪلائي
ويندي آهي پوءِ آدمي جڻ ڪنهن حد
تائين آدمخور حيوان بڻجي ويندو آهي!“
- آنند

NAAZ-O-ANDAZ

BY HINDUJA NAND "ANAND"

SADANAND PUBLICATION